ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) خميس 08 آڪٽوبر 2026ع 25 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (54)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Thursday 8th October 2026

آمريڪا-ايران جنگ سبب پاڪستان ۾ غربت وڌي وئي، عالمي بئنڪ جا ڇرڪائيندڙ انگ اکر جاري

فيبروري 2026ع ۾ ايراني تڪرار ۾ شروع ٿيل تڪرار سبب پاڪستان، افغانستان، وچ اوڀر ۽ اتر آفريڪا تي ٻڌل خطي ۾ روزگار جا وسيلا متاثر ٿيا آهن، نتيجي ۾ گهرن ۽ بنيادي ڍانچي کي نقصان پهتو

هن خطي ۾ روزانو 3 ڊالر کان گهٽ آمدني تي زندگي گذاريندڙ ماڻهن مان لڳ ڀڳ 48 سيڪڙو پاڪستان ۾ رهن ٿا، انساني سطح تي به وڏي قيمت پوڳڻي پئجي رهي آهي

لبنان، پاڪستان، شام ۽ گڏيل عرب امارتن ۾ پيٽرول جي اگهن ۾ 40 سيڪڙو يا ان کان وڌيڪ واڌ ٿي آهي، جڏهن ته ڊيزل جي قيمت لبنان ۾ 80 سيڪڙو کان مٿي اضافو ٿيو

گهڻن تي حڪومتي ڪنٽرول ۽ سبسڊيز واهپيدارن کي فوري اثرن کان ڪنهن حد تائين تحفظ فراهم ڪيو، پر ان جي نتيجي ۾ حڪومتن تي مالي دٻاءُ وڌي ويو، قرضن جي شرح به وڌي وئي

پاڪستان ۾ احتجاجي مظاهرا به ٿي رهيا آهن، پاڪستان ۾ غربت جي شرح 2018-19ع کان 2024-25ع دوران روزانو 3 ڊالر جي غربت واري لڪير جي حساب سان 6.4 سيڪڙو پوائنٽس آهي

وچ اوڀر، اتر آفريڪا، افغانستان ۽ پاڪستان (MENAAP)دنيا جو واحد خطو آهي، جتي غربت جي شرح ڏيا ڪان اڳ واري سطح کان اڃا به وڌيڪ آهي ۽ مسلسل وڌي رهي آهي: عالمي بئنڪ جي رپورٽ

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) عالمي بئنڪ جي جاري ڪيل نئين رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته فيبروري 2026ع ۾ ايراني نار ۾ شروع ٿيل تڪرار سبب پاڪستان افغانستان، وچ اوڀر ۽ اتر آفريڪا تي ٻڌل خطي ۾ ماڻهن جا روزگار جا وسيلا متاثر ٿيا آهن ان جي نتيجي ۾ گهرن ۽ بنيادي ڍانچي کي نقصان پهتو آهي جڏهن ته انساني سطح تي به وڏي قيمت پوڳڻي پئجي رهي آهي رپورٽ ۾ انڪشاف ڪيو
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب پاور سيڪٽر جي اسٽيئرنگ ڪميٽي جي گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

پيٽرول ريپو 82 پئسا مهانگو، ڊيزل جي قيمت ۾ 91 پئسا لاٿ

اسلام آباد (م د) پيٽروليم ڊويزن پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، آئل اينڊ گيس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) وفاقي
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف پاران اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب ڪارروائي تي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب ڪارروائي ۾ فتنة الخوارج جي 13 دهشتگردن کي جهنم پهچ
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد تي ڪاهه روڪڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آڻينداسين، شهر کي ڪنهن جي رحم ڪرم تي نٿو ڇڏي سگهجي: وزير دفاع

جيڪڏهن اسلام آباد تي ڪاهه ڪرڻ جي ڪا به ڪوشش ڪئي وئي ته رياست پنهنجي سڀني آئيني، قانوني ۽ انتظامي وسيلن کي استعمال ۾ آڻيندي ان جو مقابلو ڪندي: خواجه محمد آصف

وفاقي حڪومت جي پهرين ڪوشش اها ئي آهي ته ڪنهن به انتهائي يا آخري آپشن طرف نه وڃڻو پوي، پر ڪو ٻيو رستو نه بچيو ته پوءِ حڪومت جو نه رڳو آئيني پر اولين قومي فرض پڻ آهي

ڳالهين جي معطلي ۽ ناڪامي تي ڳالهائيندي هن جي ڏي وٺ، اسلام آباد تي جيترا پيرا چڙهائي ڪئي وئي، ان جي پويان تحرڪ تحريڪ انصاف جي صوبائي حڪومت جي اندروني سياست رهي آهي

عولم ۾ ايترو سياسي شعور اچي چڪو آهي ۽ انهن جي ڌڙي جي سياست کي مڪمل طور تي رد ڪري ڇڏيو، پنجاب مان پي ٽي آءِ جا قومي اسيمبلي جا ميمبر احتجاج سان مڪمل طور تي غير حاضر رهيا

صوبائي قيادت ملڪ دشمن قوتن ۽ طالبان سان گڏجي وفاق تي حملي جي حڪمت عملي ٺاهي رهي آهي، طالبان پاڪستان جا ڪليل دشمن آهن جن جا هٿ هزارين پاڪستانين جي رت سان رنڱيل آهن

خيبرپختونخوا جا حڪمران جيل ۾ بند پنهنجي باني کي خوش ڪرڻ، پنهنجي ساک برقرار رکڻ ۽ نمبر وڌائڻ لاءِ سڀ ڪجهه ڪري رهيا آهن ته جيئن انهن جي ڪرسي ۽ وڏ وزارت محفوظ رهي

موجوده سياسي ڇڪتاڻ ڪنهن به نظرئي يا عوامي خدمت جي جنگ نه آهي، پر صرف پنهنجين پنهنجين ڪرسين بچائڻ، اقتدار کي ٻيگهه ڏيڻ ۽ وفاقي ۽ صوبائي وسيلن جي لٽ مار ۾ پورا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) دفاع واري وفاقي وزير خواجه محمد آصف واضح ۽ صاف لفظن ۾ اعلان ڪيو آهي ته وفاقي حڪومت گادي واري هنڌ اسلام آباد جي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ ريلوي جو نظام بهتر بنائڻ بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

خيبر پختونخوا حڪومت کي سياسي ٽڪراءَ بدران عوام جي تحفظ تي ترجيح ڏيڻ گهرجي: راڻا ثناءُ الله

سياسي پارٽين کي قومي سلامتي ۽ شهرين جي زندگين تي پنهنجي سياسي مفادن کي ترجيح ڏيڻ جي اجازت نه ٿي ڏئي سگهجي

خيبر پختونخوا ۾ پوليس اهلڪار، سيڪيورٽي فورسز جا جوان ۽ عام شهري دهشتگردي جي واقعن ۾ پنهنجون جانيون قربان ڪري رهيا آهن.

سنگين سيڪيورٽي صورتحال ۾ سرڪاري مشينري ۽ وسيلن کي سياسي ٽڪراءَ لاءِ استعمال ناقابل قبول آهي: راڻا ثناءُ الله

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار راڻا ثناءُ الله چيو آهي ته پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) مسلسل ٽڪراءَ جي سياست تي عمل ڪري رهي آهي، سياسي پارٽين کي
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

صدر پاران بحيره عرب ۾ منشيات اسمگلنگ خلاف ڪامياب ڪارروائين تي پاڪ بحريه کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

2005ع جي سانحو ملڪي تاريخ جو فخر جوڳو باب آهي: سردار اياز صادق

8آڪٽوبر 2005ع جي سانحي کان پوءِ پاڪستاني قوم احساس جو مظاهرو ڪيو

پاڪ فوج جي جوانن ريسڪيو ۽ امدادي ڪارروائين ۾ ڀرپور حصو ورتو: اسپيڪر قومي اسيمبلي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق چيو آهي ته 21 سال اڳ آيل تباهي ڪندڙ زلزلي جو سانحو
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پاڪستان کي موسمياتي تبديلي، شهري آبادي ۾ واڌ سبب ڏکيا خطرا درپيش آهن: صدر آصف زرداري

آفتن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت کي قومي ترقي جو لازمي جز ۽ ايندڙ نسلن بابت پنهنجي گڏيل ذميواري سمجهڻو پوندو

سرگرم خاندانن ۽ انهن سمورن ماڻهن کي پڻ خراج تحسين پيش ڪريون ٿا، جيڪي متاثر آبادين جي مشڪل وقت ۾ گڏ رهيا: صدر

محفوظ رهائش، تعليم ۽ ڪم جي جاين ۾ اهو اعتماد هوندو ته آفت جي صورت ۾ به بنيادي خدمتن جو تسلسل برقرار رهندو

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته پاڪستان کي موسمياتي تبديلي شهري آبادي ۾ اضافي ۽ ماحولياتي پستيءَ جي ڪري وڌندڙ ڏکيا خطرا درپيش آهن ان جي لاءِ آفتن کي
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

احسن اقبال جو جماعت اسلامي جي نائب امير لياقت بلوچ سان رابطو

وزيراعظم سان جماعت اسلامي جي وفد جي جلد ملاقات جي خاطري ڪرائي

امير ٽيليفون تي رابطو ڪري احتجاج جي ڪال واپس وٺڻ جي ڳالهه ڪئي هئي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف جي خصوصي هدايت تي منصوبابندي ۽ ترقي واري وفاقي وزير احسن اقبال جماعت اسلامي جي نائب امير لياقت بلوچ سان رابطو ڪري وزيراعظم سان
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان ڪمانڊر نيشنل اسٽريٽجڪ ڪمانڊ جنرل سيد عامر رضا نشان امتياز (ملٽري) جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

خيبر پختونخوا ۾ وڌندڙ دهشتگردي کي هر قيمت تي روڪڻو پوندو: وزيراعظم شهباز شريف

وزيراعظم سان ڪشمير ۽ گلگت بلتستان معاملن واري وفاقي وزير انجنيئر امير مقام ملاقات

دهشتگردي خلاف خيبر پختونخوا جي عوام جي قربانين کي قدر جي نگاهه سان ڏسون ٿا: وزيراعظم

وزيراعظم کي آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ جاري معاملن ۽ اڳيرائي جي حوالي سان بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان ڪشمير ۽ گلگت بلتستان معاملن واري وفاقي وزير انجنيئر امير مقام ملاقات ڪئي ملاقات ۾ آزاد ڪشمير، گلگت بلتستان ۽ خيبر
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

غيرقانوني اسمگلنگ خلاف پاڪستان هر ممڪن قدم جاري رکندو: وزيراعظم

بحيره عرب ۾ منشيات خلاف ڪارروائي تي پاڪ بحريه جي آفيسرن ۽ اهلڪارن جي واکاڻ

پاڪستان نيوي جون ڪامياب ڪارروايون علائقائي سامونڊي سلامتي جي تحفظ لاءِ اثرائتيون آهن

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف بحيره عرب ۾ پاڪستان نيوي جي جهاز يرموڪ جي منشيات جي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي ۽ مقامي سهولتڪارن جي سازش کي ناڪام بڻائينداسين: صدر

دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

فيصلائتين ڪارروائين ذريعي قوم جي عزم ۽ حوصلي جي عڪاسي ڪئي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري خيبر پختونخواهه ۽ بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته سيڪيورٽي فورسز
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت عوام کي جديد ۽ معياري سفري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کڻي پئي: سينئر صوبائي وزير

سينئر صوبائي وزير جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ مختلف تعميراتي پيڪيجز ۽ جاري اڳيرائي جو جائزو ورتو ويو

تاج حيدر پل جي ٻئي حصي ۽ ڊيپوز جي تعمير جلد مڪمل ڪرڻ ۽ هر حصي جي باقاعده نگراني جون هدايتون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ييلو لائين بي آر ٽي جي بروقت تڪميل لاءِ منصوبي تي ڏينهن رات ڪم ڪرڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا آهن سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت ۾ بي آر ٽي لائين جي حوالي سان گڏجاڻي ٿي رهي آهي

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي آرمي چيف سان ملاقات، ڪشمير مسئلي تي ڳالهيون

چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان انتونيو گوتريس اهم ملاقات ڪئي

گڏيل دلچسپي جي معاملن، خطي جي موجوده سيڪيورٽي صورتحال ۽ عالمي امن ۽ سلامتي جي معاملن تي ڳالهيون

گڏيل قومن جي امن مشنز ۾ پاڪستان ۽ ان جي هٿياربند فوج جي بي مثال قربانين ۽ لازوال خدمتن تي زبردست خراج تحسين پيش

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي حوالي سان گڏجاڻي ٿي رهي آهي

راولپنڊي (اي پي پي) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس جنرل هيڊڪوارٽرز (جي ايڇ ڪيو) راولپنڊي جو دورو ڪيو ۽ چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

اسٽيٽ بينڪ مالي شموليت انڊيڪس 2025ع جا نتيجا جاري ڪري ڇڏيا

اسلام آباد (اي پي پي) اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان 2025ع لاءِ پاڪستان مالي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت 562 ملين ڊالرن جا 7 سيڙپڪاري منصوبا قومي فورم تي پيش ڪري ڇڏيا

پاڻي، ٽرانسپورٽ، انفراسٽرڪچر ۽ بنيادي سهولتن منصوبن لاءِ نجي شعبي ۽ ترقياتي ادارن کي سيڙپڪاري جي دعوت

مليرايڪسپريس وي، شاهراهه پڌو ۽ ٽر ڪول سميت مختلف منصوبا خانگي شعبي جا ڪامياب مثال قرار

سنڌو نديءَ ۾ پاڻي ڪوٽ، آلودگي تي ڳنڍتي ظاهر رين واٽر هارويسٽنگ ۾ سيڙپڪاري تي اتفاق

ڪراچي (بيورو رپورٽ) رقابندي ۽ ترقي واري کاتي جي صوبائي وزير جام خان شوروي چيو آهي ته سنڌ حڪومت نيشنل ايس ڊي جيز انويسٽمنٽ فيئر ۾ تقريبن 562 ملين آمريڪي ڊالرن جي ماليت جا 7 سيڙپڪاري منصوبا پيش ڪيا آهن جن جو مقصد عوامي انفراسٽرڪچر ٽرانسپورٽ
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي صلاحڪار فهد هارون سان ڪي اليڪٽرڪ جو چيئرمين شهريار ارشد چشتي ملاقات ڪري رهيو آهي

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن لاءِ سبسڊي ۾ واڌ، 7.9 ارب رپين جي اضافي فنڊنگ منظور

10 لک 78 هزار کان وڌيڪ شاگردن کي تعليم ڏيندڙ پارٽنر اسڪولن جي سبسڊي وڌائي ويندي

ڏورانهن علائقن ۾ بند اسڪول ٻيهر کولڻ ۽ مرحليوار500 سرڪاري ڪميونٽي اسڪول فعال ڪرڻ جي منظوري

تعليمي سهولتن گڏ سگهيا جا نتيجا بهتر بڻائڻ تي زور، سبسڊي جي حتمي نظرثاني لاءِ خصوصي ڪميٽي قائم

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (SEF)جي بورڊ
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪي پي دهشتگردي جي ور چڙهيل آهي، پر آفريدي صوبو هلائڻ بدران خان جو ترجمان بڻيل آهي: شرجيل ميمڻ

پنهنجي ناڪامي جو ملبو ٻين تي وجهڻ بدران ڪي پي جي بگڙجندڙ صورتحال جو جواب ڏنو وڃي

سقوط ڍاڪا کي سياسي پوائنٽ اسڪورنگ جي لاءِ استعمال ڪرڻ تاريخ، شهيدن ۽ قوم جي توهين آهي

پيپلزپارٽي کي سيڪڙات سياستدانن کان حب الوطني جا سرٽيفڪيٽ وٺڻ جي ضرورت ناهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سهيل آفريدي پهرين وزيراعليٰ بڻجي ڏيکاري. عمران خان جي سياسي ايجنڊا جو ترجمان نه بڻجي ۽ پنهنجي صوبي جي معاملن تي ڌيان ڏئي. وزيراعليٰ خيبر پختونخواهه سهيل آفريدي جي بيان تي ردعمل جو
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

پ پ چيئرمين سان مختلف اڳواڻن جون ملاقاتون، سياسي صورتحال تي ڳالهيون

پارٽي چيئرمين سان نثار کهڙو، قاسم گيلاني ۽ ٻين اڳواڻن ڌار ڌار ملاقاتون ڪيون

سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جي سياسي ۽ تنظيمي صورتحال ۽ عوامي مسئلن بابت غور ويچار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽي سان پ پ سنڌ جو صدر نثار کهڙو گڏ بيٺل آهي

سنڌ حڪومت عوام ۽ ڪاروباري برادري جي مسئلن جي حل لاءِ سنجيده آهي: جام اڪرام

صنعت ۽ واپار واري وزير سان مختلف وفدن جون ملاقاتون، مسئلا حل ڪرڻ جي خاطري

صوبائي وزير پاران لاڳاپيل کاتن ۽ اختيارين کي شڪايتن جي ازالي لاءِ ضروري قدم کڻڻ جون هدايتون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پوليس چيف پاران ٽرانسپورٽرن کي مسئلن جي حل لاءِ سهڪار جي خاطري

آل پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ جي وفد جي اي آءِ جي آزاد خان کي مسئلن بابت آگاهه ڪيو

هر ممڪن سهڪار جي خاطري، لاڳاپيل آفيسرن کي ضروري قدم کڻڻ جون هدايتون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان سان ڪراچي پوليس آفيس ۾ آل پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ جي 4
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سنڌ پوليس جو آءِ ايس نظام، ملازمن جي تصديق ۽ ڪرمنل چڪاس لاءِ اهم قرار

انڊسٽريل سيڪٽر ۾ صنعتڪارن ۽ اوورسيز سيڙپڪارن کي ايپليڪيشن بابت بريفنگ ڏني وئي

ڪاروباري برادري جي جان ۽ مال جو تحفظ اسان جي پهرين ترجيح آهي: آءِ جي سنڌ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پوليس جي آءِ ٽي شعبي جي اهتمام هيٺ اوورسيز انويسٽرز چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري (او آءِ سي سي آءِ) ۾ ملازمن جي تصديق واري نظام (آءِ وي ايس) بابت آئيڪٽو
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو گڏجاڻي ۾ ڳالهائي رهيو آهي

سنڌ پوليس ۾ ڊي ايس پي آفيسرن جون بدليون ۽ مقررين، نوٽيفڪيشن جاري

ڊي آءِ جي موٽر ٽرانسپورٽ سنڌ سيد سلمان حسين سينئر ايس ايس پي ڊرائيونگ لائسنس ڪراچي مقرر

ڊي آءِ جي ٽيلي ڪميونيڪيشن ذوالفقار علي ٽالپر کي آءِ جي موٽر ٽرانسپورٽ جي اضافي ذمي وڌي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پوليس کاتي ۾ بي ايس 19 جي ڊي ايس پي آفيسرن جي بدلين ۽ مقررين جو نوٽيفڪيشن جاري
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

سنڌ پوليس جي اهم يونٽن مان بدلين تي پابندي لاڳو نوٽيفڪيشن جاري

ايس پي يو، سي پيڪ، آر آر ايف، سي ايم يو ۽ هاءِ وي پيٽرول مان بدليون روڪيون ويون

لازمي مقرر مدي جي ملازمت مڪمل ڪرڻ کانسواءِ ڪنهن آفيسر يا اهلڪار جي بدلي نه ٿيندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پوليس جي اهم يونٽن مان آفيسرن ۽ اهلڪارن جي بدلين تي پابندي، آءِ جي سنڌ جاويد عالم
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ۽ آئي ايل او وچ ۾ سنڌ ليبر ڪوڊ جي منظوري لاءِ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

وڏي وزير سان ڊائريڪٽر جنرل گلبرٽ هونگبو جي ملاقات، پورهيتن جي حقن ۽ سماجي تحفظ تي ڳالهيون

21 الڳ ليبر قانونن کي هڪ جامع سنڌ ليبر ڪوڊ ۾ گڏ ڪرڻ وارو عمل تاريخي سنڌارو قرار

ڪم واري هنڌ تي ليبر انسپيڪشن، عورتن ۽ ڪمزور پورهيتن جي تحفظ لاءِ گڏيل گروپ ٺاهڻ جي تجويز

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اربع ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ عالمي ليبر آرگنائيزيشن (آءِ ايل او) جي ڊائريڪٽر جنرل مسٽر گلبرٽ هونگبو سان ملاقات دوران پورهيتن
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ هٿياربندن هٿان شهري يرغمال، هڪ ڪروڙ 30 لک رپيا ڦر، مزاحمت تي زخمي

نيپا پل ڀرسان هٿياربندن موٽرسائيڪل سوار کي روڪيو، مزاحمت تي فائرنگ ۾ شهري زخمي ٿي پيو

جوابدار زخمي شهري کان هڪ ڪروڙ 30 لک رپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا، پوليس ۾ حد جو تڪرار

آءِ جي سنڌ واقعي جو سخت نوٽيس ورتو، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي ۽ ڊي آءِ جي کان فوري رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي نيپا چوڪ ۽ نيپا پل ڀرسان هٿياربندن موٽرسائيڪل سوار شهري کان هڪ ڪروڙ 30 لک رپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته مزاحمت دوران هٿياربندن جي فائرنگ ۾ شهري زخمي ٿي پيو پوليس موجب متاثر شهري زخمي حالت ۾ خانگي اسپتال پهچي واقعي جي اطلاع ڏنو شهري پوليس کي بيان ڏيندي ٻڌايو ته هو موٽرسائيڪل
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير راڻا تنوير جي صدارت ۾ گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ڪراچي ايئرپورٽ تي صومالي ڌاڙيلن هٿان زخمي پاڪستانين جي واپسي تي استقبال

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي ڪراچي ايئرپورٽ تي صومالي سامونڊي ڌاڙيلن هٿان زخمي ٿيل
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

منشيات ڪيس ۾ گرفتار جوابدار انمول عرف پنڪي طرفان عدالت ۾ ضمانت جي درخواست داخل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ڏکڻ جي سيشن عدالت ۾ اداڪارا انمول عرف
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي مختلف شعبن ۾ چيني سيڙپڪارن پاران سيڙپڪاري لاءِ دلچسپي ظاهر

صوبائي وزير ناصر شاهه جي صدارت هيٺ چيني سيڙپڪارن سان اجلاس منعقد ڪيو ويو

ڪراچي جي پاڻي ضرورتن لاءِ ڊي سيلينيشن پلانٽ ۽ سامونڊي پاڻي صاف ڪرڻ واري منصوبي تي اڳڀرائي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ چيني سيڙپڪارن جي وفد جو
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ ايل او جو سربراهه وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ ڪابينا ميمبرن سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ هڪ سال اڳ گاڏي مان ڪري فوت ٿيل شاگرد جي قبرڪشائي

ميڊيڪل شاگرد سلطان ظفر جي موت جو اصل ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ پوسٽ مارٽم ڪيو ويو

عدالتي حڪم تي جوڙيل خاص ميڊيڪل بورڊ قبر ڪشائي ڪري نمونا جا ڄا حاصل ڪيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميڊيڪل شاگرد سلطان ظفر جي قبر ڪشائي مڪمل موت جو اصل ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ نمونا
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

بن قاسم ۾ ڦر دوران مزاحمت، هٿياربندن جي فائرنگ نوجوان قتل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بن قاسم ٿاڻي جي حد بن قاسم ڪرڪ پارڪنگ جي ويجهو ڦر
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

مير رضا علي قتل ڪيس بابت جوڊيشل ڪميشن ڪارروائي مڪمل ڪري ورتي

ڪميشن پنهنجي جاچ ۽ ڪارروائي بابت رپورٽ سنڌ جي وڏي وزير کي پيش ڪندو

واقعي جي شاهدن، پوليس ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين جا بيان رڪارڊ ۽ مختلف ثبوتن جو جائزو ورتو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مير رضا علي خان قتل ڪيس جي حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ جسٽس عمر سيال جي سربراهي ۾ قائم
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ پولينڊ جي گهرو وزيرن ۾ ملاقات، ٻطرفي تعاون تي ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ آبادگارن کي سارين جو مناسب اگهه نه ملڻ حڪومتي ڪوتاهي آهي: سردار عبدالرحيم

واپارين پاران مختلف بهانن سان مهينا ڪٽوتين سبب پڻ آبادگار متاثر ٿي رهيا آهن

صوبائي حڪومت اڃا تائين قدم نه کنيا ته آبادگار وڌيڪ معاشي مشڪلاتن جو شڪار ٿيندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم سنڌ ۾ سارين جي فصل جو مناسب اگهه نه ملڻ تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته فصل جي تياري
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ هلندڙ سال ايم پاڪس جا 93 تصديق ٿيل ڪيس سامهون آيا: رپورٽ

صحت کاتي سنڌ جي ليبارٽري نگراني واري نظام تصديق ٿيل ڪيسن بابت رپورٽ جاري ڪئي

ڪيسن ۾ 70 مرد ۽ 23 عورتون شامل، وڌيڪ ڪيس 30 کان 39 ورهين جي عمر وارن ماڻهن ۾ رپورٽ ٿيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صحت کاتي سنڌ جي ليبارٽري نگراني واري نظام هلندڙ سال صوبي ۾ ايم پاڪس (منڪي پاڪس) جي
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ملتان: هڪ چنگچي ڪٽي تي وڏي مقدار ۾ سامان رکي آندو پيو وڃي

فيصل آباد: هڪ ناري اليڪٽرڪ اسڪوٽي تي سفر ڪري رهي آهي

سنڌ حڪومت پاران ساڍا 12 سو رپيا في 100 ڪلو ڪڻڪ جاري ڪرڻ جو اعلان

صوبائي ذخيرا 3 لک 46 هزار ٽن آهن، 15 آڪٽوبر کان ڪڻڪ جاري ڪئي ويندي

رعايتي ڪڻڪ جو فائدو صارفين تائين منتقل ڪرڻ ليمتن تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڪارروائين جو فيصلو

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اربع ڏينهن اٽي جي قيمتن کي مستحڪم ڪرڻ
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

افغانستان کان پاڪستان ۾ دهشتگردي جو هڪ ٻيو ثبوت به ملي ويو

5 آڪٽوبر تي ڪرم ۾ فتنة الخوارج خلاف آپريشن ۾ مارجي ويل دهشتگردن جي سڃاڻپ ٿي

ٽن ڪيسن ۾ واڌ پاڪستان ۾ افغان شهرين جي دهشتگرد سرگرمين ۾ ملوث هجڻ کي اجاگر ڪري ٿي

اسلام آباد (اي پي پي) افغانستان کان پاڪستان ۾ جاري سرحد پار دهشتگردي جو هڪ ٻيو واضح ثبوت سامهون آيو آهي 5 آڪٽوبر تي ڪرم ۾ فتنة الخوارج خلاف سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن ۾ مارجي
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فضائي آلودگي خلاف مهم جاري، 34 گاڏيون ناپاس قرار

هل مهيني ۾ 259 گاڏين جي انسپيڪشن، 225 گاڏين کي سائو اسٽيڪر جاري ڪيو ويو

ناپاس گاڏين تي ڳاڙها اسٽيڪر ۽ چالان، معيار بهتر ڪرڻ لاءِ 10 ڏينهن جي مهلت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ انوائرمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي (سيپا) ريگيولر ايميشن ڪنٽرول مهم تحت ڪراچي ۾
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ٽريفڪ ڊي ايس پي جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيل اسپتال ۾ داخل آهن

پاڪ بحريه جي گڏيل سمنڊ ۾ ڪارروائي، اربين رپين جي منشيات هٿ، ٻن ٻيڙين کي قبضي ۾ ورتو

اٽڪل 96 ملين آمريڪي ڊالر ماليت جي منشيات جي وڏي کيپ اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي وئي

سيڪيورٽي فورسز پاران ڪارروائين دوران شڪي ٻڙ ٻر تي ٻن ٻيڙين کي روڪيو ويو ۽ انهن جي تلاشي ورتي وئي

راولپنڊي (اي پي پي) پاڪ بحريه عربي
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڪراچي آباد ۾ خانداني تڪرار تان نوجوان عورت گولين هڻي قتل

جيڪسن ٿاڻي جي حد ۾ گهر اندر فائرنگ ۾ عائشه زال عنايت موقعي تي مارجي وئي

اطلاع تي پوليس پهچي لاش قانوني ڪارروائي لاءِ سول اسپتال منتقل ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ جيڪسن ٿاڻي جي پوليس موجب گلشن سڪندر آباد 100 فوٽ روڊ ويجهو گهر ۾ خانداني
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪراچي مان ڇاڻا ڪٽنگ، بوري بند لاشن ۽ هڙتالن وارو ته شهر ناهي رهيو: مرتضيٰ وهاب

ميئر پاران نورالدين ڳوٺ ۾ شهيد عبدالله مراد ڪميونٽي سينٽر جو افتتاح ڪيو ويو

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي منشور تحت عوام سان ڪيل واعدا پورا ڪنداسين: خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ضلعي ڪورنگي جي نورالدين ڳوٺ ۾ شهيد عبدالله مراد
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليس مقابلا، ٻه ڌوهاري مارجي ويا، ڦر دوران فائرنگ ۾ ٻه ڄڻا قتل، ڪيترائي جوابدار سوگهه

بهادرآباد ۾ پوليس مقابلي دوران هڪ جوابدار مارجي ويو، ٻن زخمين سميت 3 جوابدار گرفتار، هٿيار ۽ موبائل فون هٿ

ڪياماڙي ۾ ڪارروائين دوران 16 جوابدار گرفتار، پستول، چرس، آئس، گٽڪا ماوا ۽ ٻيو سامان هٿ آيو

پاڪ ڪالوني ۾ مبينا ڀتا خور گروهه جو شوٽر مارجي ويو، سپر هاءِ وي تي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو قتل، ٻيو زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس جون ڪارروايون جاري آهن بهادرآباد ۾ پوليس مقابلي دوران هڪ جوابدار مارجي ويو جڏهن ته ٻن زخمين سميت 3 جوابدار گرفتار ڪيا ويا. فيروز
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اتر وزيرستان ۽ مستونگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروايون، 18 دهشتگرد مارجي ويا

سيڪيورٽي فورسز عزم استحڪام ويزن تحت اتروزيرستان ۽ پرياسن ۾ موثر ۽ ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ ڪارروائي ڪئي

فورسز جي دهشتگردن جي چرپر تي مسلسل نظر رکيل هئي ۽ موقعو ملندي ئي انهن جي لڪائڻ تي فيصلائتو حملو ڪيو

مستونگ ۾ آپريشن ردالفتنه 3 تحت سيڪيورٽي فورسز فتنة الهندستان خلاف ڪارروائي ڪندي 5 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو

راولپنڊي (اي پي پي) اتر وزيرستان ۽ مستونگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائين دوران 18 دهشتگرد مارجي ويا. سيڪيورٽي ذريعن مطابق سيڪيورٽي فورسز عزم استحڪام ويزن تحت اتر وزيرستان ۽ پرياسن ۾ موثر ۽ ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ ڪارروائي ڪندي فتنة الخوارج جي 13 دهشتگردن کي جهنم
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

Daily Ibrat Karachi
سال (18) خميس 08 آڪٽوبر 2026ع 25 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (17)

بقايا | 1 | روزاني عبرت

تحفظ کي هر قيمت تي يقيني بڻائيندي ۽ اقتدار جي شهر کي ڪنهن جي رحم ڪرم تي نه ڇڏي سگهجي. هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن اسلام آباد تي ڪاهه ڪرڻ جي ڪا به ڪوشش ڪئي وئي ته رياست پنهنجي سيني آئيني، قانوني ۽ انتظامي وسيلن کي استعمال ۾ آڻيندي ان جو مقابلو ڪندي پارليامينٽ هائوس ۾ ميڊيا جي نمائندن سان تفصيل سان ڳالهه ٻولهه ڪندي دفاع واري وزير چيو ته وفاقي حڪومت جي بهرين ترجيح ۽ ڪوشش اها ٿي آهي ته ڪنهن به انتهائي يا آخري آپشن جي طرف نه وڃڻو پوي، پر جيڪڏهن ڪو ٻيو رستو نه بچيو ته پوءِ گادي واري هنڌ جي حفاظت حڪومت جو نه رڳو آئيني پر اولين قومي فرض پڻ آهي. هن چيو ته اهو بلڪل قبول نه آهي ته هر ٻن يا ڪن مهينن ۾ طالبان سان گڏجي گادي واري هنڌ تي حملي جو سلسلو شروع ڪيو وڃي. خواجه آصف چيو ته صوبائي قيادت ملڪ دشمن قوتن ۽ طالبان سان گڏجي وفاق تي حملي جي حڪمت عملي ناهي رهي آهي. هن چيو ته طالبان پاڪستان جا ڪليل دشمن آهن جن جا هٿ هزارين بيگناهه پاڪستاني شهرين ۽ سيڪيورٽي اهلڪارن جي رت سان رنگيل آهن دفاع واري وزير دعويٰ ڪئي ته ان مبينا ڳٺ جوڙ جا واضح ثبوت موجود آهن چاڪاڻ ته خيبرپختونخواهه حڪومت جا اڳواڻ نه ته ڪڏهن دهشتگردي جي واقعن جي مذمت ڪن ٿا ۽ نه ئي شهيدن جي جنازن ۾ وڃن ٿا ۽ نه ئي تعزيت ڪن ٿا.

بقايا | 2 | روزاني عبرت

قومي سلامتي ۽ شهرين جي زندگين تي پنهنجي سياسي مفادن کي ترجيح ڏيڻ جي اجازت نه ٿي ڏني سگهجي. اربع ڏينهن پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي هن چيو ته اسلام آباد ڏانهن پي ٽي آءِ جي بار بار مارچ ملڪ ۾ عدم برداشت ۽ سياسي ٽڪراءَ کي هٿي ڏني. هن چيو ته ان رجحان جي شروعات 2014ع جي ڌرڻي کان ٿي ۽ 2022ع، 2024ع ۽ 2026ع ۾ به اسلام آباد کي سياسي سرگرمين جو مرڪز بڻايو پيو وڃي. راڻا ثناءَ الله الزام لڳايو ته خيبر پختونخواهه حڪومت صوبي ۾ حڪمراني، عوامي مسئلن ۽ سيڪيورٽي صورتحال تي ڌيان ڏيڻ بدران اسلام آباد مارچ لاءِ سرڪاري وسيلن کي استعمال ڪري رهي آهي. هن چيو ته هڪ طرف خيبر پختونخواهه ۾ پوليس اهلڪار سيڪيورٽي فورسز جا جوان ۽ عام شهري دهشتگردي جي واقعن ۾ پنهنجون جانيون قربان ڪري رهيا آهن جڏهن ته ٻئي طرف صوبائي حڪومت اسلام آباد مارچ لاءِ ساٿين کي گڏ ڪرڻ جي حوصلا افزائي ڪري رهي آهي. سنڌس چوڻ هو ته دهشتگردي جو شڪار ٿيل ماڻهو به خيبر پختونخواهه جا شهري آهن. تنهن ڪري صوبائي حڪومت کي سياسي ٽڪراءَ جي بدران عوام جي تحفظ ۽ امن امان کي ترجيح ڏيڻ گهرجي. راڻا ثناءَ الله چيو ته سياسي سرگرمي آئيني حق آهي جڏهن ته سنگين سيڪيورٽي صورتحال ۾ سرڪاري مشينري ۽ وسيلن کي سياسي ٽڪراءَ لاءِ استعمال ناقابل قبول آهي ذاتي يا سياسي ايجنڊا کي قومي مفاد تي ترجيح ڏيڻ نه آئين ۽ نه ئي سياسي اخلاقيات مطابق آهي.

بقايا | 3 | روزاني عبرت

زرداري بحيره عرب ۾ منشيات اسمگلنگ جي خلاف ڪامياب ڪارروائين تي پاڪ بحريه کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب صدر پي اين ايس يرموڪ پاران منشيات جي خاتمي جي ٻن ڪامياب ڪاروائين تي پاڪ بحريه ۽ ان جي آفيسرن ۽ جوانن کي مبارڪباد ڏني صدر پاڪ بحريه جي مسلسل نگراني، مسعدي ۽ سمنڊ ۾ غيرقانوني منشيات جي اسمگلنگ جي خلاف عزم کي ساراهيو صدر چيو ته ساموندي حدن ۾ غيرقانوني سرگرمين جي روڪٿام ۽ علائقائي ساموندي سلامتي جي تحفظ جي لاءِ پاڪ بحريه جو ڪردار ساراهه جوڳو آهي.

بقايا | 4 | روزاني عبرت

پوري قوم جي دلين ۾ اڄ تائين تازو آهي. آزاد جمون ۽ ڪشمير، خيبر پختونخوا ۽ ٻين متاثر علائقن ۾ وڏي پئماني تي جاني نقصان ۽ وڏي پئماني تي تباهي هڪ نه وسرندڙ قومي سانحو آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن 8 آڪٽوبر 2005ع جي تباهي ڪندڙ زلزلي کي 21 سال مڪمل ٿيڻ جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو هن متاثر خاندانن جي ڏک ۽ تڪليفن کي ياد ڪندي يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته 8 آڪٽوبر 2005ع جي سانحي کان پوءِ پاڪستاني قوم جنهن اتحاد، همدردي ۽ اجتماعي احساس ذميواري جو مظاهرو ڪيو اهو ملڪي تاريخ جو هڪ فخر جوڳو باب آهي هن چيو ته سڄي ملڪ سان ماڻهن، امدادي ادارن رضاڪارن هٿياربند فوجن ۽ سول سوسائٽي امدادي ڪاررواين ۾ ڀرپور حصو ورتو هن هٿياربند فوج جي ڪردار کي خاص طور تي ساراهيندي چيو ته پاڪ فوج جي جوانن ريسڪيو ۽ امدادي ڪاررواين ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ متاثر علائقن ۾ ماڻهن کي هر ممڪن مدد فراهم ڪئي.

بقايا | 5 | روزاني عبرت

صدارت هيٺ پيلو لائين بي آر ٽي منصوبي جي حوالي سان هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن پروجيڪٽ ڊائريڪٽر پيلو لائين ڪمال دايو ايم ڊي سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي بهزاد ميمڻ ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار شريڪ ٿيا اجلاس ۾ پيلو لائين بي آر ٽي جي مختلف تعميراتي ڪمن، منصوبي تي جاري اڳڀرائي ۽ اهم حصن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو جڏهن ته لاڳاپيل عملدارن سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ کي منصوبي تي جاري ڪم ۽ مختلف تعميراتي پيڪيجز جي حوالي سان بريفنگ ڏني. ان موقعي تي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ هدايت ڪئي ته پيلو لائين بي آر ٽي منصوبي جي سيني لاڳاپيل ڪمن کي گڏيل رابطي ۽ مربوط حڪمت عملي تحت اڳتي وڌايو وڃي هن چيو ته پيلو لائين بي آر ٽي ڪراچي جي پبلڪ ٽرانسپورٽ نظام ۾ هڪ اهم منصوبو آهي. تنهن ڪري تعميراتي ڪم ڏينهن رات جاري رکيو وڃي ته جيئن جديد سفري سهولتن جي فراهمي وارو هي منصوبو جلد کان جلد مڪمل ٿي سگهي. شرجيل انعام ميمڻ تاج حيدر پل جي ٻئي حصي تي جاري تعميراتي ڪم کي پڻ جلد کان جلد مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته تاج حيدر پل جي تعميراتي ڪم ۾ تيزي سان اڳڀرائي يقيني بڻائي وڃي هن منصوبي جي اهم حصي ڊيپوز جي تعميراتي ڪم کي پڻ اولين بنيادن تي اڳتي وڌائڻ ۽ رٿا جي هر حصي جي باقاعدگي سان نگراني ڪرڻ جي هدايت ڪئي هن واضح ڪيو ته تعميراتي ڪم جي رفتار سان گڏوگڏ معيار کي به هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ جديد ۽ مربوط ماس ٽرانزٽ نظام جي فراهمي لاءِ مختلف منصوبن تي ڪم ڪري رهي آهي پيلو لائين بي آر ٽي سنڌ حڪومت جي جامع ٽرانسپورٽ ويزن جو حصو آهي جڏهن ته ڪراچي جي وڌندڙ آبادي ۽ سفري ضرورتن کي نظر ۾ رکندي جديد پبلڪ ٽرانسپورٽ نظام اڻٽر آهي هن چيو ته سنڌ حڪومت عوام کي بهتر جديد ۽ معياري سفري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سڀ ضروري قدم کڻي رهي آهي.

بقايا | 6 | روزاني عبرت

خاتمي جي ٻن ڪامياب ڪاروائين تي پاڪ بحريه جي آفيسرن ۽ اهلڪارن جي واکاڻ ڪئي آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب بحيره عرب ۾ اٽڪل 96 ملين آمريڪي ڊالر ماليت جي منشيات برآمد ڪرڻ تي وزيراعظم پاران پاڪ بحريه جي آفيسرن ۽ اهلڪارن جي پيشيوراڻين صلاحيتن جي واکاڻ ڪئي آهي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان نيوي جون وقت سر ۽ ڪامياب ڪاروايون ساموندي حدن ۾ منشيات جي اسمگلنگ جي خلاف موثر قدم آهن وزيراعظم چيو ته علائقائي ساموندي سلامتي ۽ سمنڊ جي ذريعي غيرقانوني سرگرمين جي روڪٿام جي لاءِ پاڪ بحريه جو ڪردار فخر جوڳو آهي. وزيراعظم چيو ته منشيات جي اسمگلنگ جي خلاف جنگ ۾ پاڪستان هر ممڪن قدم جاري رکندو. وزيراعظم چيو ته پاڪستان نيوي جون ڪامياب ڪاروايون علائقائي ساموندي سلامتي جي تحفظ ۽ سمنڊ جي ذريعي غيرقانوني واپار جي روڪٿام جي لاءِ پاڪستان جي اٽڪ عزم جون عڪاس آهن.

بقايا | 7 | روزاني عبرت

دهشتگردن خلاف موثر ۽ فيصلائتين ڪاروائين ذريعي قوم جي عزم ۽ حوصلي جي عڪاسي ڪئي آهي. ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران اربع تي جاري ڪيل بيان موجب، صدر اتر وزيرستان ۾ انٽيليجنس تي ٻڌل آپريشن دوران 13 خوارج کي جهنم پهچائڻ ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي بهادري ۽ پيشيوراڻين صلاحيتن جي تعريف ڪئي ۽ مستونگ ۾ فتنه الهندوستان جي دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائي ۾ 5 دهشتگردن کي جهنم پهچائڻ ڪرڻ تي پڻ سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو صدر آصف علي زرداري چيو ته سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن خلاف موثر ۽ فيصلائتين ڪارروائين ذريعي قوم جي عزم ۽ حوصلي جي عڪاسي ڪئي آهي ڪارروايون دهشتگرد عنصرن خلاف پختي عزم جو واضح اظهار آهن صدر چيو ته دهشتگردن جي غير ملڪي سرپرستن ۽ انهن جي مقامي سهولتڪارن جي سازشن کي ناڪام بڻايو ويندو.

بقايا | 8 | روزاني عبرت

۽ بنيادي سهولتن جي شعبن ۾ سيڙپڪاريءَ جا موقعا پيدا ڪرڻ آهي هن چيو ته سنڌ ۾ پاڻيءَ جي فراهميءَ جي چئلينجن سان منهن ڏيڻ، آبي وسيلن جي بهتر انتظام ۽ ترقياتي منصوبن لاءِ نجي شعبي ۽ ترقياتي پائيوارن جي سيڙپڪاري وڏي اهميت رکي ٿي تقريب ۾ پلاننگ اينڊ ڊيولپمينٽ جو چيئرمين نجم شاهه آبپاشي سيڪريٽري ظريف کيڙو بلوچستان جا عملدار ۽ ٻيا اعليٰ عهديدار شريڪ هئا. نيشنل ايس ڊي جيز انويسٽمينٽ فيئر جي پڇاڙي تقريب کي خطاب ۽ بعد ۾ ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي جام خان شوروَ چيو ته بن ڏينهن واري هن فيئر ترقياتي ضرورتن کي سيڙپڪاريءَ جي موقعن ۽ مالياتي حل سان جوڙڻ لاءِ هڪ اهم پليٽفارم فراهم ڪيو جتي منصوبا جوڙيندڙ ادارن سيڙپڪارن مالياتي ادارن ۽ ترقياتي پائيوارن وچ ۾ سڌوسنئون رابطا بولين جا عمل ٿيا هن چيو ته سنڌ ۾ عوامي انفراسٽرڪچر ۽ خدمتن جي منصوبن ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جو مضبوط تجربو موجود آهي ملير ايڪسپريس وي، ريوراڻين فاريسٽري، ڊيلٽا بليو ڪاربن شاهراهه پٽو ۽ ٿر ڪول پروجيڪٽ ان جون نمايان مثالون آهن انهن منصوبن مان ظاهر ٿئي ٿو ته مناسب منصوبه بندي ۽ اثرائتي پائيواريءَ ذريعي عوامي ضرورتن کي سيڙپڪاريءَ جي اهل منصوبن ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو پاڻيءَ جي فراهميءَ جي مسئلن تي ڳالهائيندي سنڌ جي منصوبه بندي ۽ ترقيءَ جي وزير چيو ته ڪراچيءَ کي ڪينجهر ڍنڍ مان تقريبن 100 کان 150 ڪلوميٽر پري کان پاڻي فراهم ڪيو ويندو آهي جڏهن ته صوبي جا وڏا شهر سنڌو نديءَ جي ڀرسان آباد آهن ۽ سنڌ جي پاڻيءَ جي ضرورتن جو وڏو انحصار سنڌو نديءَ تي آهي نديءَ ۾ پاڻيءَ جي گهٽ سان صوبي ۾ پاڻيءَ جي فراهميءَ جا مسئلا وڌي ويندا آهن هن چيو ته سنڌ ۾ ٽيوب ويلن جو تعداد هڪ لک کان گهٽ آهي جڏهن ته سنڌس بيان موجب پنجاب ۾ تقريبن 14 لک ٽيوب ويل موجود آهن هن سنڌو نديءَ ۾ آلوده پاڻيءَ جي آمد ۽ ڪوٽڙي بئراج تي پاڻيءَ ۾ حل ٿيل نمڪيات (TDS) جي وڌندڙ سطح تي پڻ ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته پاڻيءَ جي معيار ۽ فراهميءَ بابت مسئلن تي اثرائتا قدم کڻڻ جي ضرورت آهي جام خان شوروَ چيو ته برسات جي پاڻيءَ کي ذخيرو ڪرڻ ۽ استعمال ۾ آڻڻ جي منصوبن ۾ سيڙپڪاري پڻ هڪ اهم چئلينج آهي رين واٽر هارويسٽنگ جي منصوبن کي اثرائتي انداز ۾ اڳتي وڌائڻ لاءِ مالياتي وسيلن، مناسب منصوبه بندي ۽ سيڙپڪاريءَ جا نوان طريقا اختيار ڪرڻا پوندا هن چيو ته پائيدار ترقيءَ جي مقصدن (SDGs) جي حاصلات لاءِ صرف سرڪاري بجيٽ تي انحصار ڪافي ناهي بلڪ نجي سيڙپڪاري ترقياتي فنانسنگ، موسمياتي فنانس ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ کي اثرائتي نموني ڪم ۾ آڻڻو پوندو سنڌس موجب هر منصوبي جي نوعيت لحاظ کان مناسب مالياتي ماڊل اختيار ڪرڻ ضروري آهي ته ئي منصوبن جي پڇاڙي ۽ عوام کي بهتر سهولتن جي فراهمي يقيني بڻائي سگهجي ٿي رٿابندي ۽ ترقيءَ کاتي واري وزير چيو ته سنڌ حڪومت منصوبن جي تياري، شفاف طريقيڪار ۽ سيڙپڪاريءَ لاءِ سازگار ادارجاتي نظام کي بهتر بڻائڻ تي توجهه ڏئي رهي آهي هن واضح ڪيو ته سيڙپڪاري فيئر جي اصل ڪاميابي تڏهن ٿيندي جڏهن پيش ڪيل منصوبا عملي پائيواري، سيڙپڪاري، روزگار جي موقعن ۽ بهتر عوامي خدمتن ۾ تبديل ٿيندا. جام خان شوروَ سيڙپڪارن، مالياتي ادارن ۽ ترقياتي پائيوارن کي سنڌ ۾ سيڙپڪاريءَ جي موقعن مان فائدو حاصل ڪرڻ جي دعوت ڏيندي چيو ته صوبائي حڪومت منصوبن کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن سان سهڪار جاري رکندي.

بقايا | 9 | روزاني عبرت

اظهر ڪندي هڪ بيان ۾ هن چيو ته حلف برداري کان اڄ تائين سهيل آفريدي مشن عمران خان تي لڳل آهي جڏهن ته خيبر پختونخواهه دهشتگردي جي ور چڙهيل آهي ۽ وزير اعليٰ ڪي پي ڪي صوبو علاج بدران عمران خان جو ڪيس وڙهڻ جي ڳڻتي آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پنهنجي ناڪامي جو ملبو ٻين تي اڇلائڻ بدران سهيل آفريدي پنهنجي صوبي جي بگڙجندڙ صورتحال جو جواب ڏئي هن چيو ته سقوط ڍاڪا کي سياسي پوائنٽ اسڪورنگ جي لاءِ استعمال ڪرڻ تاريخ، شهيدن ۽ قوم جي توهين آهي تاريخ کي توڙي مروڙي پاڪستان پيپلز پارٽي يا ڀٽو خاندان کي سقوط مشرقي پاڪستان جو ذميوار قرار ڏيڻ قبولڻ جوڳو ناهي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي کي سهيل آفريدي جهڙن سيڪواٽ سياستدانن کان حب الوطني جو سرٽيفڪيٽ وٺڻ جي ڪا ضرورت ناهي پيپلز پارٽي وفاق جي زنجير آهي نفرت ۽ تقسيم جي سياست ڪرڻ وارا پهرين پنهنجو سياسي ڪردار ڏسن ان کانپوءِ پيپلز پارٽي تي آڱر کڻن.

بقايا | 10 | روزاني عبرت

سيشن منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو خاص شرڪت ڪئي سيشن ۾ ڊي آءِ جي آءِ ٽي عبدالسلام شيخ، پي ڊي آءِ ٽي تبسم عباسي، اوورسيز سيڙپڪار، صنعتڪارن ۽ واپاري برادري جي نمائندن شرڪت ڪئي ان موقعي تي پي ڊي آءِ ٽي پاران اوورسيز سيڙپڪارن ۽ واپارين کي سنڌ پوليس پاران تيار ڪيل اي وي ايس ايپليڪيشن جي مقصدن، فائدن، ملازمن جي ڀرتي دوران سڃاڻپ، پوليس تصديق، ڪرمنل رڪارڊ ۽ هن وقت تائين حاصل ٿيل نتيجن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي او آءِ سي سي آءِ پهچڻ تي سيڪريٽري عبدالعليم ۽ ٻين واپاري نمائندن آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جو استقبال ڪيو سيڪريٽري او آءِ سي سي آءِ عبدالعليم چيو ته او آءِ سي سي آءِ ملڪ جي قديم ۽ وڏن ادارن ۾ شمار ٿئي ٿو جڏهن ته ان جا ميمبر ملڪ جي نمايان ٽيڪس ڏيندڙن ۾ شامل آهن اوورسيز سيڙپڪارن گذريل 10 سالن دوران تقريبن 23 ارب ڊالر جي سيڙپڪاري ڪئي آهي سنڌ پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪارڪردگي ساراهه جوڳي آهي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو چيو ته سنڌ پوليس ڪاروباري برادري کي محفوظ ۽ سازگار ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ سموريون ممڪن قدم کڻي رهي آهي پوليس ۽ بزنس ڪميونٽي وچ ۾ مسلسل رابطو ڏوهن جي روڪٿام سيڪيورٽي مسئلن جي فوري حل ۽ ڪاروباري سرگرمين جي واڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو هن چيو ته ڏوهن، امن امان ۽ ٽريفڪ جهڙن مسئلن ۾ سنڌ پوليس، خاص طور ڪراچي پوليس پنهنجي محنت ۽ ڪارڪردگي سان بهتري آندي آهي ۽ وڌيڪ بهتري لاءِ ڪوششون جاري آهن ماضي جي ڀيٽ ۾ سنڌ، خاص طور ڪراچي ۾ ڏوهن جي مجموعي صورتحال بهتر ٿي آهي جڏهن ته آبادي ۾ واڌ سبب ڏوهن جي طريقيڪار ۾ پڻ تبديلي آئي آهي جاويد عالم اوڍو چيو ته واپاري ۽ صنعتڪار برادري جا سيڪيورٽي بابت مسئلا ۽ تجويزون ترجيحي بنيادن تي ڏٺا وڃن ٿا. جڏهن ته بزنس ڪميونٽي جي نمائندن، صنعتڪارن ۽ واپارين جي جان ۽ مال جو تحفظ سنڌ پوليس جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي آءِ جي سنڌ چيو ته مستقبل ۾ پوليسنگ جو وڏو حصو اليڪٽرانڪ نگراني ۽ مصنوعي ذهانت تي ٻڌل هوندو جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال سان پوليس ۽ شهرين وچ ۾ غير ضروري انساني مداخلت گهٽ ۽ شفافيت ۾ واڌ ٿي رهي آهي هن چيو ته ڪچي وارن علائقن ۾ پوليس آپريشنز جي نتيجي ۾ صورتحال ۾ نمايان بهتري آئي آهي ۽ شاهراهن کي اڳ کان وڌيڪ محفوظ بڻايو ويو آهي سنڌ حڪومت جي سهڪار سان عادي ڏوهارين جي نظر رکڻ لاءِ اي ٽيگنگ ٽيڪنالاجي طرف پڻ اڳتي وڌي رهيا آهيون جنهن ذريعي سنگين ڏوهن ۾ ملوث جوابدارن جي چرپر بابت رڪارڊ کي وڌيڪ مؤثر نموني اپڊيٽ رکي سگهجي ٿو جاويد عالم اوڍو چيو ته سنڌ پوليس جو ڪائونٽر ٽيررزم ڊپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي) دهشتگردي خلاف سڄي ملڪ ۾ بهترين ڪارروايون ڪري رهيو آهي سنڌ پوليس ۾ آءِ ٽي شعبي کي جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال طرف تيزي سان آندو پيو وڃي، جنهن تحت سنڌ پوليس ايس فون سيف سٽي، هاءِ وي ۽ پيٽرولنگ سميت جديد ٽيڪنالاجيز مان فائدو حاصل ڪري رهي آهي ان موقعي تي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو اوورسيز واپاري ۽ صنعتڪار برادري پاران پڇيل سوالن جا جواب پڻ ڏنا.

بقايا | 11 | روزاني عبرت

جي حقن جي تحفظ، سماجي تحفظ کي وڌائڻ ۽ ليبر گورننس کي جديد بڻائڻ بابت پنهنجي حڪومت جي عزم کي ورجايو هن ملاقات ۾ سنڌ حڪومت ۽ آءِ ايل او جي وچ ۾ بهتر ڪم پورهيتن جا حق، ڪم واري هنڌ تي سلامتي ۽ جامع معاشي ترقي کي اڳتي وڌائڻ ۾ وڌندڙ پائيواري تي زور ڏنو ويو بنهي ڌرين ليبر سڌارن عالمي ليبر معيارن جي لاڳو ڪرڻ، پيشيوراڻي سلامتي سماجي تحفظ ۽ ڪمزور پورهيتن جي تحفظ تي سهڪار کي مضبوط ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آءِ ايل او جي وفد ۾ اوورسيز پاڪستانيز ۽ هيومن ريسورس ڊولپمينٽ جو وفاقي وزير چوڌري سالڪ حسين، اسٽيٽ وزير محمد عون چوڌري، وفاقي سيڪريٽري نديم اسلم چوڌري، آءِ ايل او جي ڊائريڪٽر جنرل جي سينيئر صلاحڪار محترمه هتومي ناڪاگومي، آءِ ايل او ڪنٽري آفيس جو ڊائريڪٽر گيئر ٿامس ٽونسٽل ايمپلائرز فيڊريشن آف پاڪستان جو صدر مجيد عزيز پورهيت اڳواڻ شمس الرحمان سواتي ۽ ظهور اعوان، سينيئر پروگرام آفيسر رابعه رزاق ۽ ٻيا عهديدار شامل هئا. ملاقات ۾ وزير محنت سعيد غني، وزير صنعت جام اڪرام الله ڌاريجو چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جو سيڪريٽري آصف جميل، ليبر سيڪريٽري ساجد جمال ابڙو صنعتن جو سيڪريٽري سادير جعفر پورهيت اڳواڻ حبيب جنيدي ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي وفد کي ڀليڪار ڪندي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته سنڌ، پاڪستان جي معاشي مرڪز جي حيثيت سان، صنعتن، زراعت، خدمتن، گهريلو ڪاروبارن ۽ ابڀرندڙ ڊجيٽل شعبن ۾ ڪم ڪندڙ لکين پورهيتن تي ٻڌل آهي جنهن ڪري پورهيتن جي ڀلائي ۽ تحفظ صوبائي حڪومت جي ترقياتي ايجنڊا جو هڪ بنيادي ٿنڀو آهي وڏي وزير چيو ته سنڌ حڪومت سماجي انصاف، بهتر ڪم ۽ پورهيت جي عزت کي وڏي اهميت ڏئي ٿي آءِ ايل او سان اسان جي پائيواري سڄي صوبي ۾ ليبر گورننس کي مضبوط ڪرڻ، ڪم جي جڳهه جي معيار کي بهتر بڻائڻ ۽ ڪمزور پورهيتن کي تحفظ ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿي آهي هن 21 الڳ الڳ ليبر قانونن کي هڪ جامع سنڌ ليبر ڪوڊ ۾ گڏ ڪرڻ تي آءِ ايل او جي فني مدد جي واکاڻ ڪئي ۽ هن اقدام کي هڪ تاريخي سڌارو قرار ڏنو جنهن جو مقصد ليبر قانون سازي کي جديد بڻائڻ، قانون جي پاسداري کي بهتر ڪرڻ ۽ صوبائي قانونن کي عالمي بهترين طريقن سان هم آهنگ ڪرڻ آهي مراد شاهه چيو ته سنڌ حڪومت مالڪن، پورهيتن ۽ ٻين اسٽيڪ هولڊرن سان مشاورتي عمل کي مڪمل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي ته جيئن ليبر ڪوڊ جي ڪامياب منظوري ۽ عملداري کي يقيني بڻائي سگهجي صوبائي ليبر واري وزير سعيد غني آءِ ايل او جي سهڪار سان شروع ڪيل ڪيترن ئي قدمن تي روشني وڌي، جن ۾ سيسي (SESSI) جي آفيسرن لاءِ پيشيوراڻي سلامتي ۽ صحت جي تربيتي پروگرام، ليبر انسپيڪشن سسٽم کي مضبوط ڪرڻ، ڪپهه ۽ ٽيڪسٽائل جي شعبن ۾ ڪم جي بنيادي اصولن ۽ حقن کي هٿي ڏيڻ، ٻارن ۽ جبري پورهيو جو خاتمو سنڌ منيمم ويج بورڊ جي صلاحيت کي وڌائڻ ۽ ليبر پاليسين ۾ صنفي برابري کي شامل ڪرڻ شامل آهن هن مستقبل جي سهڪار جي شعبن جي پڻ نشاندهي ڪئي جن ۾ سنڌ ليبر ڪوڊ جو نفاذ، هڪ جامع صوبائي سماجي تحفظ واري ماڊل جي تيار ڪرڻ، ليبر انسپيڪشن ۽ نفاذ جي نظام کي مضبوط ڪرڻ، GSP+ ليبر ذميوارين جي پاسداري، اسپيشل اڪنامڪ زونز ۽ ايڪسپورٽ پروسيسنگ زونز ۾ ليبر جا تحفظ، مهارت جي سرٽيفڪيشن پروگرام، افرادي قوت ۾ عورتن جي شموليت کي وڌائڻ ۽ ٻارن توڙي جبري پورهيو جو خاتمو شامل آهن وڏي وزير تجويز ڏني ته سنڌ حڪومت ۽ آءِ ايل او جي وچ ۾ گڏيل فني ورڪنگ گروپ جوڙيا وڃن ته جيئن گڏيل ترجيحن کي عملي پروگرامن ۽ نتيجن ۾ تبديل ڪري سگهجي ان موقعي تي ڳالهائيندڙ آءِ ايل او جي ڊائريڪٽر جنرل گلبرٽ ايف هونگبو سنڌ حڪومت جي ليبر سڌارن ۽ پورهيتن جي ڀلائي واري عزم جي تعريف ڪئي هن چيو ته سنڌ ليبر گورننس کي مضبوط ڪرڻ ۽ بهتر ڪم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ مضبوط سياسي عزم جو مظاهرو ڪري رهي آهي آءِ ايل او سنڌ حڪومت سان پنهنجي ڀائيواري کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿي ۽ ليبر قانون سازي کي جديد بڻائڻ، سمورن پورهيتن لاءِ ڪم جي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ۾ مدد جاري رکڻ لاءِ پرعزم آهي مسٽر هونگبو چيو ته سنڌ سماجي تحفظ ۽ ڪم واري هنڌ تي سلامتي، پائيدار معاشي ترقي ۽ سماجي استحڪام جا اهم ٿنڀا آهن هن ليبر قانونن کي گڏ ڪرڻ ۽ ليبر انتظاميا توڙي انسپيڪشن لاءِ ادارتي صلاحيتن کي مضبوط ڪرڻ تي سنڌ جي ڪوشش کي ساراهيو هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ ليبر قانون سازي، پيشيوراڻي سلامتي ۽ سماجي ڳالهين تي ٿيندڙ اڳڀرائي هڪ مثبت رخ جي عڪاسي ڪري ٿي اسان بهتر ڪم، سماجي انصاف ۽ پورهيتن خاص ڪري عورتن، نوجوانن ۽ ڪمزور طبقن لاءِ موقعن کي هٿي ڏيڻ ۾ وڌيڪ سهڪار جا منتظر آهيون آءِ ايل او جي ڊائريڪٽر جنرل حڪومتن، مالڪن ۽ پورهيتن جي تنظيمن جي وچ ۾ مسلسل ٽه ڌريون ڳالهين جي اهميت تي پڻ زور ڏنو ۽ ان کي پائيدار ليبر سڌارن ۽ جامع معاشي ترقي جي حاصلات لاءِ ضروري قرار ڏنو بنهي ڌرين فني سهڪار کي وڌيڪ وڌائڻ ۽ ليبر معيارن سماجي تحفظ، ڪم واري هنڌ تي سلامتي ۽ مهارت جي ترقي جي قدمن تي ويجهي رابطي کي برقرار رکڻ تي اتفاق ڪيو ملاقات جي پڄاڻي تي وڏي وزير مراد علي شاهه آءِ ايل او جي ڊائريڪٽر جنرل ۽ سندس وفد جو سنڌ جو دورو ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪيو ۽ پاليسي عزم کي پورهيتن جي زندگين ۾ واضح بهتري ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ آءِ ايل او مالڪن جي تنظيمن ۽ پورهيتن جي نمائندن سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ صوبائي حڪومت جي تيار هجڻ کي ورجايو وڏي وزير چيو ته پورهيتن جي ڀلائي پائيدار ترقي لاءِ بنيادي حيثيت رکي ٿي اسان آءِ ايل او جي پائيواري کي اهميت ڏيون ٿا ۽ سڄي سنڌ ۾ هڪ مضبوط، محفوظ ۽ وڌيڪ جامع ليبر ماحول جوڙڻ جا منتظر آهيون.

بقايا | 12 | روزاني عبرت

پنڪي خلاف منشيات ڪيس جي ٻڌڻي ٿي جنهن دوران جوابدار انمول عرف پنڪي طرفان عدالت ۾ بريت جي درخواست داخل ڪئي وئي عدالت جوابدار جي بريت واري درخواست تي ڊپٽي پبلڪ پراسيڪيوٽر کي نوٽيس جاري ڪندي سرڪاري وڪيل کان ايندڙ ٻڌڻي تي جواب طلب ڪري ورتو بريت جي درخواست تي جوابدار جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته انمول عرف پنڪي خلاف گڙٻڙ ٿاڻي ۾ منشيات جو ڪيس داخل ٿيل آهي جڏهن ته ڪيس ۾ شامل شريڪ جوابدار علي خان کي اڳ ئي ناڪافي شاهدين جي بنياد تي بري ڪيو ويو آهي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته شريڪ جوابدار کي ناڪافي شاهدين سبب بري ڪيو ويو آهي تنهن ڪري انمول عرف پنڪي کي به ڪيس مان بري ڪيو وڃي واضح رهي ته انمول عرف پنڪي خلاف گڙٻڙ ٿاڻي ۾ منشيات جي الزام تحت ڪيس داخل ٿيل آهي ڪيس جي ايندڙ ٻڌڻي تي سرڪاري وڪيل پاران بريت واري درخواست تي جواب عدالت ۾ جمع ڪرايو ويندو.

بقايا | 13 | روزاني عبرت

جي دوران مزاحمت تي فائرنگ جي نتيجي ۾ 25 سالن جو نوجوان بلال ولد عبدالصمد قتل ٿي ويو آهي واقعي بعد ملزم فرار ٿي ويا. اطلاع ملندي واقعي واري هنڌ تي پوليس پهچي مقتول جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ۽ واقعي واري هنڌ تان پوليس شاهدين گڏ ڪري جاچ شروع ڪري ڏني آهي.

بقايا | 14 | روزاني عبرت

وفاقي وزير محسن نقوي ۽ مملڪتي وزير طلال چوڌري سان پوليند جي ڪائونسل آف منسٽرز جي سربراهه ۽ وزير ٿوماش شيمونياڪ ملاقات ڪئي جنهن دوران ٻطرفي سيڪيورٽي تعاون انٽيليجنس شيئرنگ ۽ منظم ڏوهن جي روڪٿام بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي گهرو معاملن واري وزارت مان جاري بيان مطابق ملاقات دوران اتفاق راءِ ٿيو ته بنهي ملڪن وچ ۾ ميوچل ليگل اسسٽنس سميت مختلف مفاهمتي ياداشتن کي جلد حتمي شڪل ڏني ويندي، مملڪتي وزير طلال چوڌري جي سربراهي ۾ گهرو معاملن واري وزارت جو هڪ اعليٰ سطحي وفد جلد پوليند جو دورو ڪندو محسن نقوي آگاهه ڪيو ته حڪومتي قدمن سبب پاڪستان کان يورپ طرف غير قانوني اميگريشن ۾ 64 سيڪڙو نمايان گهٽتائي آئي آهي بنهي اڳواڻن غيرقانوني رستن جي روڪٿام ۽ پاڪستانين لاءِ روزگار ۽ قانوني اميگريشن جا موقعا وڌائڻ ۽ آفيشل پاسپورٽس تي ويزه فري سهولت تي غور ڪيو پوليند جي وزير خطي ۾ امن لاءِ پاڪستان جي ڪردار ۽ دهشتگردي جي خاتمي جي ڪوشش جي ڀرپور تائيد ڪئي جڏهن ته محسن نقوي يورپي يونين جي جي ايس پي پلس اسٽيٽس ۾ پوليند جي حمايت تي شڪريو ادا ڪيو.

بقايا | 15 | روزاني عبرت

اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ ڪراچي سميت سنڌ ۾ مختلف شعبن اندر سيڙپڪاري جي موقعن فائر فائٽنگ جي جديد نظام ۽ مشينري جي فراهمي پاڻي جي منصوبن ۽ خاص طور ڪراچي ۾ ڊي سيلينيشن پلانٽ لڳائڻ بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي اجلاس ۾ سيڙپڪاري بابت خاص معاون قاسم نويد قمر ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب مڪاني ادارن واري کاتي جي سيڪريٽري وسيم شمشاد واٽر ڪارپوريشن جي سي او ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس دوران چيني سيڙپڪارن ڪراچي سميت سنڌ جي مختلف شعبن ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ لاءِ گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو ۽ جديد ٽيڪنالاجي، مشينري ۽ شهري بنيادي ڍانچي جي منصوبن ۾ گڏيل سهڪار جي امڪانن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي اجلاس ۾ فائر فائٽنگ جي جديد سامان مشينري ۽ هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ جديد نظام جي فراهمي بابت پڻ تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو ته شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ باهه وسائڻ جو جديد ۽ موثر نظام وقت جي اهم ضرورت آهي سنڌ حڪومت ريسڪيو 1122 ۽ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن کي جديد فائر فائٽنگ نظام، جديد سامان ۽ مشينري سان ليس ڪرڻ چاهي ٿي جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال دوران فوري ۽ موثر ڪارروائي کي يقيني بڻائي سگهجي هن چيو ته جديد فائر فائٽنگ نظام جي موجودگي سان نه رڳو باهه لڳڻ جي واقعن دوران جاني نقصان گهٽ ڪري سگهجي ٿو پر قيمتي ملڪيت ۽ شهري انفراسٽرڪچر کي پڻ محفوظ بڻائڻ ۾ مدد ملندي ان موقعي تي واٽر ڪارپوريشن جي سي او اجلاس کي اداري جي ضرورتن، پاڻي جي موجوده نظام ۽ شهر ۾ پاڻي جي فراهمي بابت مختلف منصوبن جي حوالي سان تفصيلي بريفنگ ڏني ناصر حسين شاهه چيو ته ڪراچي جي وڌندڙ آبادي ۽ پاڻي جي وڌندڙ ضرورتن کي نظر ۾ رکندي پاڻي جي نون ۽ پائيدار منصوبن تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي جڏهن ته جديد ٽيڪنالاجي ۽ نجي شعبي سان گڏجي شهري مسئلن جا ڊگهي مدي وارا حل ڳوليا پيا وڃن هن وڌيڪ چيو ته چيني سيڙپڪارن ڪراچي ۾ ڊي سيلينيشن پلانٽ جي منصوبي ۾ پڻ سيڙپڪاري لاءِ دلچسپي جو اظهار ڪيو آهي جيڪو شهر جي پاڻي جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ اهم اڳڀرائي ثابت ٿي سگهي ٿو صوبائي وزير چيو ته سامونڊي پاڻي کي صاف ڪري استعمال لائق بڻائڻ وارن منصوبن سان ڪراچي ۾ پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏيڻ ۾ مدد ملندي ۽ مستقبل ۾ شهر جي پاڻي جي فراهمي واري نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي ٿو اجلاس دوران غير ملڪي سيڙپڪارن لاءِ سازگار ماحول جديد ٽيڪنالاجي جي منتقلي شهري بنيادي ڍانچي جي ترقي ۽ مختلف منصوبن ۾ گڏيل سهڪار جي معاملن تي پڻ غور ويچار ڪيو ويو ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌ حڪومت غير ملڪي سيڙپڪارن کي هر ممڪن سهولتون ۽ تعاون فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي ۽ عوامي سهولتن سان لاڳاپيل منصوبن ۾ غير ملڪي سيڙپڪاري جي حوصلا افزائي ڪئي ويندي، جڏهن ته جديد ٽيڪنالاجي ۽ عالمي تجربن مان فائدو وٺندي ڪراچي جي شهري نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ قدم جاري رکيا ويندا.

بقايا | 16 | روزاني عبرت

دوران زرعي خرچن ۾ مسلسل اضافو ٿيندو رهيو ۽ فصل مارڪيٽ ۾ پهچڻ شرط آبادگارن کي سندن محنت جو مناسب معاوضو نه پيو ملي، جيڪو سنڌ حڪومت جي زرعي پاليسي ۽ نگراني تي سوال اٿاري ٿو سردار عبدالرحيم چيو ته سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ سارين جي لاباري جو سلسلو جاري آهي پر آبادگارن کي گهٽ اگهه تي سارين وڪڻڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي مختلف علائقن مان شڪايتون سامهون اچي رهيون آهن ته سارين جي اگهه ۾ نمايان گهٽتائي ٿي آهي. جڏهن ته خريداري دوران نمي، ڪچري، وزن ۽ ٻين مدن جي نالي تي مبينا ڪٽوتين سبب پڻ آبادگار متاثر ٿي رهيا آهن هن چيو ته بدين، ٺٽو سجاول ٽنڊو محمد خان، حيدرآباد، مٽياري، ميرپورخاص، عمرڪوٽ، لاڙڪاڻو قمبر شهدادڪوٽ، دادو شڪارپور جيڪب آباد، ڪشمور ۽ ٻين ضلعن جا آبادگار سارين جو مناسب اگهه حاصل ڪرڻ لاءِ پريشان آهن آبادگارن جو چوڻ آهي ته موجوده اگهه تي فصل وڪڻڻ سان سندن پيداواري خرچ به پورو ٿيڻ ڏکيو ٿي ويو آهي سردار عبدالرحيم چيو ته هڪ طرف ٻج، ڀاڻ، زرعي دوائن، ڊيزل، بجلي، پاڻي ۽ مزدوري جا خرچ مسلسل وڌي رهيا آهن ته ٻئي طرف فصل تيار ٿيڻ کان پوءِ آبادگار کي پنهنجي پيداوار جو مناسب اگهه نٿو ملي سنڌ حڪومت زرعي شعبي جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم نه کنيا ته آبادگار وڌيڪ معاشي مشڪلاتن جو شڪار ٿيندا. هن چيو ته سارين سنڌ جي اهم فصلن مان هڪ ۽ هزارين آبادگار خاندانن جي روزگار جو ذريعو آهن سارين جي اگهه ۾ گهٽتائي جو سڌو اثر آبادگارن جي گهرن جي خرچن زرعي قرضن جي ادائيگي ۽ ايندڙ فصل جي تياري تي پوي ٿو تنهن ڪري حڪومت کي هن معاملي تي فوري ڌيان ڏيڻ گهرجي فنڪشنل ليگ سنڌ جي سيڪريٽري جنرل مطالبو ڪيو ته سنڌ حڪومت سڄي صوبي ۾ سارين جي خريداري لاءِ مناسب ۽ شفاف اگهه مقرر ڪري، خريداري مرڪزن تي اثرائتو نگراني نظام قائم ڪري ۽ نمي، ڪچري يا وزن جي نالي تي ٿيندڙ مبينا ناجائز ڪٽوتين جو تدارڪ ڪيو وڃي. سردار عبدالرحيم چيو ته سنڌ حڪومت آبادگارن کي مارڪيٽ جي رحم ڪرم تي ڇڏڻ بدران آبادگارن، رائس مل مالڪن ۽ چانورن جي واپارين جي نمائندن سان مشاورت ڪري اهڙو طريقيڪار جوڙي، جنهن سان آبادگارن کي سندن فصل جو جائز معاوضو ملي ۽ چانورن جي صنعت سان لاڳاپيل ڪاروباري طبقي کي پڻ استحڪام حاصل ٿئي هن چيو ته آبادگار خوشحال هوندو ته سنڌ جي زرعي معيشت مضبوط ٿيندي پر موجوده صورتحال ۾ سنڌ حڪومت جي عدم توجهه سبب آبادگار چانورن جا واپاري ۽ رائس ملن سان لاڳاپيل ڪاروباري طبقو سڀ ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن حڪومت فوري قدم کڻي، ٻي صورت ۾ زرعي شعبي جا مسئلا وڌيڪ سنگين ٿي سگهن ٿا.

بقايا | 17 | روزاني عبرت

ويل دهشتگردن ۾ ٻن افغان شهرين جي سڃاڻپ ٿي آهي سيڪيورٽي ذريعن موجب مارجي ويل دهشتگردن جي سڃاڻپ صفت الله عرف سيف الله جمشيد ولد تجلي جاني خيل پڪتيا جي رهواسي ۽ عمر فدائي جي نالي سان ٿي ذريعن موجب پاڪستان ۾ دهشتگرد سرگرمين ۾ ملوث 257 کان وڌيڪ افغان شهرين جي اڳ ۾ ئي سڃاڻپ ٿي چڪي آهي جڏهن ته انهن 2 ڪيسن جو اضافو هن رڪارڊ ۾ هڪ وڌيڪ اضافو آهي ذريعن موجب فتنه الخوارج سان انهن جو تعلق انهن جي اباڻن علائقن ۾ ٿيندڙ سرگرمين مان به ظاهر ٿئي ٿو انهن جي مارجڻ کان پوءِ افغانستان ۾ تعزيتي گڏجاڻيون منعقد ڪيون ويون پڪتيا جي جاني خيل ضلعي جي ڳوٺ رباط ۾ صفت الله جي تعزيتي تقريب دوران فتنه الخوارج جي جهنڊي سان پوسٽرز سرعام لڳايا ويا. ذريعن جو چوڻ آهي ته هي سلسلو صرف انهن ٻن ڄڻن تائين محدود ناهي قنڌار جي رهواسي حافظ محب الله عرف خالد پنج ڏينهن اڳ اتر وزيرستان ۾ مارجي ويل 7 دهشتگردن ۾ شامل هو عبدالله جان گل بهادر گروپ سان لاڳاپيل ۽ ڪمانڊر گوهر جو ويجهو ساٿي پڻ 3 ڏينهن اڳ هڪ آپريشن ۾ مارجي ويو هو 257 کان وڌيڪ افغان شهرين جي سڃاڻپ ۽ انهن نون ڪيسن ۾ واڌ پاڪستان ۾ افغان شهرين جي دهشتگرد سرگرمين ۾ ملوث هجڻ کي اجاگر ڪري ٿي افغانستان ۾ انهن دهشتگردن جي سرعام تعزيتي تقريبون ۽ فتنه الخوارج جي جهنڊين جي نمائش سرحد پار دهشتگرد نيٽ ورڪ ۽ ان کي حاصل ماحول کي وڌيڪ بي نقاب ڪري ٿي.

بقايا | 18 | روزاني عبرت

آباد ۾ هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيو ڪياماڙي پوليس 24 ڪلاڪن دوران 16 جوابدارن کي گرفتار ڪري هٿيار، منشيات، گٽڪا ماوا ۽ چوري ٿيل موبائل فون هٿ ڪري ورتا، جڏهن ته پاڪ ڪالوني ۾ ايس آءِ يو جي مقابلي دوران مبينا ڀتا خور گروهه جو مرڪزي شوٽر مارجي ويو سپر هاءِ وي فقيرا ڳوٺ ۾ گهر ۾ ڦر دوران مزاحمت تي هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڀاءُ مارجي ويو ۽ ٻيو زخمي ٿي پيو بهادرآباد ۾ پوليس ۽ شاهين فورس جي مقابلي دوران ذاڪر نالي جوابدار مارجي ويو جڏهن ته ياسر ۽ شيراز زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيا. پوليس موجب جوابدارن وٽان به غيرقانوني هٿيار، ايمونيشن، هلندڙ خول شهرين کان ڦريل موبائل فون 125 موٽرسائيڪل ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي گرفتار جوابدارن شارع فيصل ڪار ساز ۽ شهيد ملت روڊ تي اسٽريٽ ڪرائيم جون ڪيترين ئي وارداتون ڪرڻ جو انڪشاف ڪيو آهي شاهراهه قائدين تي فيروز آباد پوليس ۽ شاهين فورس جي مقابلي دوران لعل محمد ولد راز محمد زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيو جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿي ويو پوليس موجب جوابدار وٽان غيرقانوني هٿيار ايمونيشن ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي گرفتار جوابدار اڳ به مختلف ٿاڻن تي چوري جي ڪيسن ۾ گرفتار ٿي جيل وڃي چڪو آهي ڪياماڙي پوليس موجب گذريل 24 ڪلاڪن دوران مختلف ڪاروائين ۾ 16 جوابدار گرفتار ڪيا ويا، جن ۾ 5 اسٽريٽ ڪرمنل، 2 منشيات فروش، 2 گٽڪا فروش، 4 غيرقانوني افغان شهري ۽ 3 ٻين ڏوهن ۾ ملوث جوابدار شامل آهن پوليس موجب جوابدارن وٽان 4 غيرقانوني پسٽل 1210 گرام چرس، 167 گرام آئس، 10 ڪلو گٽڪا ماوا ۽ چوري ٿيل موبائل فون هٿ ڪيا ويا. بلديه ٽائون ۾ پوليس اي پلس ڪيٽيگري جي منشيات فروش يوسف عرف ٽنڊا کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 76 گرام آئس هٿ ڪئي پوليس موجب گرفتار جوابدار اڳ به منشيات فروشي جي ڪيسن ۾ گرفتار ٿي چڪو آهي پاڪ ڪالوني ۾ ايس آءِ يو ڪراچي جي ڪارروائي دوران ماربل فئڪٽري کان 15 لک رپيا ڀتو گهرندڙ مبينا ڀتا خور گروهه جو مرڪزي شوٽر نفاذ الاسلام مقابلي ۾ مارجي ويو پوليس موجب جوابدار وٽان 9 ايم ايم ۽ 30 بور پسٽل سميت ڀتي جي واردات ۾ استعمال ٿيل موبائل فون هٿ ڪيو ويو پوليس موجب جوابدار خلاف اڳ به ڪيترائي سنگين ڪيس داخل هئا. سپر هاءِ وي فقيرا ڳوٺ ۾ 4 کان 5 هٿيارٻند مبينا ڦورو گهر ۾ داخل ٿيا اهلخانن پاران شور ڪرڻ تي جوابدارن فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ عامر نالي شخص مارجي ويو جڏهن ته سندس ڀاءُ ڪامران زخمي ٿي پيو پوليس موجب واقعي جي شروعاتي طور ڦر دوران مزاحمت جي رخ کان جاچ ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته جاءِ واردات تان 30 بور پسٽل جا ٻه خول پڻ هٿ ڪيا ويا. اورنگي ٽائون جي شهيد چوڪ پرسان گهر مان 32 ورهين جي شهباز جو ڦاهو لڳل لاش هٿ آيو جنهن کي ڇيپا رضاڪارن عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو وارثن موجب واقعو خودڪشي جو آهي پوليس وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي. نيو ڪراچي ۾ پوليس مقابلي دوران هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جنهن وٽان هٿيار موبائل فون روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي زمان ٽائون ۾ پوليس گٽڪا ماوا وڪرو ڪندڙ محمد طاهر کي گرفتار ڪري 85 پيڪٽ گٽڪا ماوا ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي جڏهن ته جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي مومن آباد ۾ پوليس موٽرسائيڪل لفٽنگ ۾ ملوث ٻن مبينا جوابدارن بلال ۽ هدايت الله کي گرفتار ڪري چوري ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪئي.

بقايا | 19 | روزاني عبرت

فضائي آلودگي جي خلاف گذريل مهيني ٿيل گاڏين جي انسپيڪشنز جي تفصيلي رپورٽ جاري ڪري ڇڏي آهي سيڪريٽري ماحوليات، موسمياتي تبديلي ۽ ساموندي ترقي سنڌ فيصل احمد عقيلي تفصيلن کان آگاهه ڪندي ٻڌايو ته مهم دوران 34 غير معياري ڌونهون ڇڏيندڙ گاڏين کي ناپاس قرار ڏئي انهن تي ڳاڙها اسٽيڪر ۽ چالان لڳايا ويا، جڏهن ته سيپٽمبر مهيني دوران 259 گاڏين جي انسپيڪشن ڪئي وئي جن مان 225 گاڏين کي پاس قرار ڏئي انهن تي سائي رنگ جا اسٽيڪر لڳايا ويا. ناپاس قرار ڏنل گاڏين کي وڌيڪ 10 ڏينهن جي مهلت ڏني وئي آهي ٻي صورت ۾ گاڏي بند ڪئي ويندي ماحوليات کاتي جي سيڪريٽري فيصل احمد عقيلي وڌيڪ ٻڌايو ته سيپا پاران گاڏين جي ويڪولر ايميشن مانيٽرنگ ۽ آگاهي سرگرمي پهرين سيپٽمبر کان 30 سيپٽمبر 2026ع تائين ڪراچي جي مختلف هنڌن تي جاري رهي ۽ ان سلسلي ۾ سيپا ٽريفڪ پوليس جي لاڳاپيل زونز ۽ اي چالان دفتر مان تعاون پڻ حاصل ڪيو سيپا جي ويڪولر ايميشن مانيٽرنگ سرگرمي جو مقصد شهرين کي فضائي آلودگي جي نقصانڪار اثرن کان محفوظ رکڻ، گاڏين جي غير معياري ڌونهين جي روڪٿام، صاف ۽ صحتمند ماحول جي فراهمي يقيني بڻائڻ آهي ماحول دشمن گاڏين خلاف ڪارروائي وڌيڪ تيز ڪئي پئي وڃي ۽ اڳتي به مختلف هنڌن تي انسپيڪشن جو سلسلو جاري رکيو ويندو ماحول دشمن سرگرمين خلاف ڪنهن به قسم جي سستي يا غفلت برداشت نه ڪئي ويندي ويڪولر ايميشن ڪنٽرول مهم صرف هڪ عارضي مهم ناهي پر ڪراچي ۾ فضائي آلودگي تي قابو پائڻ ۽ ماحولياتي معيار بهتر بڻائڻ لاءِ هڪ مستقل عملي قدم آهي جيڪو سنڌ ۾ ماحولياتي سڌاري ۽ ماحولياتي انقلاب ڏانهن هڪ اهم قدم آهي.

بقايا | 20 | روزاني عبرت

مارڪيٽ ۾ دستيابي کي يقيني بڻائڻ ۽ صارفين کي رليف فراهم ڪرڻ جي صوبائي حڪومت جي ڪوشش جي حصي طور 15 آڪٽوبر 2026 کان 12,500 رپيا في 100 ڪلوگرام بوري جي رعايتي قيمت تي سرڪاري ڪڻڪ جاري ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي اهو فيصلو وزيراعليٰ هائوس ۾ کاڌ خوراڪ کاتي جي هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو ويو اجلاس ۾ صوبائي وزيرن مڪيش ڪمار چاولا، جام خان شورو ۽ مخدوم محبوب زمان، صلاحڪار گيانچند ايسراڻي چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جو سيڪريٽري آصف جيلاني سيڪريٽري خوراڪ غلام عباس ناٿيج ۽ ٻين سينئر اختيارين شرڪت ڪئي سڄي صوبي ۾ ڪڻڪ جي ذخيرن جي صورتحال جو جائزو وٺندي وڏي وزير خوراڪ کاتي کي هدايت ڪئي ته 15 آڪٽوبر کان ڪڻڪ جاري ڪرڻ جو عمل شروع ڪيو وڃي ۽ مارڪيٽ جي لاڙن جي ويجهڙائي سان نگراني ڪئي وڃي ته جيئن سرڪاري مداخلت جو فائدو آٽي جي گهٽ قيمتن ذريعي صارفين تائين پهچي سگهي. اجلاس دوران خوراڪ کاتي پاران موجوده سال دوران جاري ڪرڻ لاءِ دستياب ڪڻڪ جي ذخيرن جو جامع جائزو پيش ڪيو ويو ۽ انهن جو گذريل سال جي ورهاست جي انگن اکرن سان موازنو ڪيو ويو خوراڪ واري وزير مخدوم محبوب زمان ڪميٽي کي آگاهه ڪيو ته هن وقت مختلف ضلعن ۾ صوبائي ذخيرن ۾ ڪل 346,414 ميٽرڪ ٽن (MT) ڪڻڪ دستياب آهي.

بقايا | 21 | روزاني عبرت

تصديق ٿيل ڪيسن بابت رپورٽ جاري ڪري ڇڏي آهي رپورٽ موجب سنڌ ۾ هلندڙ سال ايم پاڪس جا 93 تصديق ٿيل ڪيس سامهون آيا، جڏهن ته بيماري سبب 11 فوتگيون پڻ رپورٽ ٿيون آهن صحت کاتي موجب تصديق ٿيل ڪيسن ۾ 70 مرد ۽ 23 عورتون شامل آهن جڏهن ته سڀ کان وڌيڪ ڪيس 30 کان 39 ورهين جي عمر وارن ماڻهن ۾ رپورٽ ٿيا. رپورٽ موجب 9 سالن تائين جي ٻارن ۾ ايم پاڪس جا 23 ڪيس، جڏهن ته 20 کان 29 ورهين جي عمر وارن ماڻهن ۾ 18 ڪيس سامهون آيا. ڪراچي ۾ 26، خيرپور ۾ 22 ۽ سکر ۾ ايم پاڪس جا 9 ڪيس رپورٽ ٿيا. صحت کاتي جي رپورٽ موجب سنڌ ۾ هلندڙ سال اپريل دوران ايم پاڪس جا سڀ کان وڌيڪ 31 ڪيس رپورٽ ٿيا، جڏهن ته سيپٽمبر ۾ 20 ۽ آگسٽ ۾ 17 ڪيس سامهون آيا. رپورٽ موجب اسٽيڊيم روڊ تي قائم اسپتال ۾ ايم پاڪس جي 20 ڪيسن جا ٽيسٽ ۽ نمونا ورتا ويا، جڏهن ته گهرن تي طبي دوري دوران ايم پاڪس جا 26 ڪيس رپورٽ ٿيا. صحت کاتي سنڌ شهرين کي هدايت ڪئي آهي ته ايم پاڪس جون علامتون ظاهر ٿيڻ جي صورت ۾ دير ڪرڻ بدران فوري طور تي ويجهي طبي مرڪز سان رابطو ڪن ۽ ڊاڪٽرن جي هدايتن تي عمل ڪن.

بقايا | 22 | روزاني عبرت

جوڊيشل ڪميشن پنهنجي ڪارروائي مڪمل ڪري ورتي آهي ڪميشن پنهنجي جاچ ۽ ڪارروائي بابت رپورٽ سنڌ جي وڏي وزير کي پيش ڪندي جڏهن ته رپورٽ جمع ڪرائڻ لاءِ ڪميشن وٽ 15 آڪٽوبر تائين جو وقت آهي مير رضا قتل ڪيس جي جاچ دوران جوڊيشل ڪميشن جاءِ واردات جو دورو ڪرڻ سميت مجموعي طور 15 اجلاس ڪيا ڪميشن پاران واقعي سان لاڳاپيل شاهدن، پوليس عملدارن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين جا بيان رڪارڊ ڪيا ويا ۽ مختلف ثبوتن جو جائزو ورتو ويو ڪميشن جي ڪارروائي دوران سي پي ايل سي جي نمائندي پڻ پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرايو سي پي ايل سي نمائندي موجب مير رضا جو انٽرنيٽ صبح 4 لڳي 25 منٽن تائين آن هو جڏهن ته سندس موبائل فون تي صبح 4 لڳي 10 منٽن کان 4 لڳي 20 منٽن جي وچ ۾ ميسج ٽائين رسائي ڪئي وئي هئي سي پي ايل سي جي نمائندي موجب مير رضا صبح 4 لڳي 7 منٽن تي آن لائين ٽيڪسي ڊرائيور سان رابطو ڪيو هو نمائندي ٻڌايو ته مير رضا جي فون مان ڪنهن به آئوٽ گوئنگ ڪال جو رڪارڊ موجود ناهي، جڏهن ته انٽرنيٽ ڪالنگ جو به ڪو رڪارڊ نٿو ملي جيو فينسنگ دوران پڻ ڪا مشڪوڪ سرگرمي رڪارڊ نه ٿي سي پي ايل سي نمائندي وڌيڪ ٻڌايو ته گلستان جوهر جي بلاڪ هڪ کان بلاڪ 4 تائين سي پي ايل سي جا ڪيمرا لڳل آهن، جن مان مير رضا رڳو ٽن ڪيمرائن ۾ نظر آيو واقعي واري هنڌ ڪيمرائن جي ڪوريج کان ٻاهر هو جنهن سبب واقعي واري هنڌ جي سڌي وڊيو حاصل نه ٿي سگهي سي سي ٽي وي فوٽيج بابت سوالن تي نمائندي ٻڌايو ته دستياب وڊيوز سان گاڏين جا نمبر واضح طور تي حاصل نه ٿي سگهيا. سندس چوڻ هو ته موبائل فون تي موجود سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي وڊيو ۾ تبديلي ڪرڻ ممڪن ناهي ڪميشن پاران واقعي جي مختلف پاسن جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ ڪارروائي مڪمل ڪئي وئي آهي ۽ هاڻي ڪميشن پنهنجي سفارشن ۽ نتيجن تي ٻڌل رپورٽ سنڌ جي وڏي وزير کي پيش ڪندو واضح رهي ته مير رضا قتل ڪيس جي جاچ لاءِ جوڊيشل ڪميشن جو نوٽيفڪيشن 24 آگسٽ تي جاري ڪيو ويو هو جڏهن ته ڪميشن 27 آگسٽ تي باقاعده ڪم شروع ڪيو هو سنڌ جي گهرو کاتي پاران ڪميشن کي هڪ مهيني اندر ڪارروائي مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي هئي بعد ۾ ڪميشن جي مدي ۾ واڌ ڪئي وئي مير رضا ڪيس جو پسمنظر ڪراچي جو 19 ورهين جو نوجوان مير رضا علي خان 28 جولاءِ تي پاڪستان ايمپلائيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي (پي اي سي ايڇ ايس) مان لاپتا ٿيو هو مير رضا صبح 4 لڳي 9 منٽن تي آن لائين ٽيڪسي ذريعي گهران روانو ٿيو هو جنهن ڪانپوءِ هو واپس گهر نه پهتو ٻن ڏينهن ڪانپوءِ مير رضا جو لاش گلستان جوهر واري علائقي مان مليو هو پوليس موجب نوجوان جي لاش انتهائي خراب حالت ۾ مليو هو ۽ سندس سيني ۾ گولي لڳل هئي پوليس موجب مير رضا جو لاش ملڻ کان هڪ ڏينهن اڳ سندس سمورا سوشل ميڊيا اڪائونٽس پڻ بند ڪيا ويا هئا. جنهن معاملي کي به جاچ جو حصو بڻايو ويو مير رضا جي والد جو چوڻ هو ته سندس پٽ جي 30 آگسٽ تي گلشن اقبال جي بيت المڪرم مسجد ۾ نڪاح مقرر هو ۽ هو پنهنجي زندگي جي نئين مرحلي شروع ٿيڻ تي تمام گهڻو خوش هو واقعي جي حقيقت، نوجوان جي موت جي اصل سبب ۽ ڪيس سان لاڳاپيل ٻين معاملن بابت جوڊيشل ڪميشن جي حتمي رپورٽ اهميت رکي ٿي جيڪا مقرر مدي اندر سنڌ جي وڏي وزير کي پيش ڪئي ويندي.

بقايا | 23 | روزاني عبرت

حاصل ڪيا ويا ڪراچي جي سي ويو تي گذريل سال جولاءِ ۾ گاڏي مان ڪري فوت ٿيل 19 ورهين جي ميڊيڪل شاگرد سلطان ظفر جي موت جو اصل ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ عدالت جي حڪم تي قبر ڪشائي جو عمل مڪمل ڪيو ويو سلطان ظفر جي والده جي فرياد تي ساحل ٿاڻي ۾ قلم 320 تحت ڪيس داخل ڪيو ويو هو جنهن ڪانپوءِ عدالت حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ قبر ڪشائي جا حڪم جاري ڪيا هئا. ڊائو اسپتال جي پروفيسر ڊاڪٽر صبا سهيل جي سربراهي ۾ جوڙيل خاص ميڊيڪل بورڊ قبر ڪشائي جي ڪارروائي مڪمل ڪئي جنهن دوران فوتي جي جسد خاڪي مان مختلف نمونا حاصل ڪري محفوظ ڪيا ويا، جڏهن ته جسم جون مختلف رخن کان تصويرون پڻ ورتيون ويون پوليس ميڊيڪل بورڊ موجب حاصل ڪيل نمونن جي ليبارٽري تجزيي ڪانپوءِ ئي سلطان ظفر جي موت جي اصل ڪارڻ بابت حتمي راءِ قائم ٿي سگهندي.

بقايا | 24 | روزاني عبرت

اوڍو سنڌ پوليس جي اهم يونٽن مان آفيسرن ۽ اهلڪارن جي بدلين تي تاحڪم ثاني پابندي لاڳو ڪرڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا آهن حڪم نامي موجب ايس پي يو سي پيڪ سنڌ، آر آر ايف، سي آءِ اي يو ۽ سنڌ پوليس هاءِ وي پيٽرول مان ٻين رينجن ضلعن ۾ يونٽن ۾ بدلين فوري طور روڪيون ويون آهن لازمي مقرر مدي جي ملازمت مڪمل ڪرڻ کانسواءِ ڪنهن به پوليس آفيسر يا اهلڪار جي بدلي نه ڪئي ويندي، جڏهن ته پابندي ختم ٿيڻ تائين ٽرانسفر ۽ پوسٽنگ بابت درخواستون پڻ غور هيٺ نه آنديون وينديون حڪم نامي ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته بدلين تي پابندي تاحڪم ثاني برقرار رهندي.

بقايا | 25 | روزاني عبرت

ڪيو ويو آهي نوٽيفڪيشن موجب اسسٽنٽ انسپيڪٽر جنرل آف پوليس (موٽر ٽرانسپورٽ) سنڌ سيد سلمان حسين کي ترت اثر سان سينئر سپرنٽينڊنٽ آف پوليس (ايس ايس پي) ڊرائيونگ لائسنس ڪراچي مقرر ڪيو ويو آهي هوڏانهن اسسٽنٽ انسپيڪٽر جنرل آف پوليس (ڪميونيڪيشن) سنڌ ذوالفقار علي ڏالبر کي سندس موجوده ذميوارين سان گڏ اي آءِ جي موٽر ٽرانسپورٽ سنڌ جي عهدي جو اضافي چارج پڻ سونپيو ويو آهي نوٽيفڪيشن انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ جاويد عالم اوڍو جي منظوري سان ڊي آءِ جي اسٽيبلشمينٽ ڪيپٽن (ر) پرويز احمد چانڊيو پاران جاري ڪيو ويو آهي.

بقايا | 26 | روزاني عبرت

رڪني وفد صدر ملڪ شهزاد اعوان جي اڳواڻي ۾ ملاقات ڪئي وفد ۾ يونائيٽيڊ گڊز ٽرانسپورٽ الائنس جو سرپرست اعليٰ ملڪ شبر خان، پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ الائنس جو چيئرمين نثار حسين جعفري ۽ يونائيٽيڊ گڊز ٽرانسپورٽ الائنس جو چيئرمين غلام ياسين خان شامل هئا ملاقات دوران وفد ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي کي مال بردار گاڏين جي ناردرن باءِ پاس، پورٽ قاسم، ڪراچي پورٽ ۽ ٻين مختلف علائقن ۾ اچ وڃ ٽريفڪ سميت درپيش مسئلن بابت آگاهه ڪيو ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان وفد کي مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن سهڪار جي خاطري ڪرائيندي لاڳاپيل معاملن تي ضروري قدم کڻڻ جون هدايتون جاري ڪيون ڪراچي پوليس موجب مال بردار گاڏين جي رواني ۽ ٽريفڪ جي مسئلن بابت ٽرانسپورٽرن سان رابطي جو عمل جاري رکيو ويندو.

بقايا | 27 | روزاني عبرت

حڪومت جي مقرر ڪيل طريقيڪار مطابق پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ تبديلي ڪئي آهي. حڪومت هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي قيمت ۾ 91 پئسا في ليٽر گهٽتائي ڪئي آهي. جنهن ڪانپوءِ نئين قيمت 394.94 رپيا في ليٽر مقرر ٿي وئي آهي پيٽرول جي قيمت ۾ 1.82 رپيا في ليٽر اضافو ڪيو ويو آهي. جنهن ڪانپوءِ نئين قيمت 396.65 رپيا في ليٽر ٿي وئي آهي نوٽيفڪيشن موجب، پيٽروليم شين جون نيون قيمتون 8 آڪٽوبر 2026 کان لاڳو ٿينديون.

بقايا | 28 | روزاني عبرت

ويو آهي ته هن خطي ۾ روزانو 3 ڊالر کان گهٽ آمدني تي زندگي گذاريندڙ ماڻهن مان لڳ ڀڳ 48 سيڪڙو پاڪستان ۾ رهن ٿا. خطي جي ملڪن بابت جاري ڪيل اقتصادي اپڊيٽ ۾ عالمي بئنڪ چيو آهي ته لبنان، پاڪستان شام ۽ گڏيل عرب امارتن ۾ پيٽرول جي اگهن ۾ 40 سيڪڙو يا ان کان وڌيڪ واڌ ٿي آهي جڏهن ته ڊيزل جي قيمت لبنان ۾ 80 سيڪڙو کان مٿي، گڏيل عرب امارتن ۾ لڳ ڀڳ 70 سيڪڙو ۽ پاڪستان، اولهه ڪناري ۽ غزا ۾ 40 سيڪڙو کان وڌيڪ وڌي آهي رپورٽ موجب، اگهن تي حڪومتي ڪنٽرول ۽ سبسڊيز واهپيدارن کي فوري اثرن کان ڪنهن حد تائين تحفظ فراهم ڪيو پر ان جي نتيجي ۾ حڪومتن تي مالي دٻاءُ وڌي ويو مصر اردن ۽ تيونس ۾ حڪومتي قرض مجموعي ملڪي پيداوار (جي ڊي پي) جي 80 سيڪڙو کان وڌي چڪا آهن جڏهن ته لبنان ۾ اها شرح 130 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي عالمي بئنڪ موجب، الجزائر جبوتي، عراق، مراڪش ۽ پاڪستان کي به قرضن ۽ مالي ضرورتن جي حوالي سان نمايان دٻاءُ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي اهڙي طرح ٻاهر ۽ ٻين شين جي اگهن ۾ واڌ سبب شام ۽ پاڪستان ۾ احتجاجي مظاهرا به ٿيا آهن رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته پاڪستان ۾ غربت جي شرح 2018-19ع کان 2024-25ع دوران روزانو 3 ڊالر جي غربت واري لڪير جي حساب سان 6.4 سيڪڙو پوائنٽس جڏهن ته روزانو 4.20 ڊالر جي غربت واري لڪير جي حساب سان 3.2 سيڪڙو پوائنٽس وڌي آهي رپورٽ موجب، ان عرصي دوران ڪووڊ-19 وبا، 2022ع جي تباهه ڪندڙ ٻوڏ، مهانگائي جي بلند سطح پاڪستاني رپئي جي قدر ۾ گهٽتائي ۽ ڊگهي معاشي سڌارن واري عمل غربت ۾ واڌ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو امڪان آهي ته اهي ناڪاري رجحان 2026ع تائين برقرار رهندا عالمي بئنڪ جو چوڻ آهي ته وچ اوڀر اتر آفريڪا، افغانستان ۽ پاڪستان (MENAAP) دنيا جو واحد خطو آهي جتي غربت جي شرح وبا کان اڳ واري سطح کان اڃا به وڌيڪ آهي ۽ مسلسل وڌي رهي آهي رپورٽ موجب، خطي جي انتهائي غريب ماڻهن مان لڳ ڀڳ اڌ جو تعلق پاڪستان سان آهي جڏهن ته ٻين غريب ماڻهن جو وڏو انگ افغانستان شام ۽ يمن ۾ رهي ٿو اهي ڪيئي ملڪ جنگين ۽ ٽڪراءُ کان متاثر آهن ۽ انهن ۾ گڏيل طور تي روزانو 3 ڊالر کان گهٽ آمدني تي زندگي گذاريندڙ ماڻهن جو وڌيڪ 47 سيڪڙو حصو رهي ٿو.

بقايا | 29 | روزاني عبرت

ڪرڻ تي آفيسرن ۽ اهلڪارن جي پيشيوراڻين صلاحيتن جي واکاڻ ڪئي آهي اربع ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، وزيراعظم چيو ته سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان ۽ ان جي ڀر وارن علائقن ۾ فتنه الخوارج جي ڪاڻن کي موثر طريقي سان نشانو بڻايو دهشتگردي جي مڪمل خاتمي ۽ ملڪ ۾ پائيدار امن قائم ٿيڻ تائين فتنه الخوارج خلاف ڪارروايون جاري رهنديون وزيراعظم چيو ته عزم استحڪام تحت دهشتگردي خلاف موثر ڪارروايون دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ رياست جي اٽڪ ۽ پختي عزم جون عڪاس آهن ملڪ جي امن ۽ سلامتي کي نقصان پهچائيندڙ دهشتگردن کي انهن جي ناپاڪ ارادن ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين.

بقايا | 30 | روزاني عبرت

منهن ڏيڻ جي صلاحيت کي قومي ترقي جو لازمي جز ۽ ايندڙ نسلن جي حوالي سان پنهنجي گڏيل ذميواري سمجهڻو پوندو عوام جي وقت کي سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ موثر منصوبابندي سان گڏائي اسان اهڙو پاڪستان تعمير ڪري سگهون ٿا جيڪو سياڻي جي ڪنهن غيريقيني صورتحال جي لاءِ وڌيڪ بهتر طور تي تيار هجي هن اها ڳالهه قومي استقامت جي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چئي جيڪو 8 آڪٽوبر تي ملهايو پيو وڃي صدر 8 آڪٽوبر 2005ع جي تباهي آڻيندڙ زلزلي ۾ فوت ٿيندڙ هزارين ماڻهن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته هي ڏينهن انهن قيمتي جانين کي ياد ڪرڻ ۽ انهن متاثرين کي سلام پيش ڪرڻ جو موقعو آهي جن عزم ۽ حوصلي سان پنهنجون زندگيون ٻيهر تعمير ڪيون صدر سوڳوار خاندانن ۽ انهن سمورن ماڻهن کي پڻ خراج تحسين پيش ڪيو جيڪي متاثر آبادين جي مشڪل وقت ۾ انهن سان گڏ بيٺل رهيا. هن چيو ته اهو سانحو اسان جي قومي يادداشت ۾ اڄ به نقش آهي جڏهن ته ان موقعي تي پاڪستاني عوام ۽ ادارن پاران ڏيکاريل غيرمعمولي همدرديءَ جو جذبو گڏيل قوت ۽ عالمي حصيدارن جي مدد پڻ اسان جي يادن جو اهم حصو آهي صدر چيو ته ان تجربي ثابت ڪيو ته مشڪلاتن جي وقت هڪ ٻئي جي حفاظت ۽ گڏجي بحالي جي صلاحيت اسان جي سڀ کان وڏي طاقتن مان هڪ آهي.

بقايا | 31 | روزاني عبرت

جماعت اسلامي جي وفد جي جلد ملاقات جي خاطري ڪرائي آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران اربع ڏينهن جاري بيان موجب پروفيسر احسن اقبال وزيراعظم جو امير جماعت اسلامي جي لاءِ پيغام پهچايو هن لياقت بلوچ کي ٻڌايو ته وزيراعظم جي جماعت اسلامي جي امير سان ڳالهه ٻولهه ۾ جنهن ملاقات تي اتفاق ٿيو هو اها گڏيل اتفاق سان جلد ٿيندي پروفيسر احسن اقبال چيو ته عوام کي رليف ڏيڻ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي گڏجي ويهي ان تي وڌيڪ ڳالهه ٻولهه ڪنداسين ان کان اڳ وزيراعظم جماعت اسلامي جي امير سان ٽيليفون تي رابطو ڪري احتجاج جي ڪال واپس وٺڻ جي ڳالهه ڪئي هئي جنهن تي هن احتجاج جي ڪال ملتوي ڪري ڇڏي هئي.

بقايا | 32 | روزاني عبرت

ڪمانڊر نيشنل اسٽريٽجڪ ڪمانڊ جنرل سيد عاصر رضا نشان امتياز (ملٽري) پرڏيهي وزارت ۾ ملاقات ڪئي اربع ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جنرل سيد عاصر رضا کي ترقي ۽ ڪمانڊر نيشنل اسٽريٽجڪ ڪمانڊ جون ذميواريون سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ سندس نئين ذميوارين ۾ ڪاميابي جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ملاقات ۾ قومي سلامتي سان لاڳاپيل معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ۽ علائقائي عالمي صورتحال تي پڻ ڳالهه ٻولهه ٿي هن پاڪستان جي قومي مفادن جي فروغ ۽ علائقائي امن ۽ سلامتي جي لاءِ ادارجاتي سطح تي ويجهي رابطي ۽ گڏيل تعاون جي اهميت تي اتفاق ڪيو.

بقايا | 33 | روزاني عبرت

پختونخواهه سان لاڳاپيل معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي اربع ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب ملاقات دوران وزيراعظم شهباز شريف چيو ته دهشتگردي جي خلاف خيبر پختونخواهه جي عوام جي قربانين کي قدر جي نگاهه سان ڏسون ٿا. خيبر پختونخواهه ۾ وڌندڙ دهشتگردي کي هر قيمت تي روڪڻو پوندو اسان جي خواهش آهي ته خيبر پختونخواهه ۾ به ملڪ جي ٻين حصن وانگر ترقي ٿئي وفاقي وزير وزيراعظم کي آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ جاري معاملن ۽ اڳڀرائي جي حوالي سان بريفنگ ڏني وزيراعظم آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي عوام جي ڀلائي، ترقي ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ موثر قدم جاري رکڻ جي هدايت ڪندي چيو ته آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي ترقي ۽ اتي جي عوام جي خوشحالي حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي.

بقايا | 34 | روزاني عبرت

عاصم منير سان اهم ملاقات ڪئي آهي آءِ ايس پي آر مطابق ملاقات دوران گڏيل دلچسپي جي معاملن، خطي جي موجوده سيڪيورٽي صورتحال ۽ عالمي امن ۽ سلامتي جي فروغ ۾ گڏيل قومن جي ڪردار تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون بنهي اڳواڻن خطي جي مجموعي استحڪام، جمون ۽ ڪشمير مسئلي، ڀارت طرفان سنڌ طاس معاهدي جي معطلي ۽ افغانستان جي سرزمين تان ٿيندڙ دهشتگردي جي چئلينجز تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ان موقعي تي آرمي چيف عالمي امن امان لاءِ پاڪستان جي پختي عزم جو ورجاءُ ڪندي گڏيل قومن جي امن مشنز ۾ پاڪ فوج جي تاريخي خدمتن کي اجاگر ڪيو هن عالمي سطح تي امن جي قيام، علائقائي استحڪام ۽ انساني همدردي جي شعبن ۾ گڏيل قومن جي ڪرداري ۽ سيڪريٽري جنرل انتونيو گوٽريش جي قيادت کي ساراهيو يو اين سيڪريٽري جنرل دهشتگردي جي خلاف جنگ ۽ گڏيل قومن جي امن مشنز ۾ پاڪستان ۽ ان جي هٿياربند فوج جي بي مثال قربانين ۽ لازوال خدمتن تي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو هن عالمي امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪستان جي مسلسل ۽ فعال ڪردار جو اعتراف ڪندي علائقائي تڪرارن جي پرامن حل لاءِ پاڪستان جي سفارتي ۽ عملي ڪوششن جي خاص تعريف ڪئي.

بقايا | 35 | روزاني عبرت

شموليت انڊيڪس (پي- ايف آءِ آءِ) جا نتيجا اربع ڏينهن جاري ڪري ڇڏيا آهي انگ اکر جيڪي ملڪ ۾ مالي شموليت کي جاچڻ جو هڪ جامع پيمانو آهن 59.5 رڪارڊ ڪيا ويا، جڏهن ته 2024ع ۾ اهو 58.1 هو انگ اکرن جي هاڪاري اوسر وڌيڪ ڊيلي اشاري استعمال ۾ خاطر خواهه اضافي جو نتيجو آهن جنهن ڪانپوءِ اهڃاڻن تائين پهچ ۽ معيار ۾ بهتري ڏٺي وئي آهي مان ظاهر ٿئي ٿو ته مالي شموليت جي قومي حڪمت عملي 2024ع کان 2028ع تحت ڊجيٽل قدم ڪامياب طريقي سان لاڳو ڪيا پيا وڃن هي ڪاميابي ۾ ذڪر جوڳو رستو سرچنٽ آن بورڊنگ ۽ پيمنٽ ايڪو سسٽم ڊجيٽل بئنڪنگ جي آمد ۽ اڪائونٽ کولڻ جون مهمان آهن اها اڳڀرائي صارف جي تربيت ۽ مالي خواندگي ذريعي وڌيڪ مستحڪم ٿي.

بقايا | 36 | روزاني عبرت

آف گورنرز جي 14 هين اجلاس جي صدارت ڪندي صوبي ۾ تعليمي پهچ کي وڌائڻ لاءِ مالي ۽ انتظامي قدمن جي هڪ جامع پيڪيج جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي هن اعليٰ سطحي اجلاس ۾ تعليم واري وزير سيد سردار شاهه چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جو پرنسپال سيڪريٽري آغا واصف، پي اينڊ ڊي بورڊ جو چيئرمين نجم شاهه اسڪول ايجوڪيشن جو سيڪريٽري زاهد عباسي سيڪريٽري ناڻو اصغر ميمڻ ۽ ايس اي ايف جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر گهنور علي لغاري شرڪت ڪئي بورڊ چيو ته ايس اي ايف (SEF) هن وقت صوبي جي تعليمي حڪمت عملي جي بنيادي پٿر طور ڪم ڪري رهي آهي جيڪا 3,230 ادارن جي ذريعي 1,078,252 شاگردن تائين پهچي رهي آهي هن واڌاري کي برقرار رکڻ ۽ وڌندڙ مهانگائي کي منهن ڏيڻ لاءِ بورڊ پارٽنر اسڪولن جن ۾ دي سٽيزنز فائونڊيشن (TCF) پاران هلائيل اسڪول به شامل آهن جي سبسڊي جي شرحن تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ 7.9 ارب رپين جي اضافي سالياتي فنڊز جي منظوري ڏني سخت نگراني کي يقيني بڻائڻ لاءِ وڏي وزير هڪ خصوصي ڪميٽي جوڙي، جنهن ۾ تعليم وارو وزير پي اينڊ ڊي چيئرمين ۽ ناڻي وارو سيڪريٽري شامل آهن جيڪا سبسڊي جي آخري فيصلي جو جائزو وٺندي ۽ ان بابت سفارشون پيش ڪندي ان کان علاوه بورڊ مشڪل ۽ پهچ کان پري وارن علائقن ۾ خدمتن جي توسيع لاءِ هڪ اسٽريٽجڪ گرانٽ جي منظوري ڏني ان ۾ بند پيل اسڪولن کي ٻيهر کولڻ گهٽ سهولتن وارن علائقن ۾ نيون سهولتون قائم ڪرڻ ۽ مرحليوار طريقي سان 500 سرڪاري ڪميونٽي اسڪولن کي چالو ڪرڻ شامل آهي وڏي وزير مراد علي شاهه ان ڳالهه تي زور ڏنو ته صوبائي حڪومت ان عزم تي قائم آهي ته ڪو به ٻار تعليم کان محروم نه رهي هن ايس اي ايف (SEF) جي قيادت تي زور ڀريو ته هو سڄي سنڌ ۾ انساني ترقي جي اشارن کي بهتر بڻائڻ لاءِ سگهيا جي نتيجن ۽ انفراسٽرڪچر جي ترقي کي اوليت ڏين

بقايا | 37 | روزاني عبرت

پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان بلاول هائوس ۾ پيپلزپارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو پيپلزپارٽي جي ايم اين اي سيد قاسم گيلاني پنجاب اسيمبلي جي ميمبر راڻا اقبال سراج، پيپلزپارٽي بلوچستان جي صدر عمر گورگيج جنرل سيڪريٽري رباني کهڙو ايم اين اي خورشيد جونيجو ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر لياقت علي آسڪاڻي ڌار ڌار ملاقاتون ڪيون ملاقاتن دوران سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جي سياسي ۽ تنظيمي صورتحال عوامي مسئلن ۽ انهن جي حل لاءِ ڪيل قدمن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي سيد قاسم گيلاني ۽ راڻا اقبال سراج ملتان جي عوامي مسئلن بابت بريفنگ ڏني جڏهن ته هارين جي مسئلن زرعي اجناس جي وڌندڙ اگهن ۽ ڪپهه جي فصل جي بحالي تي پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي عمر گورگيج ۽ رباني کهڙو بلوچستان جي سياسي ۽ تنظيمي صورتحال کان آگاهه ڪيو ايم اين اي خورشيد جونيجو سنڌ حڪومت جي ترجمان بلند خان جونيجو بلوش جونيجو ۽ بشام جونيجو سان گڏ لاڙڪاڻي ۽ قمبر شهدادڪوٽ جي عوامي مسئلن بابت بريفنگ ڏني.

بقايا | 38 | روزاني عبرت

صنعت ۽ واپار جام اڪرام الله ڌاريجو سان سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ مختلف وفدن گڏجاڻي ڪئي، وفدن ڪيس پنهنجن مسئلن ۽ درپيش مشڪلاتن کان آگاهه ڪيو صوبائي وزير مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن قدم کڻڻ جو يقين ڪرائيندي لاڳاپيل ۽ واسطيدار عملدارن کي ضروري هدايتون جاري ڪيون

بقايا | 39 | روزاني عبرت

تي هڪ ڪروڙ 30 لک رپيا کڻي وڃي رهيو هو ته نيپا پل پرسان هٿيارٻندن ڪيس روڪي رقم ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي، مزاحمت تي جوابدارن فائرنگ ڪري ڪيس زخمي ڪيو ۽ رقم ڦرڻ بعد فرار ٿي ويا. پوليس واقعي جي جاچ ڪري رهي آهي ته واردات عزيز ڀٽي ٿاڻي جي حدن ۾ ٿي يا گلشن اقبال ٿاڻي جي حدن ۾. آءِ جي سنڌ واقعي جو سخت نوٽيس وٺندي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي ۽ ڊي آءِ جي ايسٽ کان فوري رپورٽ طلب ڪري ورتي، جڏهن ته جوابدارن جي جلد گرفتاري لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آڻڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن

بقايا | 40 | روزاني عبرت

پاڪستانين جي وطن واپسي تي سندن استقبال ڪيو گورنر سنڌ پاران محمد ياسين، عمران علي ۽ سيد حسين يوسف جي خيريت معلوم ڪئي وئي ۽ کين گلن جا گلدستا پيش ڪيا ان موقعي تي ڳالهائيندي گورنر سنڌ چيو ته هي انتهائي ڏکوئيندڙ سانحو هو متاثر پاڪستانين جي ڏک ۽ درد کي پنهنجو ڏک سمجهون ٿا. وزيراعظم پاڪستان متاثر پاڪستانين جي معاملي تي خاص ڌيان ڏنو ۽ متاثرن بابت واضح هدايتون جاري ڪندي هر لمحي صورتحال کان باخبر رهيو.

بقايا | 41 | روزاني عبرت

سمنڊ ۾ منشيات جي خاتمي جا 2 ڪامياب آپريشنز ڪندي عالمي مارڪيٽ ۾ اٽڪل 96 ملين آمريڪي ڊالر ماليت جي منشيات جي وڏي کيپ اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي آءِ ايس پي آر مطابق پاڪ بحريه جي جهاز پي اين ايس يرموڪ ملڪي ساموندي ڪناري کان پري عربي سمنڊ جي کليل سمنڊ ۾ منشيات جي خاتمي جا 2 آپريشنز ڪيا ڪارروائين دوران شڪي چرپر تي ٻن ٻيڙين کي روڪيو ويو ۽ انهن جي تلاشي ورتي وئي تلاشي دوران ٻيڙين جي ڳجهن خانن ۾ مهارت سان لڪايل 850 ڪلوگرام آئيس ۽ 2 هزار ڪلوگرام چرس هٿ ڪئي وئي.

بقايا | 42 | روزاني عبرت

تڪرار تان 30 سالن جي عائشه زال عنايت کي گولين هڻي قتل ڪيو ويو لاش قانوني ڪارروائي لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا | 43 | روزاني عبرت

ڪميونٽي سينٽر جي تعميراتي منصوبي جو افتتاح ڪري ڇڏيو ان موقعي تي ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد، سٽي ڪائونسل جا ميمبر چونڊيل نمائندا ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا. تقريب کي خطاب ڪندي ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته شهيد عبدالله مراد ڪميونٽي سينٽر جي تعمير تي 40 ملين رپيا لاڳت آئي آهي ۽ هي ضلع ڪورنگي جي عوام کي جديد ڪميونٽي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ بلديه عظمي ڪراچي جو هڪ اهم منصوبو آهي. هن چيو ته شهيد عبدالله مراد ڪميونٽي سينٽر 500,500 چورس گز جي ٻن فلورز تي مشتمل آهي جتي هر فلور تي 300 ماڻهن جي گنجائش رکي وئي آهي. هن چيو ته ڪميونٽي سينٽر جي گرائونڊ ۽ فرسٽ فلور تي آر سي سي اسٽرڪچر تعمير ڪيو ويو آهي جڏهن ته عمارت ۾ ماربل فلورنگ، ٽائلنگ ۽ ايلومينيم ورڪ سميت ٻيا ضروري تعميراتي ڪم پڻ مڪمل ڪيا ويا آهن هن چيو ته ڪميونٽي سينٽر ۾ زير زمين ۽ اوور هيڊ واٽر ٽينڪ پڻ تعمير ڪيا ويا آهن ته جيئن عمارت جي پاڻي جي ضرورت پوري ٿي سگهي.

بقايا | 44 | روزاني عبرت

حوالي ڪري ڇڏيو فورسز جي دهشتگردن جي چرپر تي مسلسل نظر رکيل هئي ۽ موقعو ملندي ئي انهن جي لڪڻ جي جاءِ تي فيصلائتو حملو ڪيو اختيارين جو چوڻ آهي ته ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي ۽ پائيدار امن جي قيام تائين فورسز جو اهو عزم پوري شدت سان جاري رهندو مستونگ ۾ آپريشن ردالفتنه 3 تحت سيڪيورٽي فورسز فتنه الهندستان خلاف ڪارروائي ڪندي 5 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو اهو آپريشن مستونگ جي علائقن سپائٽ ۽ ڪلي گشتري ۾ ڪيو ويو مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ گولا بارود هٿ آيو آهي علائقي ۾ ٻين امڪاني شرپسندن جي ڳولا لاءِ سرچ ۽ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

پاڻي ورڇ ۾ انصاف ضروري آهي

صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار

جوگندرناٿ منڊل جي استعيفيٰ جا 76 سال

صفحو 4

رميش راڄا

خيرپور رياست جي آخري حڪمران مير علي مراد خان

صفحو 4

مختيار انڙ

اڄوڪو ڏينهن —— 08 آڪٽوبر

صفحو 4

اڇڙي ٿر ۾ ڏڪار جون سنگين حالتون,گاهه ختم,مالوند ۽ مارو ئڙا پريشان,لڏپلاڻ تي مجبور

برساتون نه پوڻ سبب چوپائي مال لاءِ گاهه ختم، ماڻهو مال وڪڻڻ ۽ واپس لڏپلاڻ تي مجبور، بنيادي سهولتن جي کوٽ برقرار

خوراڪ ۽ چاري جي کوٽ سبب ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ بيچيني واري صورتحال پيدا ٿي وئي،ڪيترن ئي ڏورانهن ڳوٺن ۾ ڏڪار جون حالتون برقرار

قدرتي گاهه، جنهن ۾ ٻوڙو گنڊير، سڻ پٽ، پوري ۽ ويڪر ڪوڙي گنبول سميت ٻيا گاهه . سڪي ختم ٿي ويا،قيمتي چوپائي مال ڪمزوري جو شڪار

ڏورانهن علائقن ۾ روڊ رستن ۽ آمدرفت جون سهولتون نه هجڻ سبب بيمار ماڻهن کي علاج لاءِ شهرن تائين پهچائڻ پڻ هڪ وڏو مسئلو بڻيل

اين جي اوز پاران به ڏڪار متاثرن لاءِ امدادي سرگرميون نظر نٿيون اچن،چوپائي مال جي علاج لاءِ ويٽرنري عملي جي غير موجودگي به پريشاني جو سبب آهي:ماروئڙا

موجوده ڏڪار واري صورتحال کي سرڪاري طور ڏڪار سٽيل علائقو قرار ڏئي هنگامي بنيادن تي چوپائي مال لاءِ چارو، پيئڻ جو پاڻي ۽ ماروئڙن لاءِ خوراڪ فراهم ڪئي وڃي

ڪپرو(رپورٽ:راڄا رشيد ڪنڀر)ڪپرو تعلقي جي اڇڙي ٿر واري علائقي ۾ ڊگهي عرصي کان برساتون نه پوڻ سبب ڏڪار جون سنگين حالتون پيدا ٿي ويون آهن جنهن ڪري چوپائي مال لاءِ قدرتي گاهه ختم ٿي ويو آهي ۽ مالوند ماڻهو پنهنجو مال وڪڻڻ يا ٻين علائقن ڏانهن واپس لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهن خوراڪ ۽ چاري جي کوٽ سبب ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ بيچيني واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي،اڇڙي ٿر جي اسوڙن راڻائو رابلائو ڪارڪي جونگائو مهروڙي، ڪٽورائو، لوڙائو، ڪاروڙ لڏوڙ ملڙائو ويسڻائو لونگ جو ٿڙ سمابو فقير ڪوهي پوريو ٻير جو ٿڙ جعفرائو ماڏين ڪلري جسري جسان اڇرياٽيو بادليو ٿڙ هنگورائو رانيلائو سيدائو ماڪائي قانگائو ۽ ماڪور سميت ڪيترن ئي ڏورانهن ڳوٺن ۾ ڏڪار جون حالتون برقرار آهن،مقامي ماڻهن موجب، برساتون نه پوڻ سبب اڇڙي ٿر جي ڪيترن ئي علائقن ۾ قدرتي گاهه جنهن ۾ ٻوڙو گنڊير سڻ پٽ پوري ۽ ويڪر ڪوڙي گنبول سميت ٻيا گاهه شامل آهن سڪي ختم ٿي ويا آهن. گاهه جي کوٽ سبب مالوندن جو قيمتي چوپائي مال جنهن ۾ رڍون، ٻڪريون، ڏاچيون اٺ، ڳئون ڳانهه ۽ ٻيو مال شامل آهي ٻڪ ۽ ڪمزوري جو شڪار ٿي رهيو آهي. جڏهن ته ڪيترن هنڌن تي مال جي وقت کان اڳ ڦر ڇڏڻ جا اطلاع پڻ ملي رهيا آهن.ڏڪار جو اثر صرف چوپائي مال تائين محدود نه رهيو آهي، ٻر علائقي ۾ موجود وڻن ۽ قدرتي وسيلن تي پڻ پئجي رهيو آهي. وڻن ۾ ڪنڊي، ڪرڙ روهيڙو ڪونبٽ ۽ ٻيا وڻ به سڪڻ لڳا آهن.اڇڙي ٿر جي ڏورانهن علائقن ۾ روڊ رستن ۽ آمدرفت جون سهولتون نه هجڻ سبب بيمار ماڻهن کي علاج لاءِ شهرن تائين پهچائڻ پڻ هڪ وڏو مسئلو بڻيل آهي. مقامي رهواسين جو چوڻ آهي ته اڇڙي ٿر ۾ ڪجهه هنڌن ڪانسواءِ مناسب اسپتالون ۽ اسڪول موجود ناهن جڏهن ته بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب ماروئڙا پٺرواري دور جهڙي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن.علائقي ۾ پاڻي جو مسئلو پڻ سنگين صورت اختيار ڪري ويو آهي. ڪيترن ئي هنڌن تي جر جو پاڻي تمام گهڻو هيٺ وڃڻ يا کوهن ۽ ٻين ذريعن ۾ پاڻي جي کوٽ سبب ماڻهو سخت پريشان آهن. مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي ته سماجي تنظيمن ۽ اين جي اوز پاران به ڏڪار متاثر ماڻهن لاءِ گهربل سطح تي امدادي سرگرميون نظر نٿيون اچن.چوپائي مال جي علاج لاءِ ويٽرنري عملي جي غير موجودگي به مالوندن لاءِ پريشاني جو سبب بڻيل آهي. مقامي ماڻهن موجب بيمار ٻڪريون، رڍون ۽ ٻيو مال علاج نه ملڻ سبب وڏيڪ متاثر ٿي رهيو آهي. جڏهن ته مالوندن کي مناسب اگهه به نه ملڻ ڪري پنهنجو مال وڪڻڻو پوي ٿو.اڇڙي ٿر جي ڏورانهن علائقن ۾ خراب رستن ۽ روڊن سبب فور ويل گاڏين ذريعي مريضن کي ڪڍڻ يا مسافرن کي شهر تائين پهچائڻ لاءِ وڏي رقم خرچ ڪرڻي پوي ٿي. رهواسين موجب ڪڏهن ڪڏهن ڪپرو يا ٻين ويجهن شهرن تائين فور ويل گاڏي ڪرڻ لاءِ 12 کان 15 هزار رپيا خرچ اچي ٿو جيڪو غريب ماروئڙن لاءِ وڏو بار آهي.اڇڙي ٿر جي رهواسين حڪومت ۽ ضلعي ٿرڙي تعلقي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته موجوده ڏڪار واري صورتحال کي سرڪاري طور ڏڪار سٽيل علائقو قرار ڏئي هنگامي بنيادن تي چوپائي مال لاءِ چارو پيئڻ جو پاڻي ۽ ماروئڙن لاءِ خوراڪ فراهم ڪئي وڃي. ان سان گڏ علائقي ۾ روڊ رستن اسڪولن اسپتالن ۽ ويٽرنري مرڪزن جون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن جيئن صدين کان پٺراري دور جهڙي زندگي گذاريندڙ اڇڙي ٿر جي رهواسين کي جديد بنيادي سهولتون ملي سگهن

ڪپرو اڇڙي ٿر واري علائقي ۾ ڊگهي عرصي کان برساتون نه پوڻ سبب ڏڪار صورتحال نظر اچي رهي آهي (

سڪرنڊ ۾ سينيئر استاد راشد علي مڪرم جي رٽائر ٿيڻ تي الوداعي آجياڻو رکيو ويو

سڪرنڊ (س ر)گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول خان محمد چوهاڻ جي سينيئر استاد راشد علي مڪرم جي رٽائر ٿيڻ تي اسڪول جي استادن ۽ ڳوٺاڻن پاران الوداعي آجياڻو رکيو ويو جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي جن ۾ سڪرنڊ پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح ، قربان علي عمراڻي ، نياز چانڊيو ، بشير لاشاري ، قاسم خاصخيلي ، منير اختر پٽي ، محمد ارشد آرائين ، ٽي او سيڪنڊري پرويز احمد خاصخيلي ، ٽي او پرائمري محمد خان ڪلوئي ، مير محمد رند ، ارباب علي پرهياڙ شامل هئا جن ڪان اسٽيج سيڪريٽري نثار احمد ٻنب ترتيبوار ويچار ورتا جن الڳ الڳ راشد علي مڪرم جي زندگيءَ تي ڳالهائيندي چيو ته راشد علي جيڪو وقت به ڊيوٽي ڪئي سا ايمانداري سان ڪئي ۽ پنهنجون ذميواريون پوريون ڪيون پاڻ ٿوري جو وقت کان اڳ رٽائرمينٽ ورتي آهي ۾ سندس يادگيريون هميشه هن اسڪول سان رهنديون هن وڌيڪ چيو ته راشد علي مڪرم ۾ پڙهائيءَ سان گڏ منجهس قومي شعور پڻ هو اسين سمجهون ٿا ته اهوئي سبب آهي جو اڄ ڪيس پيٽا پيش ڪيا پيا وڃي آخر ۾ راشد علي مڪرم ڳالهائيندي چيو ته ڪن ذاتي مجبورين سبب رٽائرمينٽ ورتي آهي باقي حقيقت هيءَ آهي ته هن اسڪول جون ساروڻيون ڪڏهن به وسارڻ جهڙيون ناهن هڪ ته اسڪول جو بهترين ماحول جنهن ۾ استادن جو سهڪار ۽ قابل شاگردن جو هجڻ ته ٻئي پاسي ڳوٺاڻن سميت ڳوٺ جي نيڪ مردن جون محبتون شامل آهن

ڪوٽ غلام محمد ۾ رام جاڳو آرڙو مين روڊ تباهيءَ جو شڪار,حادثن جو خدشو وڌي ويو

مڪ رام جاڳو آرڙو روڊ، ميٺا موڙ ڪان رام جاڳو موري تائين، ڊگهي عرصي کان سخت زبون حاليءَ جو شڪار بڻيل

روڊ ۾ وڏا ڪڏا پئجي ويا،روڊ جا پٿر ٻاهر نڪري اچڻ سبب سفر انتهائي ڏکيو ۽ خطرناڪ بڻجي ويو،حادثا روز جو معمول بڻجي ويا

تاريخي ۽ اهميت رکندڙ هي روڊ هاڻي عوام لاءِ سهولت بدران عذاب بڻجي چڪو آهي،نوٽيس وٺي، مرمت ۽ بحاليءَ جو ڪم شروع ڪرايو وڃي:رهواسي

ڪوٽ غلام محمد(ت ر)رام جاڳو آرڙو مين روڊ تباهيءَ جو شڪار،حادثن جو خدشو وڌي ويو. ڪوٽ غلام محمد جي مڪ رام جاڳو آرڙو مين مڪ روڊ، ميٺا موڙ ڪان رام جاڳو موري تائين، ڊگهي عرصي کان سخت زبون حاليءَ جو شڪار بڻيل آهي. مشرف دور ۾ ڪروڙين روپين جي لاڳت سان تعمير ڪرايل هن روڊ ۾ هن وقت وڏا ڪڏا پئجي ويا آهن. جڏهن ته روڊ جا پٿر ٻاهر نڪري اچڻ سبب سفر انتهائي ڏکيو ۽ خطرناڪ بڻجي ويو آهي.روڊ جي خستہ حالت سبب حادثا روز جو معمول بڻجي ويا آهن ۽ ايندڙ ويندڙ گاڏين کي پڻ سخت نقصان پهچي رهيو آهي. ڪنڊ جي شروع ٿيندڙ سيزن دوران بڄانبد، صالح پنهور، صوفي فقير پڇوري شادي پلي سميت مختلف علائقن ڪان ڪمند سان پريل ٽريڪٽر ٽرالر ۽ ٽرڪون وڏي انگ ۾ هن روڊ تان گذرنديون. جنهن سان حادثن جو خطرو وڌيڪ وڌڻ جو خدشو آهي.هي اهم روڊ ڳوٺ قاسم آچائي، محرم ڪوسو جسڪاڻي اسٽاپ ميٺو موڙ بکوري، غلام محمد پرڳڙي ۽ ٻين ڪيترن ئي قديمي ڳوٺن کي ڪوٽ غلام محمد شهر سان ڳنڍي ٿو تاريخي طور انگريز دور ۾ گهوڙن ذريعي مختلف علائقن ڏانهن تپال به هن ئي رستي تان موڪلي ويندي هئي جنهن ڪري اِن کي تار وارو رستو پڻ سڏيو ويندو هو.علائقي واسين جو چوڻ آهي ته تاريخي ۽ اهميت رکندڙ هي روڊ هاڻي عوام لاءِ سهولت بدران عذاب بڻجي چڪو آهي. هنن مقامي انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندن ڪان سخت مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور روڊ جو نوٽيس وٺي، مرمت ۽ بحاليءَ جو ڪم شروع ڪرايو وڃي. ٻي صورت ۾ علائقي جا رهواسي ذميوارن خلاف ڀرپور احتجاج ۽ پنهنجو آواز بلند ڪرڻ تي مجبور ٿيندا

ڪوٽ غلام محمد رام جاڳو آرڙو مين روڊ تباهيءَ جو شڪار نظر اينڌي ٻئي طرف شهري ميڊيا سان ڳالهائيندي

مهراڻ يونيورسٽي ۾ منشيات کان پاڪ پاڪستان جي عنوان سان آگاهي سيمينار

قوم جي مستقبل کي غلط راهه تي آڻڻ لاءِ اهڙيون سازشون ٿينديون آهن:عامر حسين

نوجوانن کي بي راهه روي اختيار ڪرائي ويندي آهي،منشيات کان بچڻ گهرجي:صفا آصف

تعليم يافته نوجوانن کي تعليم تي ئي ڌيان ڏيڻ گهرجي:ڊاڪٽر شعيب شيخ

ڄامشورو مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ منشيات کان پاڪ پاڪستان جي عنوان سان ٿيل سيمينار ۾ ماهر ڳالهائيندي

ڄامشورو(پ ر)مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو ۾ انسداد منشيات فورس حيدرآباد پاران منشيات کان پاڪ پاڪستان جي عنوان سان آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو. سيمينار کي خطاب ڪندي انسداد منشيات فورس حيدرآباد جي ايس ايڇ او عامر حسين ماهر نفسيات صفا آصف ۽ مهراڻ يونيورسٽي اسٽوڊنٽس ايڊوائيزر ڊاڪٽر شعيب شيخ چيو ته نوجوانن کي منشيات جهڙي لعنت کان بچڻ گهرجي، قوم جي مستقبل کي غلط راهه تي آڻڻ لاءِ اهڙيون سازشون ٿينديون آهن نوجوانن کي بي راهه روي اختيار ڪرائي ويندي آهي ڄڃيٽل ميڊيا پليٽ فارم جو استعمال به مثبت ڪرڻ گهرجي تعليم يافته نوجوانن کي تعليم تي ڌيان ڏيڻ گهرجي، تعليم، تربيت ۽ سڪيا ئي بهتر شهري پيدا ڪري اسان کي رهڻ لائق دنيا ڏئي سگهن ٿا. منشيات جي آمدرفت بند ٿيڻ گهرجي نشي آور شين کان نوجوانن کي بچڻ گهرجي

شاهپور جهانيان پرسان ڳوٺ ارڳو بکهيو ۾ مفت ڪئمپ,مريضن جو چيڪ اپ ڪيو ويو

شاهپور جهانيان(ن ع)شاهپور جهانيان ۾ سوشل ورڪر نعيم چنا جي طرفان شاهپور جهانيان پرسان ڳوٺ ارڳو بکهيو ۾ ڪين جي چيڪ اپ,جنرل فيزيشن ۽ ڏندن جي مريضن جو مفت چيڪ اپ ڪيو ويو.ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڳوٺن لياقت بکهيو ،فوجي صديق بکهيو ،ارسلان بکهيو ۽ ٻين چيو ته اسان تمام شڪرگذار آهيون،نعيم چنا جا جنهن اسان جي ڳوٺ ارڳو بکهيو ڪي هڪ ڏينهن جي فري ميڊيڪل ڪيمپ ڏني

مورو ۾ ميڊيڪل اسٽورن خلاف ڪريڪ ڊائون,مدي خارج ۽ سرڪاري دوائون هٿ,ڏنڊ لاڳو

اسسٽنٽ ڪمشنر نعيم وسطڙو ۽ ڊرگ انسپيڪٽر عملي سان گڏ شهر جي مختلف ميڊيڪل اسٽورن جو اوچتو دورو ڪيو

چڪاس دوران ڪيترن ئي ميڊيڪل اسٽورن تان مدي خارج ۽ سرڪاري دوائون هٿ اچڻ بعد ڪيترن ئي ميڊيڪل اسٽورن تي ڏنڊ لاڳو ڪيا ويا

ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ميڊيڪل اسٽورن خلاف ڏنڊ ۽ ٻين قانوني قدمن جو سلسلو جاري رکيو ويندو: اسسٽنٽ ڪمشنر

مورو(ن ع)مورو ۾ ميڊيڪل اسٽورن خلاف انتظاميه جو ڪريڪ ڊائون مدي خارج ۽ سرڪاري دوائون هٿ، وڏا ڏنڊ لاڳو،مورو شهر ۾ انساني جانين سان لاڳاپيل دوائن جي معيار ۽ وڪري بابت انتظاميا پاران ڪارروائي ڪندي مختلف ميڊيڪل اسٽورن جي اوچتي چڪاس ڪئي وئي،جنهن دوران مدي خارج دوائون سرڪاري دوائون ۽ ٻيون بي ضابطگيون سامهون اچڻ تي ڪيترن ئي ميڊيڪل اسٽورن تي ڏنڊ لاڳو ڪيا ويا. جڏهن ته ڪجهه اسٽورن کي سيل ڪرڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون ويون.اسسٽنٽ ڪمشنر مورو نعيم اختر وسطڙو ۽ ڊرگ انسپيڪٽر افضل ميمڻ عملي سان گڏ مورو شهر جي مختلف ميڊيڪل اسٽورن جو اوچتو دورو ڪري دوائن جي اسٽاڪ مدي، وڪري ۽ قانوني ضابطن تحت چڪاس ڪئي.چڪاس دوران ڪيترن ئي ميڊيڪل اسٽورن تان مدي خارج ۽ سرڪاري دوائون هٿ اچڻ سان انتظاميا پاران سخت نوٽيس ورتو ويو ڊرگ انسپيڪٽر افضل ميمڻ موجب هٿ ڪيل دوائن بابت قانوني طريقيڪار تحت وڌيڪ ڪارروائي ڪئي ويندي، جڏهن ته ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ميڊيڪل اسٽورن خلاف ڏنڊ ۽ ٻين قانوني قدمن جو سلسلو جاري رکيو ويندو.جڏهن ته شهرين مطالبو ڪيو آهي ته انساني جانين سان لاڳاپيل دوائن جي معيار کي يقيني بڻائڻ لاءِ اهڙيون چڪاسون باقاعدگي سان جاري رکيون وڃن

نصيرآباد ۾ زمين تي پاڻي ڇوڙ تان ڪوسا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو

هڪ ڌر جي گهر مٿان فائرنگ,ٻئي ڌر لڳل الزامن کي رد ڪري ڇڏيو

واقعي بابت اختيار ڪوسو پاران نصيرآباد ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي وئي

اسپتال مان ڊسچارج ٿيڻ بعد مٿن فائرنگ جو ڪوڙو الزام لڳايو ويو آهي:نور محمد

نصيرآباد(ن ع)ڪجهه ڏينهن اڳ زمين تي پاڻي ڇوڙ تان ڳوٺ ڳونڊل ۾ ڪوسا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ تڪرار ٻيهر شدت اختيار ڪري ويو. هڪ ڌر جي حسينه خاتون الزام لڳايو آهي ته رات دير سان شيخ محلا ۾ مختيار ڪوسو جي گهر تي تيز فائرنگ ڪئي وئي، جنهن دوران گهر ڀاتي ڪمرن اندر لڪي جان بچائي. سندس چوڻ موجب پاڙيسرين فائرنگ جا آواز ٻڌا، جڏهن ته پوليس به واقعي واري هنڌ پهتي. واقعي بابت اختيار ڪوسو پاران نصيرآباد ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي وئي آهي. پوليس موجب رات هڪ وڳي کان پوءِ فائرنگ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. جڏهن ته ايس ايڇ او نصيرآباد واقعي جي جاچ ڪري رهيو آهي ٻئي طرف الزام هيٺ آيل نور محمد ڪوسو صدام ڪوسو شهزادو ڪوسو ۽ ممتاز ڪوسو تعلقہ پريس ڪلب پريس ڪانفرنس ڪندي الزامن کي رد ڪندي چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ مٿن حملو ٿيو هو ۽ ان واقعي جي ايف آءِ آر نصيرآباد ٿاڻي تي داخل ٿيل آهي. هنن دعويٰ ڪئي ته لاڙڪاڻي اسپتال مان ڊسچارج ٿيڻ بعد مٿن فائرنگ جو ڪوڙو الزام لڳايو ويو آهي. هنن چيو ته ڪيس مختيار اختيار ۽ ٻين جوابدارن پاران ڪيس تان هٿ ڪڍڻ لاءِ حراسان ۽ ڌمڪايو پيو وڃي الزام هيٺ آيل ڌر واضح ڪيو ته هنن فائرنگ ناهي ڪئي ۽ واقعي سان ڪو واسطو ناهي ۽ حملو به اسان تي ٿيو ماڻهن مرڻي به اسان جا ٿيڻ ۽ ڪوڙا الزام به اسان مٿان لڳايا پيا وڃن. ٻنهي ڌرين واقعي جي شفاف جاچ ۽ انصاف جو مطالبو ڪيو آهي

نصيرآباد نور محمد ڪوسو پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

مسوپرڳڙي لڳ جيئندل ڪوٽ جو ڳوٺ غلام حيدر جويو بنيادي انساني سهولتن کان محروم بڻيل

لڳ ڀڳ پنج هزار آبادي تي مشتمل ڳوٺ ۾ عوام کي ترقي ۽ بنيادي سهولتن جا صرف خواب ڏيکاريا ويندا رهيا

سوئي گيس،اسپتال يا صحت مرڪز،نيائين لاءِ اسڪول,پڪين گهٽين,ڊرينيج سسٽم، صاف پاڻي سميت ٻين سهولتن جو فقدان

هڪ طرف حڪومت عورتن جي تعليم ۽ بااختياري جا نعرا هڻي ٿي ته ٻئي طرف هزارين نياڻيون بنيادي تعليمي سهولت کان محروم آهن:رهواسي

صحت جون مناسب سهولتون نه هجڻ سبب ڳوٺاڻن کي معمولي علاج لاءِ به ٻين علائقن جو رخ ڪرڻو پوي ٿو، عوام کي تقريرون نه سهولتون گهرجن

مسوپرڳڙي ڳوٺ غلام حيدر جويو بنيادي سهولتن کان محروم هجڻ خلاف ڳوٺاڻا احتجاج ڪندي

مسوپرڳڙي(ن ع)مسوپرڳڙي لڳ يوسي 22 جيئندل ڪوٽ جو ڳوٺ غلام حيدر جويو لڳ ڀڳ پنج هزار آبادي تي مشتمل هجڻ باوجود اڄ به بنيادي انساني سهولتن کان محروم بڻيل آهي ڳوٺ ۾ هزارين ووٽر موجود آهن جيڪي هر چونڊ ۾ وڏي انگ ۾ پنهنجو ووٽ ڏئي چونڊيل نمائندن کي ڪامياب بڻائيندا رهيا آهن پر افسوس جو ووٽن جي ان مسلسل حمايت باوجود ڳوٺاڻن جي قسمت تبديل نه ٿي سگهي آهي رهواسين جو چوڻ آهي ته هر ڀيري چونڊن دوران سياسي پارٽين جا نمائندا ووٽ وٺڻ لاءِ ڳوٺن جا چڪر ڪاٽين ٿا، واعدا ڪيا وڃن ٿا ۽ عوام کي ترقي ۽ بنيادي سهولتن جا خواب ڏيکاريا وڃن ٿا، پر چونڊون ختم ٿيڻ کان پوءِ اهي ئي مسئلا بيهر نظرانداز ٿي وڃن ٿا.خاص طور تي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته ڄاڻايل پولنگ اسٽيشن تان پيپلزپارٽي کي هر چونڊ ۾ واضح برتري ۽ ڪلين سوئيپ ملندو رهيو آهي. پر ان جي باوجود ڳوٺ ۾ اڄ ڏينهن تائين سوئي گيس، بهتر اسپتال يا بنيادي صحت مرڪز، نياڻين لاءِ اسڪول پڪين گهٽين مناسب ڊرينيج سسٽم صاف ۽ ملي پيئڻ جي پاڻي سميت ٻين بنيادي سهولتن جو فقدان موجود آهي هي صورتحال رڳو ترقياتي کوٽ نه، پر هزارين ماڻهن جي بنيادي حقن بابت هڪ وڏو سوال بڻجي چڪي آهي ووٽ جي عزت ڪٿي آهي؟ سوال اهو آهي ته جيڪڏهن هڪ ڳوٺ جا هزارين ووٽر مسلسل پنهنجو ووٽ ڏئي چونڊيل نمائندن کي اقتدار تائين پهچائين ٿا، ته پوءِ انهن ووٽرن جي بنيادي مسئلن جو حل ڪڏهن ٿيندو؟ ڳوٺ ۾ نياڻين لاءِ مناسب تعليمي سهولت نه هجڻ خاص طور تي ڳڻتي جوڳي صورتحال آهي هڪ طرف حڪومت عورتن جي تعليم ۽ بااختياري جا نعرا هڻي ٿي ته ٻئي طرف هزارين آبادي وارن ڳوٺن جون نياڻيون بنيادي تعليمي سهولت کان محروم آهن صحت جون مناسب سهولتون نه هجڻ سبب ڳوٺاڻن کي معمولي علاج لاءِ به ٻين علائقن جو رخ ڪرڻو پوي ٿو جڏهن ته صاف ۽ ملي پيئڻ جي پاڻي جي سهولت نه هجڻ عوام جي صحت لاءِ سنگين خطرو بڻجي سگهي ٿي جڏهن ته خراب رستا روزمره جي اچ وڃ کي به متاثر ڪن ٿا.غلام حيدر جويو ڳوٺ جا رهواسي هاڻي رڳو واعدا نه، پر عملي قدم چاهين ٿا.غلام حيدر جويو ڳوٺ جي رهواسين منتخب نمائندن جي پ پ پ جي چونڊيل نمائندن، ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل سرڪاري ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته ڳوٺ ۾ سوئي گيس، صحت مرڪز، نياڻين لاءِ اسڪول، پڪيون گهٽيون، ڊرينيج سسٽم، صاف ۽ ملي پيئڻ جي پاڻي سميت سمورين بنيادي سهولتون فراهم ڪري عوام جي ڊگهي عرصي کان هلندڙ محرومين جو ازالو ڪيو وڃي.هاڻي وقت اچي ويو آهي ته ووٽن جا واعدا زمين تي نظر اچن چو ته عوام کي تقريرون نه سهولتون گهرجن

ڪنڊڙو ۽ پسڪردائي ۾ سماجي برائين جو رجحان وڌي ويو,نوجوانن جو مستقبل داءَ تي لڳل,پوليس خاموش

علائقن ۾ ديسي شراب، آئس، چرس، جوا سميت مختلف غيرقانوني سرگرميون مبينا نموني سرعام هلڻ لڳيون

غيرقانوني سرگرمين سبب خاص طور نوجوانن جو مستقبل متاثر ٿيڻ جو خدشو وڌي ويو،پوليس جي ڪارڪردگي بابت پڻ سوال اٿاريا پيا وڃن

سماجي برائين جو نوٽيس وٺي، ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ علائقي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي وڃي:رهواسي

ڪنڊڙو(ن ع) ڪنڊڙو ۽ پسڪردائي ۾ سماجي برائين جو وڌندڙ رجحان، نوجوانن جو مستقبل داءَ تي لڳل پوليس خاموش بڻيل.ڪنڊڙو ۽ پسڪردائي جي مختلف علائقن ۾ مبينا طور سماجي برائين جو رجحان وڌڻ لڳو آهي جتي ديسي شراب، آئس، چرس، جوا سميت مختلف غيرقانوني سرگرميون مبينا نموني سرعام جاري آهن.علائقي واسين جو چوڻ آهي ته اهڙين سرگرمين سبب خاص طور نوجوانن جو مستقبل متاثر ٿيڻ جو خدشو وڌي ويو آهي جڏهن ته لاڳاپيل حد جي پوليس جي ڪارڪردگي بابت پڻ سوال اٿاريا پيا وڃن شهرين مطالبو ڪيو آهي ته سماجي برائين خلاف بنا فرق ڪارروائي ڪري نوجوان نسل کي تباهي کان بچايو وڃي علائقي جي عوام ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد ۽ لاڳاپيل پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪنڊڙو ۽ پسڪردائي ۾ مبينا طور جاري سماجي برائين جو نوٽيس وٺي، ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ علائقي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي وڃي

رشيدارن سيف الله عزيز الله ۽ عطاءُ الله اسان کي بلاجواز گار گند ڪئي آهي:مقصود مگنهار

ميهڙ(ن ع)ميهڙ لڳ ڳوٺ گهاڙي جي رهواسين مقصود مگنهار ۽ موڙن مگنهار احتجاج ڪندي ۽ ڌانهيندي چيو ته اسان جي ڳوٺ گهاڙي ۾ ڳوٺ جي وڌيري خالد ٿيبو جو پلاٽ آهي جنهن تي سڀ ڳوٺ وارا پنهنجي ايندڙ مهمانن کي ويهاريندا آهيون ۽ اسان به اتي ويهي ڪچهري ڪندا آهيون،سپني ڳوٺ جي اوطاق طور اهو پلاٽ استعمال ٿيندو آهي جنهن جي اجازت وڏيري خود ڏني آهي هنن چيو ته اسان اتي ويهڻ تان اسان جي رشيدارن سيف الله عزيز الله ۽ عطاءُ الله اسان سان بلاجواز گار گند ڪئي ۽ مقصود کي ڏنڊو هنيو جنهن سبب ان جي ٻانهن ڀڳي پئي آهي هنن چيو ته انهن اسان جي گهر ۾ داخل ٿي اسان جي عورتن سان به گارگند ڪئي ۽ مارڻ جون ڌمڪيون ڏنيون هنن چيو ته اسين مرحوم اي ايس آءِ غلام مصطفي مگنهار جا پٽ آهيون پوءِ به ايز سي داخل ٿيڻ باوجود پوليس اسان جي واهر نه پئي ڪري هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته اسان جي واهر ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

شهري اتحاد ميهڙ پاران 25هين ڏينهن به احتجاجي ريلي

شهري اتحاد جي سڏ تي ميونسپل انتظاميه خلاف نعريبازي ڪئي وئي

ميهڙ شهر جا رهواسي ڪيترن ئي بنيادي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن:نياز برڙو

ميهڙ(ن ع)ميهڙ شهر ۾صفائي سٿرائي جي ناقص انتظام، گندگي جا ڍير ختم نه ٿيڻ ۽ شهرين کي پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم نه ڪرڻ خلاف شهري اتحاد ميهڙ پاران احتجاج جو سلسلو 25هين ڏينهن به جاري رهيو شهري اتحاد جي چيئرمين نياز علي برڙو جي سڏ تي وڏي انگ ۾ شهرين سماجي اڳواڻن ۽ وڪيلن شرڪت ڪئي ۽ ميونسپل انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي.ان سلسلي ۾ شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي برڙو ايڊووڪيٽ مير ڪوسو ايڊووڪيٽ پنهل ڪوسو محمد ايوب ڪوسو حافظ منظور احمد چانڊيو عبدالفتاح شاهه زبير علي سمون محمد اسماعيل بروهي نبيل پنهور محبوب ڪوسو صابر راڄڙ مير شڪيل عطان محرم علي برڙو محمد علي سولنگي مهتاب تنيو محمد هاشم برڙو محمد رمضان بروهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سينيما چونڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي.احتجاجي ريلي شهر جي مختلف رستن ۽ اهم چوڪن تان ٿيندي گهنٽا گهر چونڪ پهتي جتان ريلي شرڪت ڪندڙن جي صورت ۾ آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين پهتي ان دوران مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي ميونسپل ڪاميٽي جي انتظاميا خلاف نعريبازي ڪئي ۽ شهر جا بنيادي مسئلا فوري طور حل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو.ان موقعي تي شهري اتحاد جي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ميهڙ شهر جا رهواسي ڪيترن ئي بنيادي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن شهر جي مختلف علائقن ۾ صفائي جو مناسب انتظام نه هجڻ سبب گندگي جا ڍير لڳل آهن. جڏهن ته نالين جي صفائي ۽ گندي پاڻي جي نيڪال جو نظام پڻ بهتر نه هجڻ ڪري شهرين کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي.اڳواڻن جو چوڻ هو ته پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي پڻ شهرين جو بنيادي حق آهي پر ان باوجود ڪيترن ئي علائقن ۾ صاف پاڻي جي کوٽ جون شڪايتون موجود آهن هنن چيو ته گندگي ۽ ناقص صفائي سبب ماحولياتي آلودگي وڌڻ سان شهرين کي صحت بابت خدشن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي.شهري اتحاد جي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته هو گذريل 25 ڏينهن کان پرامن طريقي سان پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائي رهيا آهن.

ميهڙ شهري اتحاد ميهڙ پاران 25هين ڏينهن به احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ايم اين اي جاويد شاهه جيلاني,پرنس مير مهدي رضا ٽالپور سان تعزيت ڪئي

هنگورجا(ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم اين اي سيد جاويد علي شاهه جيلاني ۽ سندس فرزند، ضلعي خيرپور پيپلز پارٽي جي نائب صدر سيد فهد علي شاهه جيلاني، فيض محل خيرپور پهچي خيرپور رياست جي آخري والي هزهائينس مير علي مراد خان ٽالپور جي وفات تي پرنس مير مهدي رضا ٽالپور ۽ ٻين وارثن سان تعزيت ڪئي ان موقعي تي سيد جاويد علي شاهه جيلاني ٽالپور خاندان سان دلي همدردي ۽ افسوس جو اظهار ڪندي مرحوم جي مغفرت ۽ بلند درجات لاءِ دعا ڪئي

ٽنڊو محمد خان ۾ شمشان گهاٽ تي قبضي ۽ رستو بند ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ٺاڪر برادري بدين حيدر آباد روڊ تي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي نعري بازي ڪئي

شمشان گهاٽ جو روڊ ڪولهي فوري نوٽيس وٺي مبينه قبضي جي جاچ ڪرائي وڃي:اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان(ن ع)ٽنڊو محمد خان جي ٺاڪر برادري سوين عورتن مردن جو انور ڪالوني لڳ شمشان گهاٽ تي مبينا قبضي ۽ رستو بند ڪرڻ خلاف مين بدين حيدر آباد روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي نعري بازي ڪئي ويٺي ڌرڻي ۾ سنڌ پبلڪ پارٽي ۽ ٺاڪر برادري جا سوين ماڻهو موجود هئا ان موقعي تي ڌرڻي کي پيسو ٺاڪر ساجد پلي,ورو ٺاڪر ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته اقليتي برادري سان انصاف ڪري شمشان گهاٽ جي روڊ ڪولي معاملي جو فوري نوٽيس وٺي مبينا قبضي جي جاچ ڪرائي وڃي هنن چيو ته اقليتي برادري جا حق محفوظ ڪيا وڃن ۽ اقليتي برادري سان ناانصافي بند ڪئي وڃي ضلعي انتظاميا معاملي جو نوٽس وٺي اقليتي برادري سان انصاف ڪن هنن چيو ته اسان جو سوين سال قديمي شمشان گهاٽ آهي ان جي هڪ ايڪڙ کان مٿي زمين تي قبضي جي زبردستي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ۽ رستا بند ڪيا ويا آهن اسان ڪٿان شمشان گهاٽ ڏانهن لاش کڻي وينداسين قبضو ڪندڙ خلاف قانوني ڪارروائي ڪري رستو بحال ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊو محمد خان شمشان گهاٽ تي قبضي ۽ رستو بند ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڊائريڪٽر جنرل خلاف ايگريڪلچرل ايڪسٽينشن خلاف قلم ڇڏ احتجاج

دڳهڙي ۾ ايگريڪلچرل آفيسرن ۽ ملازمن صوبائي اعلان تي قلم ڇڏ احتجاج ڪيو

ڪاٽي مان ئي ڪنهن اهل ۽ تجربي ڪار آفيسر کي ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪيو وڃي:اڳواڻ

دڳهڙي ڊائريڪٽر جنرل خلاف ايگريڪلچرل ايڪسٽينشن خلاف قلم ڇڏ هڙتال ڪئي پئي وڃي

دڳهڙي(ن ع)دڳهڙي سميت سڄي سنڌ ۾ نئين مقرر ڪيل ڊائريڪٽر جنرل خلاف ايگريڪلچرل ايڪسٽينشن ڪاٽي جي ملازمن پاران قلم ڇڏ احتجاج ڪيو ويو، دڳهڙي ۾ ايگريڪلچرل ايڪسٽينشن ڪاٽي جي آفيسرن ۽ ملازمن ڊپٽي ڊائريڪٽر زاهد ڪلو جي اڳواڻي ۾ آفيس ٻاهران قلم ڇڏ احتجاج ڪندي نئين ڊي جي جي مقرري خلاف پنهنجا خدشا ظاهر ڪيا احتجاج ۾ ڪاٽي جي آفيسرن ۽ ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.ان موقعي تي مظاهرين جو چوڻ هو ته ٻئي ڪاٽي مان آفيسر کي منتقل ڪري ايگريڪلچرل ايڪسٽينشن ڪاٽي جو ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪيو ويو آهي جيڪو ڪاٽي جي ملازمن سان ناانصافي آهي هنن مطالبو ڪيو ته ايگري ڪلچرل ايڪسٽينشن ڪاٽي مان ئي ڪنهن اهل ۽ تجربي ڪار آفيسر کي ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪيو وڃي.مظاهرين چيو ته نئين ڊي جي جي مقرري خلاف سڄي سنڌ ۾ ايگريڪلچرل ايڪسٽينشن ڪاٽي جي ملازمن پاران قلم ڇڏ احتجاج جاري آهي ۽ جيستائين سندن مطالبو تسليم نه ڪيو ويندو تيستائين احتجاج جو سلسلو جاري رکيو ويندو،هنن وڌيڪ اعلان ڪيو ته جيڪڏهن سندن مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته ويٽ سبسڊي 2026ع جي عمل جو مڪمل بائيڪاٽ ڪيو ويندو مظاهرين سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي ڪاٽي جي ملازمن جا خدشا ختم ڪيا وڃن ۽ سندن جائز مطالبو تسليم ڪيو وڃي

برادرز سوشل لائرز فورم پاران منير اي ملڪ ايڊووڪيٽ جي مان ۾ تقريب

فورم جي عهديدارن ۽ ميمبرن،سينيئر وڪيلن ۽ معزز مهمانن شرڪت ڪئي

فورم نوجوان وڪيلن جي حوصلا افزائي ۽ سهڪار لاءِ ڪوششون جاري رکندي:دلدار شيخ

ڪراچي(رپورٽ:صالح بلوچ)برادرز سوشل لائرز فورم پاران پاڪستان بار ڪائونسل جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي چيئرمين،منير احمد ملڪ ايڊووڪيٽ جي مان ۾ هڪ باوقار استقباليه تقريب منعقد ڪئي وئي،جنهن ۾ فورم جي عهديدارن ۽ ميمبرن، سينيئر وڪيلن ۽ معزز مهمانن شرڪت ڪئي.تقريب ۾ برادرز سوشل لائرز فورم جي چيئرمين دلدار شيخ ايڊووڪيٽ، صدر نثار علي نوشاد ٻبر ايڊووڪيٽ، جنرل سيڪريٽري جاويد حاجانو ايڊووڪيٽ ۽ انفارميشن سيڪريٽري محمد صالح لنڊ بلوچ ايڊووڪيٽ سميت نور عالم ڪٽري ايڊووڪيٽ، پرويز احمد مستوئي ايڊووڪيٽ، قمر شهزاد عباس ايڊووڪيٽ ، نصرالله جلباڻي ايڊووڪيٽ، جاويد ٻبر ايڊووڪيٽ، عزيزالله ڪنبر ايڊووڪيٽ، شاهد حسين چنا ايڊووڪيٽ، جليل احمد شيخ ايڊووڪيٽ، خالد محمود جوڳي ايڊووڪيٽ، فرخنده منگي ايڊووڪيٽ، سجاد علي شاهه ايڊووڪيٽ، محمد سليم شيخ ايڊووڪيٽ، محمد پناهه ميتلو ايڊووڪيٽ، عرفان علي ٻبر ايڊووڪيٽ، زوهيب حسن ٻبر ايڊووڪيٽ ۽ فورم جي ٻين معزز ميمبرن پڻ وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.تقريب ۾ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي اڳوڻي صدر سرفراز ميتلو ايڊووڪيٽ، فياض ميتلو ايڊووڪيٽ، ڪراچي صدر اليڪٽرانڪس مارڪيٽ جي صدر رضوان احمد، ظهيرالدين بابر چوڌري طارق محمود آرائين، سعيد احمد شيخ جميل احمد بگٽي ۽ ٻين معزز مهمانن پڻ شرڪت ڪئي.تقريب کي خطاب ڪندي فورم جي چيئرمين دلدار شيخ ۽ فورم جي صدر نثار علي نوشاد ٻبر چيو ته برادرز سوشل لائرز فورم وڪيلن ۽ سول سوسائٽي جي ميمبرن جو هڪ گڏيل پليٽ فارم آهي، جيڪو باهمي مشاورت، اتحاد، ڀائيچاري ۽ انسانيت جي خدمت جي جذبي تحت قانوني ۽ سماجي مسئلن جي حل لاءِ مثبت ۽ تعميري ڪردار ادا ڪرڻ جي مقصد سان قائم ڪيو ويو آهي.مقررين وڌيڪ چيو ته فورم نوجوان وڪيلن جي حوصلا افزائي ۽ سندن سهڪار لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي سينيئر وڪيلن جي عزت ۽ وقار کي برقرار رکڻ سان گڏ مستحق ۽ ضرورتمند ماڻهن جي پنهنجي وس آهر مدد پڻ ڪندو رهندو.ان موقعي تي برادرز سوشل لائرز فورم جي چيئرمين دلدار شيخ ايڊووڪيٽ فورم جي باقي عهديدارن جي نالن جو اعلان ڪيو،اعلان موجب،سينيئر نائب صدر،قمر شهزاد عباس ايڊووڪيٽ،سپريم ڪورٽ نائب صدر: پرويز احمد مستوئي ايڊووڪيٽ هاءِ ڪورٽ، اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ جوائنٽ سيڪريٽري: شاهد حسين چنا ايڊووڪيٽ، هاءِ ڪورٽ خزانچي: محمد سليم شيخ ايڊووڪيٽ، هاءِ ڪورٽ آفيس سيڪريٽري: محمد پناهه ميتلو ايڊووڪيٽ، هاءِ ڪورٽ انهن مقررين سان برادرز سوشل لائرز فورم جي عهديدارن جو ڊائنچو باضابطہ طور مڪمل ٿي ويو ۽ ان موقعي تي چيف گيسٽ منير احمد ملڪ ايڊووڪيٽ برادرز سوشل لائرز فورم جي ميمبرن کي بنيادي ميمبرشپ سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا ۽ تقريب جي پڄاڻيءَ تي چيف گيسٽ جناب منير احمد ملڪ ايڊووڪيٽ برادرز سوشل لائرز فورم جي نون مقرر ٿيل عهديدارن کي مبارڪباد ڏني ۽ تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ سمورن ميمبرن ۽ معزز مهمانن جي شرڪت ۽ ڪوششن کي ساراهيو.برادرز سوشل لائرز فورم جي جنرل سيڪريٽري جاويد حاجانو ايڊووڪيٽ خاص مهمانن منير احمد ملڪ ايڊووڪيٽ ۽ سرفراز ميتلو ايڊووڪيٽ جا پڻ ٿورا مڃيا ۽ هنن اسان جي تقريب ۾ شرڪت ڪري شرڪت ڪندڙن جي حوصلا افزائي ڪئي

تنظيم اصلاح المدارس جي 150 مدرسن جي امتحانن ۾ شبير احمد ملاح پهرين پوزيشن ماڻي ورتي

سجاول(ڊ ر)تنظيم اصلاح المدارس جي 150 مدرسن جي امتحانن ۾ شبير احمد ملاح پهرين، ظهير احمد ٻي ۽ عرفان علي ٽئين پوزيشن حاصل ڪئي ،تنظيم اصلاح المدارس لاڙ سنڌ جي 13 ضلعن ۾ قائم 150 مدرسن جي ميٽرڪ امتحانن جا نتيجا پڌرا ڪري ڇڏيا،جن ۾ ڪتاب شعبن جي 1850 شاگردن ۽ 3650 حافظ شاگردن مان نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ 300 کان وڌيڪ پوزيشن هولڊر شاگردن ۾ انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا،مدرسہ جامع دارالعلوم القاسميه سجاول ۾ منعقد ٿيل تقريب ۾ ڊپٽي ڪمشنر سجاول سعيد احمد لغاري مهمان خاص طور شرڪت ڪئي جڏهن ته تنظيم اصلاح المدارس جي صدر شيخ الحديث مولانا صالح الحداد، جنرل سيڪريٽري مولانا غلام محمد سومرو، مولانا ارشد ميمڻ مولانا شبير جمالي، مولانا محمد موسيٰ درس، مولانا عبدالخالق پنهور مولانا عبدالرئوف قريشي، مولانا اسماعيل قاسمي، مولانا انور سومرو، مولانا غلام حسين ميمڻ حافظ فضل الله فياض، مولانا خليل الحداد، مولوي اشرف ميمڻ ۽ ٻين عالمن، استادن، شاگردن، والدين ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

حادثن جو شڪار سينيٽيشن ورڪرن جي وارثن کي معاوضو ڏنو وڃي:سيمونئل پيارا

سپريم ڪورٽ حڪم جاري ڪيا هئي ته عملي کي سامان ۽ سهولتون ڏنيون وڃن

ڪانٽريڪٽ تي ڪم ڪندڙ پورهيت کي20ڪان 22هزار پگهار ادا ڪئي پئي وڃي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)ايمپليمينٽس مائنارٽي رائٽس فورم پاڪستان جي چيئرمين سيموئيل پيارا حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ايڊووڪيٽ صوبا ڀٽي،پادري سليمان منظور سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي فيصلي تي عملدرآمد ڪندي گٽر صفائي واري عملي کي حفاظتي پوشاڪ ۽ سرڪار پاران مڪمل لائف سيڪيورٽي فراهم ڪندي هڪ سال کان حادثن جو شڪار سينيٽيشن ورڪرن جي وارثن کي 50لک معاوضو ڏنو وڃي هن چيو ته سپريم ڪورٽ آف پاڪستان 8جون2020تي واضح حڪم جاري ڪيا هئا ته گٽرن جي صفائي ڪندڙ عملي کي جديد حفاظتي سامان ۽ گهربل سهولتون فراهم ڪيون وڃن هن چيو ته سپريم ڪورٽ جي حڪم کي 6سال جو عرصو گذري چڪو پر سنڌ حڪومت فقط ميٽنگن تائين محدود رهي ۽ ڪيل فيصلن تي ڪو عمل نه ٿي سگهيو آهي هن چيو هلندڙ 7مهينن دوران ڪراچي سوڏر سموري سنڌ ۾ 36 گٽر صاف ڪندڙ پورهيت گٽرن جي صفائي ڪندي حياتيون وڃائي ويٺا آهن هن چيو ته ظلم جي انتها اها آهي ته سنڌ حڪومت غير هنر مند پورهيت جي گهٽ ۾ گهٽ پگهار 42هزار مقرر ڪئي آهي پر سرڪاري ادارن ۾ ڪانٽريڪٽ تي ڪم ڪندڙ پورهيت کي20کان 22هزار ماهوار پگهار ادا ڪئي.

گرلز هاءِ اسڪول ملي ويسٽ ۾ پهرين ٽرم امتحان جي نتيجن جي اعلان

ملي (ڊ ر)گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول ملي ويسٽ ۾ پهرين ٽرم امتحان جي نتيجن جي اعلان، پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگرديائين ۾ انعامن جي ورهاست ۽ والدين استادن جي گڏجاڻي جو هڪ شاندار ۽ ڪامياب پروگرام منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ وڏي انگ ۾ والدين شرڪت ڪئي.پهرين، ٻي ۽ ٽين پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگرديائين کي انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا، جڏهن ته والدين کي سندن نياڻين جي تعليمي ڪارڪردگي ۽ اسڪول جي تعليمي سرگرمين بابت آگاهي ڏني وئي هي پروگرام هيڊمسٽريس جسي گوسوامي جي اڳواڻي ۽ اسڪول جي پوري ٽيم جي ڳڏيل محنت ۽ عزم جو هڪ مثبت مثال آهي ته اسڪول انتظاميا جو مقصد آهي ته نياڻين کي معياري تعليم سان گڏ مختلف سرگرمين اعتماد، صلاحيتن ۽ تخليقي سوچ جا موقعا پڻ فراهم ڪيا وڃن هن پروگرام مان اهو پيغام پڻ ملي ٿو ته جيڪڏهن والدين اسڪول سان گڏجي پنهنجي نياڻين جي تعليم ۾ ساٿ ڏين ته سرڪاري اسڪول به ترقي ۽ ڪاميابي جا شاندار مثال قائم ڪري سگهن ٿا. والدين جو ساٿ استادن جي محنت ۽ شاگرديائين جي ڪوشش ڪاميابيءَ جي حقيقي طاقت آهي

ٽنڊو محمد خان روڊ تي ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر,ساجن ڪولهي فوت

گلاب لغاري واسي 35 ورهين جو ساجن ڪولهي ٽلڏي تي ئي فوت ٿي ويو

ماتلي پوليس ڪار کي ڊرائيور سميت پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

ماتلي(ن ع)ٽنڊو محمد خان روڊ تي ڳوٺ تماچي جهيجو وٽ ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ خوفناڪ ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار گلاب لغاري واسي 35 ورهين جو ساجن ڪولهي ٽلڏي تي ئي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي لاش کي ايڌي رضاڪارن طرفان تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ٻڌايو وڃي ٿو ته ڪار ۽ موٽر سائيڪل ٽنڊو محمد خان کان ماتلي طرف اچي رهيا هئا ته ڳوٺ تماچي جهيجو وٽ سنڌن ٽڪر ٿي پيو جنهن ۾ موٽر سائيڪل سوار ٽلڏي تي ئي فوت ٿي ويو سنڌس ميت ڪيسي مان ملندڙ سڃاڻپ ڪارڊ مان سنڌس سڃاڻپ گلاب لغاري واسي 35 ورهين جي ساجن ڪولهي طور ٿي ماتلي پوليس ڪار کي ڊرائيور سميت پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي

موسم جي تبديليءَ جي ڪري مالوند پاڳيا جانورن کي محفوظ وٿاڻن تي منتقل ڪن:ڊاڪٽر نذير ملاح

گڏيجي(ن ع)موسم جي تبديليءَ جي ڪري مالوند پاڳيا پنهنجي گهرن ۾ جانورن کي محفوظ وٿاڻن تي منتقل ڪن ۽ صفائي جو خاص خيال رکن اهڙن خيالن جو اظهار ڊپٽي ڊائريڪٽر ويٽرنري اينڊ اينيمل لائيو اسٽاڪ ڪاٽي خيرپور جي ڊاڪٽر نذير ملاح گڏيجي جي پريسان لائيو اسٽاڪ ڪاٽي جي ملازمن سان گڏجاڻي ڪرڻ بعد اخبار وارن سان ڳالهائيندي چيو لائيو اسٽاڪ ڪاٽي جي ملازمن کي سختي سان هدايت ڪئي

واسا ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ95 هين ڏينهن به احتجاجي مظاهرو

پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهيون:ملازم

پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي،جيڪا مزدور دشمني آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 95 ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله ، محمد نديم، شاهد خان،جاويد ٻٽي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو،ويو ان موقعي تي هنن چيو ته حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيوته 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيوته ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سموريون مراعتون وٺي رهيا آهن پر ننڍن ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي،هنن چيو ته اداري جي هر مهيني ڪروڙين رپين جي وصولي هجڻ باوجود ننڍا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن. هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه وزير بلديات کي اپيل ڪئي ته ماهري جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاڪ پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعدہ تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
خميس 08 آڪٽوبر 2026ع

پاڻي ورڇ ۾ انصاف ضروري آهي

پاڻي پاڪستان لاءِ رڳو قدرتي وسيلو نه پر ملڪ جي معيشت، زراعت ۽ ماڻهن جي زندگيءَ جو بنيادي سهارو آهي. خاص طور سنڌ لاءِ پاڻيءَ جي اهميت اڃا ئي وڌيڪ آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌ جي تهذيب، تمدن پاڻيءَ سان واڳيل آهي ۽ زراعت جو پڻ دارومدار سنڌو درياهه جي پاڻيءَ تي آهي. اهڙي صورتحال ۾ پاڻيءَ جي ورڇ بابت ٿيندڙ هر فيصلو صوبن جي حقن ۽ 1991ع واري پاڻي ٺاهه جي روح کي سامهون رکي ڪرڻ ضروري آهي. جيڪڏهن پاڻيءَ جي ڪوٽ جي ورڇ بابت ڪو اهڙو طريقو اختيار ڪيو وڃي، جنهن تي ڪنهن صوبي کي اعتراض هجي ته ان سان صوبن وچ ۾ اعتماد جو مسئلو پيدا ٿيڻ فطري ڳالهه آهي. ربيع سيزن 2026-27 لاءِ ارسا جي ايڊوائيزري ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ سنڌ ۽ پنجاب لاءِ 22 سيڪڙو پاڻي ڪوٽ جو اعلان ڪيو ويو آهي، جڏهن ته بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا کي ڪوٽ ۾ حصيدار نه بڻايو ويو آهي. ان سان گڏ ربيع سيزن دوران پاڻي ورڇ لاءِ پيرا ٽو بدران ٽه رخي فارمولي کي اختيار ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي آهي، سنڌ طرفان هن طريقيڪار تي احتجاج ڪيو ويو آهي. پاڻيءَ جي موجودگيءَ جو مجموعي ڪاٿو 29.183 ملين ايڪڙ فوٽ لڳايو ويو آهي، جنهن مان پنجاب کي 15.564، سنڌ کي 11.748، خيبرپختونخوا کي 0.701 ۽ بلوچستان کي 1.171 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ڏيڻ جي منظوري ڏني وئي آهي. اهي انگ ظاهر ڪن ٿا ته پاڻيءَ جي ڪوٽ واري صورتحال ۾ صوبن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ آسان ڪم ناهي. پر اهڙي صورتحال ۾ ئي ورڇ جي اصولن جي اهميت وڌي وڃي ٿي. سنڌ جو اعتراض رڳو پاڻيءَ جي مقدار بابت نه پر ورڇ جي طريقيڪار بابت به آهي. جيڪڏهن صوبن وچ ۾ پاڻي ورهائڻ لاءِ هڪ طئي ٿيل پاڻي ٺاهه موجود آهي ته پوءِ ان ٺاهه جي اصولن کي نظرانداز ڪرڻ بدران ان تي گڏيل اتفاق پيدا ڪرڻ گهرجي. پاڻي ٺاهه ڪنهن هڪ صوبي جي مرضيءَ سان نه پر صوبن جي وچ ۾ اتفاق راءِ سان وجود ۾ آيو هو. ان ڪري ان جي تشريح يا پاڻي ورڇ جي طريقيڪار ۾ تبديلي به اهڙي نموني ٿيڻ گهرجي، جنهن تي سمورن صوبن جو اعتماد هجي.

سنڌ لاءِ ربيع سيزن جي پاڻي ڪوٽ انتهائي اهم مسئلو آهي. ربيع ۾ ڪڻڪ سميت ڪيترائي اهم فصل پوکيا وڃن ٿا. جيڪڏهن آبپاشي پاڻي گهربل مقدار ۾ نه ملي ته ان جو اثر رڳو آبادگار تي نه پر سڄي خوراڪ جي نظام تي پئجي سگهي ٿو. ڪڻڪ جي پيداوار گهٽجڻ سان خوراڪ جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ درآمد تي ڀاڙڻو پئجي سگهي ٿو ۽ ان جو بار آخرڪار عام ماڻهوءَ تي پوي ٿو. موسميات کاتي جي اڳڪٿي به سنڌ لاءِ صورتحال کي وڌيڪ گنڀير بڻائي ٿي. ربيع سيزن دوران سنڌ، بلوچستان ۽ هيٺين پنجاب ۾ معمول کان گهٽ برسات جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته مٿين پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ۾ معمول کان وڌيڪ برسات جو امڪان ٻڌايو ويو آهي. اهڙي صورتحال ۾ سنڌ کي آبپاشي پاڻيءَ جي وڌيڪ ضرورت پئجي سگهي ٿي. تنهنڪري پاڻيءَ جي ورڇ بابت فيصلا رڳو موجوده پاڻيءَ جو مقدار ڏسي نه پر موسمي حالتن ۽ صوبن جي زرعي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي ڪرڻ گهرجن. پاڻي صوبن وچ ۾ تڪرار جو سبب بڻجڻ بدران گڏيل قومي وسيلو هجڻ گهرجي. ان لاءِ ارسا کي به پنهنجي فيصلن ۾ وڌيڪ شفافيت، واضح انگن اکرن ۽ صوبن جي اعتماد کي اهميت ڏيڻي پوندي. سنڌ جي اعتراض کي به رڳو صوبائي اختلاف سمجهي نظرانداز ڪرڻ بدران ان جي بنياد ۽ پاڻي ٺاهه جي اصولن جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ گهرجي. پاڻيءَ جي ڪوٽ واري وقت ۾ سڀ کان وڌيڪ ضرورت اعتماد جي هوندي آهي. جيڪڏهن صوبن کي اهو يقين هجي ته سندن حصو طئي ٿيل اصولن موجب ۽ شفاف نموني ورهايو پيو وڃي ته ڪوٽ جي باوجود اختلاف گهٽجي سگهن ٿا. پر جيڪڏهن ورڇ جي طريقيڪار تي ئي اختلاف هجي ته پوءِ پاڻيءَ جي ڪوٽ کان وڌيڪ وڏو مسئلو اعتماد جي ڪوٽ بڻجي سگهي ٿو. تنهنڪري ربيع سيزن لاءِ پاڻي ورڇ بابت سمورن صوبن کي اعتماد ۾ وٺي اهڙو طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي جيڪو پاڻي ٺاهه جي روح سان هم آهنگ هجي.

جوگندرناٿ منڊل جي استعيفيٰ جا 76 سال

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

اڄ کان ٺيڪ 76 سال اڳ، يعني 8 آڪٽوبر 1950ع تي، پاڪستان جي پهرين وزيراعظم نوابزاده لياقت علي خان کي پنهنجي ڪابينا جي هڪ وزير جو ڪلڪتي مان استعيفيٰ مليو، جنهن سڀني کي حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو. اهو وزير جوگندرناٿ منڊل هو جيڪو تحريڪِ پاڪستان جو وڏو ساٿي، قائداعظم محمد علي جناح جو ويجهو ۽ ڀروسي وارو ساٿي هو. هن 27 صفحن تي ٻڌل پنهنجي ڏکي استعيفيٰ ۾ مشرقي پاڪستان ۾ رهندڙ هندو اقليت سان ٿيندڙ ناانصافين ۽ خراب حالتن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو. هن انهن سماجي ناانصافين ۽ ٻين مسئلن بابت به لکيو، جيڪي اڳتي هلي مشرقي پاڪستان جي پاڪستان کان الڳ ٿيڻ جو سبب بڻيا. جيتوڻيڪ وزيراعظم لياقت علي خان کي پنهنجي قانون واري وزير جي استعيفيٰ قبول ڪرڻ ۾ هڪ هفتو لڳي ويو، پر ان دوران ڪجهه سخت سوچ رکندڙ ماڻهن جوگندرناٿ منڊل خلاف زور شور سان پروپيگنڊا شروع ڪري ڇڏي. آهي ڪيس غدار ۽ ڊڄڻو ۽ بزدل جوڙ لڳا.

مون 5 آڪٽوبر 2017ع تي، جوگندرناٿ منڊل جي 49هين ورسي جي موقعي تي، پنهنجي اخبار واري ڪالم 'جوگندرناٿ منڊل، اسان شرمنده آهيون' ۾ تفصيل سان لکيو هو ته منڊل برطانوي راڄ هيٺ ڏکيائين ۾ قائل هندستان جي مسلمانن سان گڏجي هڪ آزاد ملڪ پاڪستان جو خواب ڏٺو هو. سندس خواهش هئي ته پاڪستان ۾ مسلمان اڪثريت ۾ هجن، پر اهو ملڪ دنيا لاءِ هڪ جديد، ترقي يافته ۽ ڪامياب ملڪ جو مثال بڻجي. هن اهڙي پاڪستان جو تصور ڪيو هو جتي هر شهري کي مذهب جي فرق کانسواءِ اڳتي وڌڻ ۽ ترقي ڪرڻ جا برابر موقعا ملن. اهڙو آزاد ملڪ، جتي هر ماڻهو امن، سلامتي، برداشت ۽ هڪٻئي کي قبول ڪرڻ واري سوچ کي هٿي ڏئي. سندس نظر ۾ پاڪستان هڪ اهڙي مثالي رياست هئڻ گهرجي ها، جيڪا اسلام جي سونهري اصولن تي هلندي دنيا جي نقشي تي امن ۽ ڀائيچاري جي نشاني بڻجي. اهو ئي سبب هو جو جوگندرناٿ منڊل، قائداعظم جي سڏ تي پاڪستان جي آزادي واري عظيم مقصد لاءِ پنهنجون سموريون صلاحيتون ۽ توانائيون وقف ڪري ڇڏيون ڏکيون ۽ سخت جدوجهد ڪانپوءِ جڏهن برصغير جا مسلمان، ڪيترين ئي مشڪلاتن باوجود، پنهنجي لاءِ هڪ آزاد ملڪ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا ته ان ڪاميابي ۾ جوگندرناٿ منڊل جهڙن پاڪستان سان محبت ڪندڙ ماڻهن جون قربانيون به شامل هيون. جوگندرناٿ منڊل نه رڳو پاڪستان جو پهريون قانون وارو وزير ۽ ليبر وارو وزير ٿيو، پر هڪ اهڙي پاڪستاني هندو اڳواڻ طور به سامهون آيو، جنهن کي قائداعظم پاڻ پاڪستان ٺهڻ جي شروعاتي ڏينهن ۾ ملڪ جي انتظام ۽ حڪومتي نظام جو اهم حصو بڻايو هو.

11 آگسٽ 1947ع تي دستور ساز اسيمبلي جي افتتاحي اجلاس جي صدارت ڪرڻ جو اعزاز به جوگندرناٿ منڊل کي حاصل ٿيو. اهو هڪ تاريخي اجلاس هو جنهن ۾ قائداعظم محمد علي جناح اسيمبلي جو صدر چونڊجي ويو. پر افسوس جي ڳالهه اِها آهي ته اڄ قومي اسيمبلي جي رڪارڊ ۾ جوگندرناٿ منڊل جو نالو پهرين اسپيڪر طور موجود ناهي. ان موقعي تي قائداعظم يقين ڏياريو هو ته پاڪستان ۾ هر شهري کي پنهنجي عبادت واري جاءِ تي وڃڻ جي آزادي هوندي. رياست هر شهري جي جان، مال ۽ مذهبي عقيدن جي حفاظت ڪندي. اهڙي پسمنظر ۾ جوگندرناٿ منڊل، قائداعظم جي چوڻ تي قانون واري وزير جي حيثيت سان، پاڪستان جي آئين ٺاهڻ جي ذميواري سنڀالي. اهو اهڙو ملڪ ٺاهڻ جو خواب هو جنهن قيام وقت سڀني شهرين کي برابر حق، اقليتن جي حقن ۽ مذهبي آزاديءَ ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو. اصول پسند اڳواڻ جي حيثيت سان جوگندرناٿ منڊل جو خيال هو ته ڪنهن به ڪامياب ملڪ لاءِ رڳو خوبصورت سياسي واعدا ڪرڻ

ڪافي ناهن. اصل امتحان تڏهن شروع ٿيندو آهي، جڏهن آئين ۾ لکيل اصولن ۽ واعدن کي سرڪاري ادارن، انتظاميا، پوليس، عدالتن ۽ سياسي نظام ذريعي عملي زندگيءَ ۾ لاڳو ڪيو وڃي پر پاڪستان ٺهڻ کان صرف هڪ سال پوءِ قائداعظم جي وفات سبب جوگندرناٿ منڊل پاڻ کي نئين سياسي نظام ۾ اڪيلو محسوس ڪرڻ لڳو. ان باوجود، غير مسلم اسيمبلي ميمبرن جي سخت خدشن جي باوجود، هن وزيراعظم لياقت علي خان طرفان پيش ڪيل قراردادِ مقاصد جي حمايت ڪئي پر پوءِ ڪيس اُن فيصلي جو نقصان پنهنجي پاسن کان برداشت ڪرڻو پيو. ملڪ جون حالتون آهستي آهستي اهڙيون خراب ٿينديون ويون جو پاڪستان ٺهڻ کان صرف ٽن سالن بعد جوگندرناٿ منڊل کي نه رڳو پنهنجي وزارت تان استعيفيٰ ڏيڻي پئي، پر ڪيس پنهنجو وطن پاڪستان به هميشه لاءِ ڇڏڻو پيو.

اڄ جڏهن آئون جوگندرناٿ منڊل جي استعيفيٰ کي پڙهان ٿو ته مون کي ائين محسوس ٿئي ٿو ته منڊل پنهنجي قرباني ڏئي اسان کي اِهو سمجهائڻ چاهيو ته ڪنهن به رياست جي اصل طاقت اُن جي شهرين جو اعتماد هوندو آهي جيڪڏهن ڪنهن شهريءَ کي اهو محسوس ٿيڻ لڳي ته قانون هن لاءِ ٻين ماڻهن کان مختلف آهي ته پوءِ رياست ۽ شهري جي وچ ۾ اعتماد جو رشتو ڪمزور ٿي وڃي ٿو. جوگندرناٿ منڊل جي استعيفيٰ مان ٻيو وڏو سبق اِهو ملي ٿو ته ڪنهن اقليت جي اڳواڻ کي صرف وزير بڻائڻ يا پارليامينٽ ۾ جاءِ ڏيڻ ئي ڪافي ناهي. اصل ڳالهه اِها آهي ته اُن اڳواڻ کي پنهنجي برادري جي حقن لاءِ آئين مطابق حقيقي طور آواز اٿارڻ ۽ انهن جي حفاظت ڪرڻ جو موقعو به ملڻ گهرجي. منڊل رڳو ڏيکاءَ لاءِ رکيل ماڻهو بڻجڻ نه ٿي چاهيو. هُو چاهيندو هو ته پنهنجي برادري جي حقن جو حقيقي دفاع ڪري سگهي ٿيون سبق سياسي اڳواڻن لاءِ آهي ته مضبوط ملڪ جي نشاني اِها آهي ته آئين ۽ قانون کي وقت جي سياسي قائدي يا مجبوري کان مٿي رکيو وڃي ساڳئي طرح اسان جي سرڪاري آفيسرن ۽ بيوروڪريسي کي به سمجهڻ گهرجي ته ڪو سرڪاري آفيسر ڪنهن هڪ ماڻهو، خاندان يا سياسي پارٽي جو نوڪر ناهي. هو رياست ۽ عوام جو خادم آهي سندس وفاداري صرف آئين، قانون ۽ رياستي ادارن سان هجڻ گهرجي. پاڪستان سان محبت ۽ وفاداري جو معيار ڪنهن شهري جو مذهب يا مذهبي سڃاڻپ نه هجڻ گهرجي اصل معيار اِهو هجڻ گهرجي ته هُو ملڪ سان ڪيترو وفادار آهي، قانون جي ڪيتري پابندي ڪري ٿو ۽ ملڪ جي قومي نظام ۾ ڪيتري پرپور طريقي سان حصو وٺي ٿو.

جوگندرناٿ منڊل صرف ٽن سالن اندر ئي مايوس ٿي پاڪستان ڇڏي ويو. ان ڪانپوءِ هن پنهنجي باقي زندگي انتهائي ڏکي ۽ غربت واري حالت ۾، جهوپڙين ۾ گذاري. پر اڄ 76 سال گذري وڃڻ باوجود، هر سال 8 آڪٽوبر تي جوگندرناٿ منڊل جي استعيفيٰ اسان جي پارليامينٽ جي ايوان اڳيان هڪ اهم سوال ضرور بيهاري ٿي: ڇا شهرين جا حق رڳو آئين جي ڪتاب ۾ لکيل هجڻ گهرجن، يا انهن حقن جو عملي طور تي رياستي ادارن جي روزاني فيصلن ۾ به نظر اچڻ ضروري آهي؟ منهنجي خيال ۾ اسان کي جوگندرناٿ منڊل کي رڳو ماضيءَ جو هڪ تڪراري ڪردار سمجهي پنهنجي تاريخ کان منهن نه موڙڻ گهرجي. ان جي بدران اسان کي پنهنجو احتساب ڪرڻ گهرجي ۽ پاڻ کان پڇڻ گهرجي ته اسان پنهنجي آئين، پنهنجي قانون ۽ قائداعظم طرفان پاڪستان جي سڀني شهرين، خاص طور تي محب وطن اقليتن سان ڪيل واعدن تي ڪيترو عمل ڪري رهيا آهيون؟

خيرپور رياست جي آخري حڪمران مير علي مراد خان ٽالپر ثانيءَ جو وڇوڙو

رميش راجا

اڳوڻي رياست خيرپور جي آخري حڪمران هز هائينس مير جارج علي مراد خان ٽالپر ثاني جو 5 آڪٽوبر 2026ع جي شام سڪرجي هڪ خانگي اسپتال ۾ 93 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ٿيو آهي جيڪو صرف هڪ اڳوڻي حڪمران جي زندگيءَ جي پڄاڻي ناهي پر سنڌ جي رياستي تاريخ سان ڳنڍيل آخري زنده ڪڙين مان هڪ جي موڪلائي پڻ آهي مير صاحب پنهنجي پنيان ٻه پٽ، پرنس مير عباس رضا خان ٽالپر ۽ پرنس مير مهدي رضا خان ٽالپر ۽ نياڻي زهره ٽالپر سميت خاندان، مٽ، دوست ۽ ڪيترائي چاهيندڙ ڇڏي ويو آهي هو 29 جون 1933ع تي برائٽن انگلينڊ ۾ ڄائو ۽ سندس تعليم برصغير ٽوڙي برطانيا جي تعليمي ماحول سان لاڳاپيل رهي سندس زندگيءَ جا آخري ڏهاڪا خيرپور ۽ اتي جي ٽالپر خاندان جي تاريخي ورثي خاص ڪري فيض محل سان ڳنڍيل رهيا. خيرپور جي هن آخري مير کي سمجهڻ لاءِ ان رياست جي تاريخ ڏانهن موٽڻو پوندو جنهن جو بنياد 1783ع ۾ مير سهراب خان ٽالپر وڌو ٽالپرن جي سهرابائي شاخ جي هن رياست تي ترتيبوار مير سهراب خان ٽالپر، مير رستم علي خان ٽالپر، مير علي مراد خان ٽالپر پهريون، مير فيض محمد خان ٽالپر پهريون، مير امام بخش خان ٽالپر، مير علي نواز خان ٽالپر "ناز"، مير فيض محمد خان ٽالپر ثاني ۽ آخر ۾ مير جارج علي مراد خان ٽالپر ثاني حڪمران ٿيا. تاريخي ذريعا انهن 8 حڪمرانن جي دورن جي ڪجهه شروعاتي تاريخن بابت ٿورو اختلاف رکن ٿا پر حڪمرانن جو اهو سلسلو مجموعي طور تسليم ٿيل آهي سنڌ جي تاريخ ۾ خيرپور جي حيثيت ان ڪري به منفرد رهي جو 1843ع ۾ سنڌ جي وڏي حصي تي انگريزن جي قبضي ڪانپوءِ به خيرپور پنهنجي نوابي رياست واري حيثيت برقرار رکي برطانوي بالادستيءَ هيٺ هجڻ باوجود ان جو پنهنجو حڪمران، انتظامي ڍانچو ۽ مقامي ادارا موجود رهيا. رياست انتظامي طور تي مختلف تعلقن ۾ ورهايل هئي ۽ گمبٽ به خيرپور رياست جي انتظامي جوڙجڪ جو هڪ اهم تعلقو هو.

خيرپور جي ميرن جي حڪمرانيءَ کي رڳو محلن، شاهي درٻارن ۽ سياسي اختيار تائين محدود ڪري ڏسڻ ان دور جي اڌوري تصوير ٿيندي سنڌن دور جو هڪ اهم پاسو تعليم جي سرپرستي هو مير امام بخش خان جي زماني تائين رياست ۾ 98 کان وڌيڪ اسڪولن جو ذڪر ملي ٿو جتي تعليم مفت هئي شاگردن لاءِ ڪاتي، رهائش ۽ بورڊنگ جهڙيون سهولتون پڻ فراهم ڪيون وينديون هيون 20هين صديءَ جي شروعات ۾ اهڙي تنديءَ رياست لاءِ اها هڪ قابل ذڪر سماجي سيڙپڪاري هئي تعليم کي رڳو پڙهڻ ۽ لکڻ تائين محدود نه رکيو ويو اسڪولن ۾ سائنس ادب، اخلاقي تربيت ۽ جسماني سرگرمين تي به ڌيان ڏنو ويندو هو ڪيترن ئي تعليمي ادارن اڳيان باغ ۽ راندين جا ميدان رکيا ويا ۽ ڪن وٽ ڪرڪيٽ جا ميدان پڻ هئا خيرپور رياست جا حڪمران علي ڳڙهه سميت برصغير جي ٻين تعليمي تحريڪن ۽ ادارن جي مالي مدد ڪندا رهيا. تاريخي حوالن مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته خيرپور جا مير مذهبي مدرسن سان گڏ سنڌي ۽ انگريزي تعليم کي به هٿي ڏيندا هئا ان تعليمي ورثي جو هڪ نمايان نالو مير علي نواز خان ٽالپر "ناز" آهي جيڪو 1921ع کان 1935ع تائين خيرپور جو حڪمران رهيو هو پاڻ شاعر هو ۽ سندس شاعريءَ جا مجموعا پڻ ڇپيا. سندس نالي سان قائم ناز هاءِ اسڪول خيرپور جي اهم تعليمي ادارن مان هڪ بڻيو سندس شخصيت ۾ حڪمران، شاعر ۽ فن دوست سرپرست جا پاسا گڏ نظر اچن ٿا خيرپور جي درٻار ۾ موسيقي، ادبي ڪچهرين ۽ فنون لطيفه کي به جوڳي جاءِ حاصل هئي سنڌي سماج ۾ شاعري ۽ موسيقي هميشه وندر نه رهي پر اها تاريخ، عشق، تصوف، سماجي قدرن ۽ ماڻهن جي گڏيل احساسن جو اظهار رهي آهي مير علي نواز "ناز" جي شاعريءَ سان وابستگي انهيءَ روايت کي درٻاري سطح تي به هٿي ڏني شاعرن، راڳين، سازندن ۽ ٻين اهل فن لاءِ سرپرستي اهڙي ماحول کي جنم ڏنو جنهن ۾ فن ۽ ادب رياستي زندگيءَ جو حصو بڻيا. ٽالپر دور جو اڏاوتي ورثو به خيرپور جي سڃاڻپ جو اهم حصو آهي فيض محل ڪوٽڏيجي جو قلعو ۽ ٻيون تاريخي عمارتون ان دور جي فني ذوق، ڪاريگري ۽ طرز تعمير جون شاهديون ڏين ٿيون فيض محل اڄ به خيرپور جي شاهي ماضيءَ جي سڀ کان نمايان نشانين مان هڪ آهي پر ان جي اهميت رڳو هڪ محل هجڻ ۾ ناهي اهو ان سماجي ۽ ثقافتي دنيا جو شاهد پڻ آهي جيڪا ڪڏهن خيرپور رياست جي چوڌاري آباد هئي.

خيرپور جي معيشت جو بنياد زراعت ۽ پاڻي هو. سنڌو درياهه، مقامي آبپاشي ڪُوهه ۽ پوءِ جديد واهن جي نظام هن علائقي جي زرعي معيشت کي مضبوط ڪيو. رياست جي وڏي آباديءَ جو گذر سفر زراعت تي هو. جڏهن ته ڪجهين، ڪڻڪ، ڪپهه ۽ ٻيون زرعي پيداوارون مقامي معيشت جو اهم حصو هيون. 1931ع جي انگن اکرن موجب رياستي آباديءَ زراعت سان وابسته هئي. حڪمرانيءَ جي معيار کي ڏسندي عوامي ڀلائي، تعليم، معاشي ترقي ۽ انصاف کي به خيرپور جي ٽالپر دور بابت ٿيندڙ تحقيق ۾ نمايان ڪيو ويو آهي مير جارج علي مراد خان ثاني برطانيا ۽ جرمنيءَ جو دورو ڪري، مشينري حاصل ڪئي. جنهن سان ايشيا جي ان وقت جي سڀ کان وڏي ڪپڙي جو ڪارخانو "خيرپور ٽيڪسٽائيل مل" جو قيام عمل ۾ آيو. هن جرمنيءَ مان برصغير جي سڀ کان وڏي ٽماڪ کي پيهر سٽڪڙ واري ڪارخاني لاءِ پڻ مشينري حاصل ڪئي. هن خيرپور ۾ عورتن لاءِ هڪ صنعتي تربيت گاهه قائم ڪئي جنهن جي اڳواڻيءَ لاءِ هڪ جرمن عورت کي مقرر ڪيو ويو. ان سان گڏ هڪ صنعتي زون پڻ قائم ڪيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ علائقي ۾ وڏي معاشي ترقي ٿي. پرائيٽ سرڪاري بسن جي جاءِ تي جديد بسون هلائڻ جو مقصد عوام کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪرڻ هو. رياست جي پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌس خريد ڪيل وڌيڪ اهڙيون جديد بسون لاهور ۽ راولپنڊي موڪليون ويون هيون. سنڌس حڪمرانيءَ دوران 1949ع ۾ سنڌس رياست ۾ بالغ راءِ دهيءَ (Universal Suffrage) جو نظام متعارف ڪرايو ويو. سنڌس رياست ۾ ٿيل چونڊون تنڌي ڪنڊ هندستان ۾ ان نوعيت جون پهريون چونڊون هيون. خيرپور جي ثقافتي زندگيءَ ۾ راندين جو به پنهنجو مقام هو. ملهه يا ملاکڙو انهن مان سڀ کان وڌيڪ سنڌي سڃاڻپ رکندڙ راند هئي. ملهه رڳو جسماني زور آزمائي نه پر همت، هنر، ضبط، عزت ۽ نيڪ نامي جو مقابلو هو. ناميارن پهلوانن کي سماج ۾ وڏي عزت ملندي هئي ۽ حڪمران ٽوڙي باثر خاندان سندن همت افزائي ڪندا هئا. ان سان گڏ گهوڙي سواري، شڪار، نشاني بازي ۽ ٻيون روايتي سرگرميون به ان دور جي سماجي زندگيءَ جو حصو هيون. اهم ڳالهه اها ته منهنجي خاندان جو پڻ ملهه سان تعلق رهيو آهي منهنجو ڏاڏو لڌا رام پنهوار خيرپور رياست جي دور جو هڪ ناميارو ملهه پهلوان هو. سندس وسيلي اسان جي خاندان جو رشتو ان رياست جي عوامي، راندين ۽ ثقافتي زندگيءَ سان جڙيل رهيو. منهنجي خاندان جو خيرپور رياست سان ٻيو اهم رشتو گمبٽ شهر ۽ تعليم وسيلي جڙيو گمبٽ، جيڪو پاڻ پراڻي خيرپور رياست جو اهم حصو هو. اتي موجود مراد هاءِ اسڪول منهنجي لاءِ ڪنهن عام تاريخي عمارت جو نالو ناهي. اسڪول سان لاڳاپيل مقامي تاريخي رڪارڊ موجب ان تاريخي بوائز اسڪول جو پيو حصو 4 اپريل 1947ع تي هز هائينس مير علي مراد خان ٽالپر نهرايو هو. (اڳتي هلي اهو ادارو مراد هاءِ اسڪول جي نالي سان مشهور ٿيو).

5 آڪٽوبر 2026ع تي سندس وفات سان خيرپور جي شاهي دور جي آخري زنده علامتن مان هڪ اسان کان موڪلائي وئي آهي پر رياست جو تاريخي جائزو وٺندي هڪ ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته سياسي اقتدار جي عمر محدود هوندي آهي. جڏهن ته علم، ثقافت ۽ عوامي خدمت جا اثر گهڻي دير تائين هلندا آهن 1783ع ۾ مير سهراب خان ٽالپر کان شروع ٿيل هڪ رياست 1955ع ۾ 172 سالن جي رياست سياسي طور ختم ٿي وئي ۽ هاڻي ان جو آخري مير (اڳوڻو بادشاهه) به موڪلائي ويو آهي پر ڪنهن به حڪمرانيءَ جو بهترين يادگار اهو ناهي ته ان جو تخت ڪيترو شاندار هو. اصل سوال اهو آهي ته ان پنهنجي ماڻهن لاءِ ڇا ڪيو؟ ان سوال جو جواب خيرپور ۾ موجود تعليم، ثقافت، زراعت، فن ۽ عوامي ادارا آهن. الوداع هز هائينس مير جارج علي مراد خان ٽالپر ثاني خيرپور جي آخري مير کي آخري سلام!

سنڌ ۾ زرعي جدت ۾ واٽر ڪورسز جي اهميت!



رحمت الله برڙو

جديد دنيا موسمياتي تبديلين، پاڻيءَ جي ڪوٽ ۽ زرعي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي زراعت ۾ نون طريقن ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال ڏانهن تيزيءَ سان وڌي رهي آهي موسمي تبديلي سبب ڪٿي برسات ۾ گهٽتائي ته ڪٿي اوچتو ۽ غيرمعمولي برساتن جا واقعا سامهون اچي رهيا آهن جنهن سان زرعي، معاشي ۽ سماجي زندگي متاثر ٿي رهي آهي اهڙي صورتحال ۾ پاڻيءَ جي هر ڦڙي کي محفوظ ڪرڻ ۽ ان جو موثر استعمال زراعت لاءِ بنيادي ضرورت بڻجي چڪو آهي سنڌ ۾ آن فارم واٽر مئنيجمينٽ (OFWM) ونگ، جيڪو زراعت کاتي جو حصو آهي زرعي پاڻيءَ جي بهتر استعمال، پاڻيءَ جي ضايع ٿيڻ کي گهٽائڻ ۽ آبادگارن تائين پاڻيءَ جي مناسب رسائي يقيني بڻائڻ لاءِ ڏکي عرصي کان ڪم ڪري رهيو آهي دستياب معلومات موجب سنڌ ۾ آن فارم واٽر مئنيجمينٽ جو پروگرام 1977-78ع ڌاري متعارف ٿيو جنهن کي مختلف مرحلن تي يو ايس ايڊ، ايشيائي ترقياتي بئنڪ، ورلڊ بئنڪ ۽ سنڌ حڪومت جي ترقياتي پروگرام مان مالي ۽ فني سهڪار حاصل ٿيندو رهيو آهي

هن پروگرام جو بنيادي مقصد زرعي پاڻيءَ کي محفوظ ڪرڻ پاڻيءَ جي منصفاڻي ۽ موثر ورڇ، فصلن جي پيداوار وڌائڻ ۽ آبادگارن کي جديد آبپاشي طريقن بابت آگاهي ڏيڻ آهي ڪليل ۽ غير پڪا واٽر ڪورسز مان پاڻيءَ جي وڏي مقدار ضايع ٿيڻ سبب واٽر ڪورسز جي لائيننگ کي خاص اهميت ڏني وئي جنهن سان پاڻيءَ جي وهڪري ۾ بهتري، نقصان ۾ گهٽتائي ۽ فصلن تائين وقت سر پاڻي پهچائڻ جا مقصد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ان سان گڏ آبادگارن کي ليزر لينڊ ليولنگ، ڊرپ ۽ اسپرنڪلر اريگيشن جهڙين جديد ٽيڪنالاجيز بابت تربيت ڏيڻ واٽر ڪورس ايسوسيئيشنز قائم ڪرڻ ۽ مقامي آبادگارن کي پنهنجي واٽر ڪورسز جي سارسنڀال ۾ شامل ڪرڻ به پروگرام جو اهم حصو رهيو آهي دستياب انگن اکرن موجب سنڌ ۾ 46 هزار کان وڌيڪ واٽر ڪورسز موجود آهن جن مان لڳ ڀڳ 30 هزار واٽر ڪورسز کي

مختلف منصوبن خاص طور نيشنل پروگرام فار امپرووومينٽ آف واٽر ڪورسز (NPIW) ۽ On-Farm Water Management Project تحت بهتر يا لائينڊ ڪيو ويو آهي دعويٰ ڪئي وڃي ٿي ته واٽر ڪورسز جي بهتريءَ سان پاڻيءَ جي ضايع ٿيڻ ۾ نمايان گهٽتائي آئي ۽ ڪجهه علائقن ۾ ڪمانڊ ايريا جي پوکيءَ ۾ 7 کان 8 سيڪڙو تائين واڌ رڪارڊ ڪئي وئي NPIW جي هڪ مرحلي دوران 2006-07ع ۾ صوبائي سطح تي 2 هزار 8 سئو 42 واٽر ڪورسز جي لائيننگ جو هدف رکيو ويو. جڏهن ته وڌيڪ 2 هزار 7 سئو 20 واٽر ڪورسز تي ڪم جاري رکڻ جا انگ اکر پڻ سامهون آيو اهو ڪم سنڌ جي 23 ضلعن ۾ ڪيو ويو مثال طور بدين ۾ 6 سئو واٽر ڪورسز جو هدف رکيو ويو حيدرآباد ۾ 70، ٽنڊوالهيار ۾ 1 سئو 80 ۽ شڪارپور ۾ 3 سئو واٽر ڪورسز سان لاڳاپيل ڪم جا انگ اکر ڏنا ويا آهن جڏهن ته گهوٽڪي ۾ 4 سئو 55 واٽر ڪورسز جو هدف رکيو ويو انهن منصوبن جو بنيادي مقصد پاڻي جي نقصان کي گهٽائڻ زمين تائين پاڻيءَ جي پهچ بهتر ڪرڻ ۽ آبادگارن کي آبپاشي جي جديد طريقن سان جوڙڻ هو.

واٽر ڪورسز بابت سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ مختلف دعوائن ۽ خبرن جي حوالي سان ڊائريڪٽر جنرل آن فارم واٽر مئنيجمينٽ سيد نديم شاهه جو چوڻ آهي ته کاتو سنڌ حڪومت جي پاليسي ۽ آن فارم واٽر مئنيجمينٽ جي مقصدن موجب ڪم ڪري رهيو آهي سندس موجب هي پروگرام 1977ع کان جاري آهي ۽ واٽر ڪورسز جي بهتري ۾ ڳوٺاڻن ۽ آبادگارن جو سهڪار اهم رهيو آهي زرعي پاڻي جي وڌندڙ ضرورتن ۽ موسمياتي تبديلين جي موجوده دور ۾ سنڌ لاءِ اصل چيلنج رڳو وڌيڪ پاڻي حاصل ڪرڻ نه پر موجود پاڻي کي محفوظ، منظم ۽ جديد طريقي سان استعمال ڪرڻ آهي

’سُرتِ نہ سُجاڻن، ٻاهر ٻاڏائين گهڻو‘



شاهد ميراڻي

3 آڪٽوبر 2026ع تي حيدرآباد جي هاءِ ڪورٽ آڊيٽوريم هال ۾ هڪ اهم ’آل سنڌ لائيرز ڪنوينشن‘ ڪوٺايو ويو. هن ڪنوينشن جي گڏيل ميزبانيءَ جا فرض هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن (HCBA) حيدرآباد جي صدر اياز حسين تنيو جنرل سيڪريٽري سيد شهزاد علي شاهه ۽ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن (DBA) حيدرآباد جي صدر شاڪر نواز شر ۽ جنرل سيڪريٽري عبدالرزاق درس سرانجام ڏنا. ڪنوينشن جو عنوان ’نو مور ٻوڙن آف سنڌ‘ (سنڌ جو وڌيڪ ورهاڱو نامنظور) هو. ان ۾ سنڌو درياهه تي 6 تڪراري ڪينالن جي اڏاوت، لکين ايڪڙ سرڪاري زمين جي الاٽمينٽ ۽ 26هين ترميم ۽ 27هين آئيني ترميمن جهڙن اهم معاملن تي غور ڪرڻو هو. اهو ڪنوينشن منهنجي اکين آڏو پنهنجي اصل ۽ اعليٰ قومي ايجنڊا تان مڪمل طور تي هٽي ويو ۽ وڪيل اڳواڻ ان مقدس پليٽ فارم کي سنڌ جي بقا جي بنيادي مسئلن تي بحث ڪرڻ بجاءِ، سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي جي ايندڙ اليڪشن ۽ مقامي بارز جي اليڪشن مهم ۽ هڪٻئي خلاف تنقيد جو اکر بڻائي ڇڏيو. ڪنهن به وڏي گڏجاڻي جي نظرياتي حيثيت ان جي طئي ٿيل ايجنڊا مان ظاهر ٿيندي آهي. آل سنڌ لائيرز ڪنوينشن جي سڏ تي سڄي سنڌ مان وڪيل ان اميد سان گڏ ٿيا هئا ته هو هڪ مضبوط ۽ گڏيل پيغام ڏيندا. جاري ڪيل پٽرائي ۽ ابتدائي تقريرن موجب وڪيل برادري جو سڀ کان وڏو خدشو سنڌ جي انتظامي يا جاگرافيائي ورهاڱي جي ڪنهن به تجويز کي مڪمل طور تي رد ڪرڻ هو. ان سان گڏوگڏ سنڌو درياهه مان تڪرندڙ نون ڪينالن کي سنڌ جي زراعت، معيشت ۽ بقا تي سڌو حملو قرار ڏنو ويو ۽ سنڌ جي زمينن کي مقامي ماڻهن کان کسي خانگي ڪمپنين کي ڏيڻ خلاف ٿيندڙ اعلان اهم موضوع هئا.

ڪنوينشن ۾ سنڌ بار ڪائونسل سڄي قيادت ۽ سنڌ جي اڪثر ضلعن ۽ تعلقن قيادت به موجود هئي، جن گڏيل طور تي چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن سنڌ خلاف اهي سازشون بند نه ٿيون ته هو پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائڻ لاءِ اسلام آباد ڏانهن مارچ ڪندا. روڊن تي نڪري ايندا ۽ سموري سنڌ ۾ عدالتن جي ڪم ڪار جو اڻچاڻايل مدي تائين بائيڪاٽ ڪيو ويندو اهي اعلان بظاهر ڏاڍا پرڪشش ۽ باهمت هئا، جن جو مقصد عوام ۾ اعتماد بحال ڪرڻ هو. پر جڏهن ان ايجنڊا کي پنڊال جي عملي ماحول ۽ اڳواڻن جي سياسي روين جي ڪسوٽي تي پرکيو ويو ته اها دعويٰ بلڪل ڪوکلي محسوس ٿي، ڇاڪاڻ ته اڪثريتي شرڪت ڪندڙن جو اصل مقصد ڪجهه ٻيو هو. پيشورائي تنظيمن جو الميو آهي ته جڏهن انهن جا نمائندا پنهنجي بنيادي پيشي ۽ سماجي ذميواريءَ کان وڌيڪ تنظيمي سياست کي ترجيح ڏيڻ لڳندا آهن ته ادارا پنهنجو اخلاقي جواز وڃائي ويهندا آهن. حيدرآباد جي ان گڏجاڻي ۾ هڪ ڏکوئيندڙ منظر ڏسڻ ۾ آيو. جڏهن سنڌ جي بقا جي نالي تي گهرايل وڪيلن هن پليٽ فارم کي بارن جي ساليانو چونڊ مهم لاءِ استعمال ڪيو. تجزياتي نگاهه وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ڪنوينشن ۾ شامل ٿيندڙ ڪيترائي وفد اصل ۾ پنهنجي اميدوارن جي مهم جا واعدا ڪٽي آيا هئا. جيتوڻيڪ وڪيلن جي فلاح ۽ بهبود جا اهي نقطا پنهنجي جاءِ تي اهم آهن پر هڪ اهڙي ڪنوينشن ۾، جنهن جو عنوان ’سنڌ جي وحدت ۽ وجود‘ کي لاڳو خطرن خلاف جدوجهد هو، اتي ذاتي تشهير ڪرڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته اڳواڻن جي اولين ترجيح پنهنجا مسئلا هئا. اهو رويو ظاهر ڪري ٿو ته سنڌ جا حساس ۽ جذباتي اشوز جن ۾ درياهه تي تڪراري ڪينال ۽ صوبي جو ورهاڱو شامل آهي، تن کي فقط نوجوان جذباتي وڪيلن کي راغب ڪرڻ ۽ اليڪشن ۾ همدرديون حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٽول طور استعمال ڪيو پيو وڃي، جيڪا هڪ قسم جي سياسي مفاد پرستي (Political Opportunism) آهي. جڏهن ڪنهن تحريڪ جي قيادت داخلي طور تي ورهايل هجي ته اها رياست جي پاليسين جو ڪڏهن به مقابلو نٿي ڪري سگهي. هڪ طرف حڪمرانن ۽ سياسي پارٽين سان همدردي رکندڙ وڪيل هئا، جيڪي رياستي ادارن تي تنقيد ڪرڻ کان پاسو ڪري رهيا هئا ۽ پنهنجي پاليسين جو دفاع ڪري رهيا هئا. جڏهن ته ٻئي پاسي آزاد خيال وڪيل هئا، جيڪي نه رڳو حڪومتن کي انهن سان لاڳاپيل اڳواڻن کي به سخت تنقيد جو نشانو بڻائي رهيا هئا. ان کان علاوه قيادت جي بالادستي ۽ فيصلي سازي ۾ نظرانداز ڪرڻ جهڙن معاملن تي سرعام اختلاف سامهون آيا. ڪجهه مقررين اڻ سڌي طرح انهن وڪيلن کي پڻ تنقيد جو نشانو بڻايو جيڪي بارن ۾ ويٺل اڳواڻن جي حڪمن تي هلن ٿا يا سرڪاري قانوني صلاحڪار يا ايڊووڪيٽ جنرل آفيس جي ماتحت ڪم ڪن ٿا، جنهن سان پنڊال ۾ شديد ڇڪتاڻ پيدا ٿي. اهڙي صورتحال نوجوانن، عام ۽ پروفيشنل وڪيلن لاءِ انتهائي مايوس ڪندڙ هئي، جيڪي عدالتن جو بائيڪاٽ ڪري پنهنجي روزگار جو نقصان برداشت ڪري، هڪ اهم ايجنڊا تي اتحاد لاءِ ڪنوينشن ۾ شامل ٿيا هئا. مقامي وڪيلن پاران اهو سوال اٿاريو ويو ته جيڪڏهن قيادت پاڻ ۾ ئي وڙهي رهي هئي ۽ فقط اليڪشن جي سيٽن پٺيان ڊوڙي رهي هئي ته پوءِ اهي سنڌ جي مفادن جو دفاع ڪيئن ڪندا؟

سڀ کان پهرين ڳالهه، ادارتي زوال ۽ تنظيمي ترجيحن جي تبديلي آهي. جڏهن ڪنهن پروفيشنل تنظيم، جهڙوڪ بار ڪائونسل، اندر چونڊن جي عمليت ۽ سياست جا عنصر گهڻا حاوي ٿي وڃن ٿا ته تنظيم پنهنجي اصل نظرياتي، قانوني ۽ سماجي ذميوارين تان هٽي ويندي آهي. هن واقعي مان اهو ٽئين درجي جو نتيجو اخذ ڪري سگهجي ٿو ته وڪيلن جو پنهنجي اليڪشن مهم کي قومي مسئلن تي ترجيح ڏيڻ قيادت جي مرڪزيت منتقليءَ کي ظاهر ڪري ٿو يعني اڳواڻن جي اولين ترجيح قانون جي بالادستي نه پر تنظيمي طاقت حاصل ڪرڻ ٿي وئي آهي. نتيجي ۾ مستقبل ۾ جڏهن به وڪيل ڪنهن وڏي آئيني يا عوامي تحريڪ جو سڏ ڏيندا ته سول سوسائٽي ۽ عام عوام ان کي شديد شڪ جي نگاهه سان ڏسندو ته ڇا اها واقعي عوامي تحريڪ آهي يا وري بار جي ايندڙ اليڪشن لاءِ تيار ڪيل ڪو ڊرامو آهي. عوامي اعتماد جو اهو فقدان ڪنهن به سماج جي قانوني جدوجهد لاءِ انتهائي موتمار ثابت ٿي سگهي ٿو. ٻيو اهم پاسو حڪمتِ عملي جو فقدان ۽ رياستي رُڪاوٽن آڏو ظاهر ٿيل ڪمزوري آهي. بار ايسوسيئيشنز جي مختلف تنظيمن وچ ۾ جيڪو کلي عام تڪراءُ ۽ لفظي جنگ ڏٺي وئي، اهو فقط هڪ وقتي جذباتي اپار نه هو پر اهو اثر ۽ رسوخ، مالي وسيلن ۽ سياسي پنيرائي جي هڪ ڏکي جنگ جو نتيجو هو جڏهن اسان وڪيلن جون پنهنجون صفون ئي ورهايل هجن ۽ هڪٻئي خلاف مورچا بند ٿيل هجن ته اهي سنڌ جي ورهاڱي سامهون ڪا به مزاحمت پيش نٿا ڪري سگهن.

اڄوڪو ڏينهن ..... 08 آڪٽوبر

1975ع تي ساماري روڊ شهر ۾ ڄائو سندس اصل نالو جاڙو خان ٿيبو آهي هن ايم اي، ايم ايڊ ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون عملي زندگيءَ جي شروعات عمرڪوٽ ٽائون ڪميٽيءَ ۾ ڪلارڪ طور ڪيائين هن جي شاعري ۽ ڪالم سنڌ جي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندا رهن ٿا هو سنڌي ادبي سنگت جو سرگرم ڪارڪن آهي سنڌي ادبي سنگت ساماري جو باني ميمبر ۽ اڳواڻ ۽ ساڳيءَ سنگت جي عمرڪوٽ ضلعي جو رابطه سيڪريٽري رهي چڪو آهي هن سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي خزانچيءَ طور پڻ ڪم ڪيو هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ "ٻڌايو ڇا ڪجي" (شاعري)، "سانجهه جي هنج ۾ (شاعري)"، "مرڪيو چهرو منڊ جو" (شاعري) ۽ "ڪوي عمرڪوٽ جا" (اڪبر لغاريءَ سان گڏ) شامل آهن

مختيار انڙ

روشن علي ولد نصير محمد ڄاڻايو آهي سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا مطابق هو 8 آڪٽوبر 1962ع تي تعلقي قمبر جي ڳوٺ بوهڙ ۾ ڄائو. جڏهن ته گل ڪونٽر "ڪاوش مئگزين" جي 5 آڪٽوبر 2025ع واري شماري ۾ هن جو جنم 8 سيپٽمبر 1962ع تي ڳوٺ نصير محمد ڄاڻائي ۾ ڄاڻايو آهي ابتدائي تعليم قمبر شهر ۾ حاصل ڪيائين ٻارهين ڪلاس جو امتحان سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪرڻ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (اڪنامڪس) جي سند حاصل ڪيائين سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان ايل ايل بي جي ڊگري پڻ حاصل ڪيائين هن پنهنجي صحافتي سفر جي شروعات مختلف اخبارن جي رپورٽر طور ڪئي اڳتي هلي چيف رپورٽر ۽ اعزازي ايڊيٽر طور پڻ ڪم ڪيائين ادبي دنيا ۾ به جڳو پاڻ ملهايو انس هو سندر تخلص سان شاعري ڪري رهيو آهي ۽ ڳلوڪڙ ڪيترائي ڪالم ۽ ڪهاڻيون به پنن تي پوئي چڪو آهي سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "ذات ۽ ڏنگ" (شاعري)، "مان زنده رهندس" (ڪرشن چندر جي ڪهاڻين جو ترجمو)، "جورن مٿان مور" (ڪالم) ۽ "ٽئين لاٽ" شامل آهن هو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي پروگرامن ۾ به شرڪت ڪندو رهيو آهي



سندس جنم جي تاريخ 8 آڪٽوبر بجاءِ 18 آڪٽوبر ڄاڻايل آهي ڪراچي يونيورسٽيءَ مان بي اي، ايل ايل بي ۽ ايم اي (سنڌي) جون سندون حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ وڪيل جي حيثيت ۾ ڪيائين 1961ع کان 1970ع تائين يونين ڪائونسل محمودپور ۽ ضلعي ڪائونسل جيڪب آباد جي ميمبر طور خدمتون سرانجام ڏنائين پاڻ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جيڪب آباد جو پهريائين سيڪريٽري ۽ پوءِ صدر رهيو ان کان علاوه سنڌ ۽ بلوچستان بار ڪائونسل جي وائيس چيئرمين هئڻ جو اعزاز پڻ حاصل ڪيائين 1981ع کان 1983ع تائين جنرل ضياءُ الحق پاران نهيل مجلس شوريٰ جو ميمبر ۽ ڊپٽي چيئرمين رهيو 1983ع ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ٿيو ۽ 1989ع ۾ رٽائر ٿيو رٽائر ٿيڻ کان پوءِ به اهم عهدن تي فائز رهيو جن ۾ وفاقي شرعي عدالت جو جج، وفاقي محتسب جو صلاحڪار، فيڊرل سروسز ٽربيونل جو چيئرمين ۽ ٻين عهدن تي فائز رهيو هو 2 ڀيرا پاڪستان جي سينيٽ جو ميمبر ۽ 2004ع کان 2007ع تائين بلديات ۽ ڳوٺاڻي ترقيءَ جو وفاقي وزير پڻ رهيو هن پهرين سيپٽمبر 2010ع تي وفات ڪئي

خانڻ جنجهي

اڄ جو ڏينهن سنڌ جي قادرالڪلام شاعر ۽ سگهڙ مرحوم حاجي خانڻ جنجهيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هي امله انسان ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي شهر نصيرآباد ويجهو ڳوٺ مياڻداد جنجهيءَ ۾ 8 آڪٽوبر 1831ع تي پيدا ٿيو سندس پورو نالو حاجي خان محمد ۽ والد جو نالو مياڻ دوست محمد خان هو فارسيءَ جي تعليم پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ مولانا نور محمد ميمڻ ۽ مولانا غلام صديق شهدادڪوٽيءَ کان حاصل ڪيائين والد جي وفات سبب وڌيڪ تعليم لاءِ ڳوٺ کان ٻاهر پڙهي نه سگهيو هو پنهنجي ڳوٺ جو چڱو مڙس هو ۽ راڳ رنگ، شعرو شاعريءَ ۽ ڪچهرين جو ڪوڏيو هو پنهنجي دور جو هڪ سٺو شاعر هو خاص طور تي ڪافيءَ جي صنف تي خاص ملڪو حاصل هئس سندس ڪلام مشهور محقق عبدالڪريم سنديلي "ڪليات حاجي خانڻ جنجهي" جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ مان 1986ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو حاجي خانڻ جنجهيءَ 2 جنوري 1907ع تي وفات ڪئي

عبدالڪريم اداسي

هن بزرگ شاعر جو جنم 8 آڪٽوبر 1918ع تي ڳوٺ پيچوها، تعلقي وارهه ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ ٿيو هن جو پورو نالو عبدالڪريم ولد غلام رسول پيچوهو هو هن کي سنڌي ۽ فارسي ٻولين تي عبور حاصل هو عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪيائين ۽ 1976ع ۾ هيڊماسٽر طور رٽائر ٿيو هن 1975ع ۾ حج جي سعادت به حاصل ڪئي هو هڪ پلوڙ شاعر هو شاعريءَ ۾ "اداسي" تخلص استعمال ڪندو هو سندس ٽُر جا ماڻهو کيس "سائين اداسي" سڏيندا هئا. سندس غزل خاص طور تي مشهور هئا. هن بزرگ شاعر 19 سيپٽمبر 1986ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو

شفيع محمد سولنگي

شفيع محمد سولنگي دادو ضلعي جو مشهور تعليمي ماهر ۽ ليکڪ هو هن جو جنم 8 آڪٽوبر 1920ع تي دادو شهر ۾ ٿيو سنڌي فائنل تائين تعليم دادوءَ مان حاصل ڪيائين ان بعد 1952ع ۾ اديب فاضل جو امتحان پاس ڪيائين عملي حياتيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪيائين ۽ سڄي عمر قوم جي نونهالن کي علم جي روشنيءَ سان منور ڪيائين هو هڪ سٺو ليکڪ پڻ هو ۽ سندس ڪهاڻيون، مضمون ۽ ڪالم مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا خاص طور تي مضمون نگاريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو هو ادبي تنظيم "بزم غالب ملڪاڻي" جو صدر پڻ رهيو هن 2 فيبروري 2011ع تي دادوءَ ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر پورو ڪيو

جسٽس عبدالرزاق ٿهيم

هن نامياري قانوندان ۽ سياستدان جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1927ع ۾ جيڪب آباد ضلعي جي ڳوٺ شيرانپور ۾ ٿيو ياد رهي ته انگريزي وڪيپيڊيا ۾

پير الاهي بخش

اڄ سنڌ جي هن مشهور سياستدان جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي پير صاحب جي ولادت 1890ع ڌاري پيرڳوٺ نزد ڀان سيدآباد ضلعي دادوءَ ۾ پيرنواز علي شاهه جي گهر ۾ ٿي هن ابتدائي تعليم ڀان سيدآباد مان حاصل ڪئي. جڏهن ته مئٽرڪ جو امتحان ناز هاءِ اسڪول خيرپور ميرس مان پاس ڪيو هن جامعه مليه اسلاميه يونيورسٽيءَ مان بي اي جي سند حاصل ڪئي ان بعد علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ مان ايم اي (اسلامي تاريخ) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ لاڙڪاڻي ۾ وڪالت شروع ڪيائين هو مولانا محمد علي جوهر جي خلافت تحريڪ کان گهڻو متاثر هو ۽ شاگرديءَ واري زماني ۾ انهيءَ تحريڪ جو حصو رهيو 1937ع ۾ سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو هن سنڌ يونائيٽيڊ فرنٽ جو بنياد وجهي سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگيءَ واري تحريڪ ۾ حصو ورتو اڳتي هلي شهيد الهه بخش سومري جي ڪابينه ۾ صوبائي تعليم جي وزير طور خدمتون سرانجام ڏنائين هن سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ يونيورسٽي ۽ ايس ايم ڪاليج ڪراچيءَ جي قيام ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو پاڻ سنڌ مدرسته الاسلام بورڊ جو صدر پڻ رهيو 1946ع ۾ هو مسلم ليگ جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو شاهد صاحب 3 مئي 1948ع کان 4 فيبروري 1949ع تائين سنڌ جي وڏي وزير طور ذميداريون سنڀاليون 1953ع ۾ هو هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو 1954ع ۾ ون يونٽ جي قيام لاءِ سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس ڪوٺايو ويو پير الاهي بخش انهن چند سياستدانن مان هڪ هو جن ون يونٽ جي قيام جي مخالفت ۾ ووٽ ڏنو 1956ع ۾ اولهه پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو 1958ع ۾ ملڪ ۾ مارشلا لا لاڳو ٿيڻ کان پوءِ هو سياست کان گهڻو ڪري ڪناره ڪش ٿي ويو هن 8 آڪٽوبر 1975ع تي وفات ڪئي

شازيه مري

اڄ مشهور سياستدان شازيه مريءَ جي سالگرهه جو ڏينهن آهي هن جو جنم 8 آڪٽوبر 1972ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو هن جو والد عطا محمد مري به هڪ مشهور سياستدان هو جيڪو سنڌ اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر پڻ رهيو هن جي والده پروين مري به سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر رهي شازيه 2002ع ۾ پهريون ڀيرو سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر چونڊجي آئي هن توانائيءَ جي صوبائي وزير طور ڪم ڪيو 2008ع ۾ ٻيهر سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر منتخب ٿي ۽ 2008ع کان 2010ع تائين سنڌ جي اطلاعات واري وزارت سنڌس هٿ هيٺ رهي 2013ع، 2018ع ۽ 2024ع وارين عام چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جون سيٽون کٽيائين هن جو شمار پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي انتهائي اهم عهديدارن ۾ ٿئي ٿو

منصور ويراڳي

اڄ سنڌ جي قادرالڪلام شاعر ۽ اديب مرحوم منصور ويراڳيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن نامياري انسان 8 آڪٽوبر 1930ع تي ڄامشوري ضلعي جي شهر مانجهند ۾ اکيون کوليون سندس والد جان محمد اضعف ابڙو پنهنجي دور جو هڪ مشهور شاعر هو منصور ويراڳيءَ جو اصل نالو عبدالرئوف ابڙو هو جوانيءَ ۾ پاڻ کي منصور سنڌي سڏائيندو هو پر پوءِ منصور ويراڳيءَ جي نالي سان مشهور ٿيو جيتوڻيڪ هن جو جنم مانجهند ۾ ٿيو پر لڳ ڀڳ سموري حياتي هالا نوان ۾ گذاريائين هن هالا ۾ ادبي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هن ڪيترين ئي ادبي تنظيمن جو بنياد رکيو جن ۾ "بزم رفيق"، "سنيلسي ادبي سنگت" ۽ "انٽرنيشنل اڪيڊمي هالا" شامل آهن انهن ادبي تنظيمن جي پليٽفارم تان هن ڪيترائي ادبي پروگرام منعقد ڪرايا ۽ ڪيترائي ڪتاب ڇپرايا. هن جي ادبي پورهئي ۾ ٽيهارو کن ڪتاب شامل آهن هن 15 فيبروري 2008ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ هن جي وفات جي تاريخ 15 بجاءِ 13 فيبروري لکيل آهي



خطائي ٽيبو

اڄ مشهور شاعر ۽ اديب خطائي ٽيبي جي جنم جو ڏينهن آهي هي نامياري ساهتڪار 8 آڪٽوبر

روشن سنڌر چانڊيو

اڄ مشهور اديب ۽ صحافي روشن سنڌر چانڊيو پنهنجي سالگرهه ملهائي رهيو آهي هن جو پورو نالو

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج X حيدرآباد
ٿرڊ ڪلاس سوٽ نمبر سال 2026
شاهروز عالم ولد جاويد اقبال راجپوت رهندڙ گهر نمبر C-14 روشن نگر قليلي روڊ حيدرآباد ..پلينٽف..بخلاف.. بهادر خان ولد ڏوتو خان رهندڙ عالم منگريو پي او ڪاهي تعلقو ڪپرو ضلعو سانگهڙ 03492200055 ..ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري آف آئوٽ اسٽينڊنگ ايئرينرز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول / فيملي جج X حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس
سول / فيملي جج اينڊ جي اير 9th حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2113 سال 2026
صائمه ڌيءَ قمر الدين سومرو حال رهندڙ پلاٽ نمبر 80 پٺاڻ ڳوٺ نزد جانورن جي اسپتال حسين آباد حيدرآباد ..پلينٽف..بخلاف.. پرويز علي مهيسر ولد ذوالفقار علي مهيسر رهندڙ محلا مدينه ڪالوني تعلقو ميهڙ ضلعو دادو 03337573021..ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 27-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول / فيملي جج اينڊ جي اير 9th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج 4th حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1511 سال 2026
مسمات حنا ڌيءَ محمد شفيق زال ناصر احمد رهندڙ ڪچي آبادي قاسم آباد حيدرآباد ..پلينٽف..بخلاف.. ناصر احمد ولد محمد اعجاز رهندڙ نيو قليلي حيدرآباد سيل نمبر 03151339904..ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 09-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول / فيملي جج 4th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج IX حيدرآباد
(روبرو جناب مس حميرا اولو)
فيملي سوٽ نمبر 2111 سال 2026
مسمات رافعه ڌيءَ ارشد دراني زال ارشد دراني رهندڙ گهر نمبر A/2 نزد پبلڪ اسڪول آٽو ڀان روڊ لطيف آباد حيدرآباد حال رهندڙ بنگلو نمبر 54 اڪ سٽي فيز 2 بائي پاس قاسم آباد حيدرآباد ..پلينٽف..بخلاف.. نورالهي پٺاڻ ولد آغا احسان خان رهندڙ ڪرڙي عطاءِ محمد خان شڪارپور ..ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ، رڪوري ڊاور امائونٽ، ڊاوري آرٽيڪلز، مينٽيننس ۽ ميڊيڪل جو خرچ 137800 رپيا لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول / فيملي جج IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب اپيليٽ ڊسٽرڪٽ جج VI حيدرآباد
(روبرو جناب خالد حسين لغاري)
سول رويزن سوٽ نمبر 134 سال 2026
بهادر الدين ولد دريا خان معرفت اسپيشل اٽارني نالي شيراز رضا ولد شاهنواز اجن ..اپيليڪينٽ..بخلاف.. Mozza Liza ڌيءَ محمد عثمان رهندڙ گهر نمبر 16-17 مونا ولاز سنڌي ميوزيم هائوسنگ سوسائٽي قاسم آباد حيدرآباد ..ريسپونڊنٽس
مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ توهان جي خلاف سول رويزن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 14-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
اپيليٽ ڊسٽرڪٽ جج VI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر400 سال 2026
مسمات نبيلا ..پلينٽف..بخلاف.. مظهر علي مهيسر ولد دوست علي رهندڙ چاڙو شاه بند تعلقو ضلع دادو حال رهندڙ ايس ايس يو ڪوارٽر نزد سول اسپتال سينٽرل ڪراچي سيل نمبر 03127721023 ..ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس، رڪوري ڊاور امائونٽ، ميڊيڪل ۽ رڪوري نڪاح نامي ۾ جاڳايل شرطن موجب لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 25 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 262 سال 2025
مسمات مسرت..پلينٽف..بخلاف.. لالوخان ولد محمد آچر ويئل اوٺوال محلا سيتا روڊ ضلعو دادو ..ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف زير قلم 13 فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 09-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر152 سال 2026
مسمات فرحانه پتي..پلينٽف..بخلاف.. عبداللطيف چانڊيو ولد عبيدالله ذات بروهي رهندڙ بروهي چوڪ سائيٽ ايريا ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو سيل نمبر 03098277786 ..ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 09-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار
(روبرو جناب ظهير الدين سهتو)
ايف سي سوٽ نمبر سال 2026
مسمات طيب ولد محمد سليمان ۽ ٻيا..پلينٽف..بخلاف.. (1) غلام قادر ولد هارون (2) غلام محمد ٿيبو ولد هارون ذات ٿيبو رهندڙ ڳوٺ غلام قادر ٿيبو تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار ..ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليريشن، ڪينسليشن آف رجسٽرڊ سيل ڊيڊ نمبر 703 اينڊ انٽرين پزيشن، ميسني پراڦت، اينڊ پرمننٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 12-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سيڪنڊ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊوالهيار
فيملي سوٽ نمبر 124 سال 2026
مسمات شازمين ڌيءَ محمد اسلم رهندڙ الله رکيو پٺاڻ عباس پائي ڪالوني تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار..پلينٽف..بخلاف.. انس علي ولد محمد اشرف رهندڙ الله رکيو پٺاڻ عباس پائي ڪالوني تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار ..ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 08-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
سول اپيل 231 سال 2026
مير اسلم تالپر ولد محمد حسن تالپر رهندڙ گهر نمبر B-55 ٽِلس گيس ڪارپوريشن هائوسنگ سوسائٽي قاسم آباد حيدرآباد ..اپيليڪينٽ..بخلاف.. (1) مير اڪرم تالپر ولد مير محمد حسن تالپر معرفت قانوني وارث (a)مسمات ثمرين تالپر زال مير عاطف تالپر (b)مير غالب تالپر (c) مير ياسر تالپر (d)مير تحسين تالپر زال عمران خانزادا (e)مير علي رضا تالپر (f)مسمات شينا تالپر طاهر ملڪاڻي سڀ پٽ ڌيئرون مير اڪرم تالپر مسلم بالغ رهندڙ بنگلو نمبر B /105 فيز 1 قاسم آباد حيدرآباد (2) مير اعظم تالپر ولد ميرمحمد حسن تالپر معرفت قانوني وارث (a)مير ناظر تالپر ولد مير اعظم تالپر (i) Missing Since 09-09-2021 مير فراز تالپر ولد مير ناظر تالپر (ii)ڪشمالا تالپر ڌي مير ناظر تالپر (3)مير معظم تالپر ولد مير محمد حسن تالپر (4) مسمات قمر ڌي مير محمد حسن تالپر زال مير لطف علي تالپر معرفت قانوني وارث (a)مير اسلم تالپر ولدمير محمد حسن تالپر (b)مير معظم تالپر ولد مير محمد حسن تالپر (c) مسمات شمع ڌي مير محمد حسن تالپر (5) مسمات شمع ڌي مير محمد حسن تالپر (6) مسمات خانزادي ڌيءَ مير غلام علي تالپر غيرشادي شده معرفت قانوني وارث (a)مير مريد علي ولد مير غلام علي (b) مير محمد حسن ولد مير غلام علي (c) مير امداد علي ولد مير غلام علي (d)مسمات Bhirai ڌي مير غلام علي سڀ مسلم بالغ رهندڙ بنگلو نمبر 52 سروي نمبر 203 سول لائن ڪينٽونمينٽ حيدرآباد (7) مير محمد حسن تالپر ولد مير مير غلام علي تالپر معرفت قانوني وارث (a)مير اسلم تالپر ولد ميرمحمد حسن تالپر (b)مير اعظم تالپر ولد ميرمحمد حسن تالپر (c)مير اڪرم تالپر ولد ميرمحمد حسن تالپر (d)مير معظم تالپر ولد ميرمحمد حسن تالپر (e)مسمات قمر ڌي ميرمحمد حسن تالپر (f)مسمات شمع ڌي مير محمد حسن تالپر (g)مسمات قاڦو بيواهه مير محمد حسن تالپر(8)مير مريد علي ولد مير غلام علي، وفات ڪري ويو آهي، سنڌس قانوني وارثن معرفت(a)مسمات نور جهان ڌيءَ مير مريد علي، وفات ڪري وئي آهي، سنڌس قانوني وارثن معرفت (i)مير نذير علي (مڙس) (ii)مسمات صبا (ڌيءُ) (iii)سجاد (پٽ) (iv)شهاب (پٽ) (v)مسمات سائره (ڌيءُ) (b)مير عباس ولد مير مريد، وفات ڪري ويو آهي، سنڌس قانوني وارثن معرفت (i)مسمات شبانه (بيواهه) (ii)مسمات اقصيٰ (ڌيءُ) (iii)مسمات فروا (ڌيءُ) (iv) مسمات فيا (ڌيءُ) (v)مير بهادر (پٽ) (vi)مير مصطفيٰ (پٽ)(c)مير احمد علي ولد مير مريد علي، وفات ڪري ويو آهي، سنڌس قانوني وارثن معرفت (i) مسمات نسرين (بيواهه) (ii) شهزاد (بيواهه) (iii) مهرين (ڌي) (iv) مسمات آفتاب (ڌي) (v)مسمات ترفا (ڌي) (vi) ذوالفقار (پٽ) (vii) فتح محمد (پٽ) (viii) مسمات Zarafshan (ڌي) (ix) مسمات Arjumand (ڌي) سڀئي مسلمان، بالغ، رهواسي بنگلو نمبر 52، سروي نمبر 203، سول لائينز ڪينٽونمينٽ، حيدرآباد (d)مسمات شهناز ڌيءَ مير مريد علي، وفات ڪري وئي آهي، سنڌس قانوني وارثن معرفت (i)مسمات عائشه (ڌيءُ)، رهواسي بنگلو نمبر B/48، علي نگر، جيجل ماءُ اسپتال جي پرسان، قاسم آباد، حيدرآباد (ii) مسمات اجلا (ڌيءُ)، رهواسي بنگلو نمبر 105، فيز-1، قاسم آباد، حيدرآباد (iii)مسمات منا (ڌيءُ)، زال محمد عادل تالپر، وفات ڪري وئي آهي، سنڌس قانوني وارثن معرفت (a) مير عادل تالپر (مڙس) (b) يوسرا تالپر (ڌيءُ) (iv) مير محمود (پٽ) (v) مير ظفر (پٽ) (vi)مير رضوان (پٽ) سڀئي مسلمان، بالغ، رهواسي بنگلو نمبر 56، فيز-1، قاسم آباد، حيدرآباد (e)مير محمد علي ولد مير مريد علي، مسلمان، بالغ، رهواسي بنگلو نمبر 18، علي نگر، جيجل ماءُ اسپتال جي پرسان، قاسم آباد، حيدرآباد (f) مسمات حسنا ڌيءَ مير مريد، وفات ڪري وئي آهي، سنڌس قانوني وارثن معرفت (i) مير منور (مڙس) (ii) مسمات ماهين (ڌيءُ) (iii)مسمات منتها (ڌي) (iv) مرتضيٰ (پٽ) (v)مرتضيٰ پٽ (g)مير اعجاز علي ولد مير مريد علي (9) مير امداد علي ولد مير غلام علي تالپر معرفت قانوني وارث (a)مير غلام علي تالپر ولد مير امداد علي (c)مير ياسر ولد مير امداد علي (d) مسمات نسيم ڌيءَ مير امداد علي (e)مسمات ياسمين ڌي مير امداد علي (f)مسمات پروين بيواهه مير امداد علي معرفت قانوني وارث (i)مير شهزاد (پٽ) (ii)مير ياسر (پٽ) (10) مسمات Bhirai ڌيءَ مير غلام علي زال علي مراد تالپر معرفت قانوني وارث(a)مير لطف علي تالپر ولد مير علي مراد تالپر معرفت قانوني وارث (i) مسمات قمر (زال) (ii)مسمات صنم تالپر (زال) (iii)مرتضيٰ تالپر (پٽ) (b) ميرعنايت تالپر ولد علي مراد تالپر (c)مير محبوب تالپر ولد علي مراد تالپر (d) مسمات رخسانه تالپر ڌيءَ علي مراد تالپر معرفت قانوني وارث (i)مير لطف علي تالپر (پاڻ) (ii)مير عنايت تالپر (پاڻ) (iii)مير محبوب تالپر (پاڻ) (iv)مسمات روشن آرا (ڀيڻ) سڀ مسلم بالغ رهندڙ بنگلو نمبر 52 سول لائن ڪينٽونمينٽ حيدرآباد (v)مسمات صفيه (ڀيڻ) مسلم بالغ بنگلو نمبر B/105 فيز 1 قاسم آباد حيدرآباد (e)مسمات جئيخ تالپر ڌيءَ علي مراد تالپر وفات ڪري وئي آهي غيرشادي شده معرفت قانوني وارث (i)مير لطف علي تالپر (پاڻ) (ii)مير عنايت تالپر (پاڻ) (iii)مير محبوب تالپر (پاڻ) (iv)مسمات رخسانه تالپر (ڀيڻ) سڀ مسلم بالغ رهندڙ بنگلو نمبر 51 سول لائن ڪينٽ حيدرآباد (v)مسمات زيب النساء (ڀيڻ) رهندڙ گهر نمبر B-55 ٽِلس گيس هائوسنگ سوسائٽي قاسم آباد حيدرآباد (vi)مسمات روشن آرا (ڀيڻ) (vii) مسمات صفيه (ڀيڻ) (f)مسمات زيب النساء ڌيءَ علي مراد تالپر زال اسلم تالپر معرفت قانوني وارث (i)مير اسلم تالپر (مڙس) (ii)مسمات حنا تالپر (ڌي) (iii)مير ذوالفقار علي تالپر (پٽ) (iv)مسمات ندا تالپر (ڌي) (g) مسمات روشن آرا ڌي علي مراد تالپر زال مير اعظم تالپر معرفت قانوني وارث (i)مير ناظر تالپر (پٽ)گر آهي 09-09-2021 کان معرفت وارثن جي (a)مير فراز تالپر ولد مير ناظر تالپر (b)مسمات ڪشمالا تالپرڌي مير ناظر تالپر (ii)مسمات صفيه ڌيءَ علي مراد تالپر (11) مسمات سلميٰ تالپر زال مير غلام علي تالپر (12) محمد شهزين ولد مير غلام علي تالپر (13) مير علي تالپر ولد مير غلام علي تالپر (14) صدرا تالپر ڌي مير غلام علي تالپر زال رفيع اسلام معرفت اٽارني پاڻ نالي محمد شهزين (15) سنيتا تالپر ڌي مير غلام علي تالپر معرفت اٽارني پاڻ نالي محمد شهزين.. ريسپونڊنٽس
مٿين ريسپونڊنٽس نمبر 1 کان 15 ڏانهن:
جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ سول اپيل زير قلم 96 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي آرڊر خلاف ڪورٽ تاريخ 01-08-2026 تي پاس ڪيو لرنڊ پنجون سينئر سول جج حيدرآباد ايف سي سوٽ 1028 سال 2026 (ٻيهر مير اسلم تالپر خلاف مير اڪرم تالپر ۽ ٻيا) ۾ تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 16-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج IV ٽنڊوالهيار
گارڊين سوٽ نمبر 19 سال 2026
فهد امين بجائي ولد نور العمين بجائي رهندڙ پاتولي پاڙو تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار..اپيليڪينٽ..بخلاف.. (1) وحيدا فهد بجائي زال فهد امين بجائي حال رهندڙ پاتولي پاڙو تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ..ريسپونڊنٽس (1) بابا عيان احمد بجائي عمر 17 سال (2) بابا ذاويار فهد بجائي عمر 14 سال (3) بابا حسن فهد بجائي عمر 09 سال حال رهندڙ پاتولي پاڙو تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار.. مائنر
مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7,10,29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 08-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج IV ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 410 سال 2026
قرت العين ڌيءَ ڏني بخش ڏاهري رهندڙ مزمل ٽائون نوابشاهه ..پلينٽف..بخلاف.. بابر علي ولد علي محمد شاهاڻي رهندڙ گلستان جوهر بلاڪ 10 اپيائين پلازا بلاڪ بي اپارٽمينٽ 801 ڪراچي ..ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 08-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ سيڪنڊ سينئر سول جج شهيد بينظير آباد
ايف سي سوٽ نمبر 72 سال 2026
مسمات گلشن زال محمد رجب شاهاڻي ڌيءَ غلام رسول شاهاڻي معرفت اٽارني محمد رجب ولد محمد شاهاڻي رهندڙ رئيس يار محمد اسٽريٽ مزدور آباد دادو..پلينٽف..بخلاف.. (1) سيڪريٽري روينيو ڪراچي (2) ڊي سي شهيد بينظير آباد (3) اي سي نوابشاهه (4) مختيارڪار روينيو نوابشاهه (5) سب رجسٽرار تعلقو نوابشاهه (6) ايس ايڇ او اي ايس بي سيڪشن نوابشاهه (7) ذيشان علي ولد مرحوم غلام رسول (8) ارسلان ولد مرحوم غلام رسول (9) فيضان علي ولد مرحوم غلام رسول (10) اذان علي ولد مرحوم غلام رسول سيريل 7 کان 10 ذات شاهاڻي رهندڙ هائوسنگ سوسائٽي دادو تعلقو ضلعو دادو ..ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليريشن اينڊ پرمننٽ انجڪشن آرڊر VII رول 1 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 09-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سيڪنڊ سينئر سول جج شهيد بينظير آباد

گمشده ڪاغذات بابت اطلاع
جيئن ته منهنجي پلاٽ نمبر-10/2، بلاڪ (1) ايراضي 120 گز قادر اوينيو بلڊرز جو فائل ڪٿي گر ٿي ويا آهن. جنهن کي به هٿ اچن ته هيٺ ڏنل پتي تي پهچائي
زاهد خان ولد عبدالحميد پتو: راڄپر ٽپال گهر چتر پلين لاچي منگ، تحصيل بف پڪل ضلع مانسهره

ڪورٽ نوٽيس
سول/فيملي جج اينڊ جي اير II ڪوٽ غلام محمد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026
شريمتي جيواني ڌيءُ حوملو ..پلينٽف..بخلاف.. لاڌيو ولد شنڪر هندو بالغ ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ فاروق جهنجي اولڊ ميرپورخاص تعلقو حسين بخش مري ضلعو ميرپورخاص ..ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 17-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/فيملي جج اينڊ جي اير II ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس
سول/فيملي جج اينڊ جي اير II ڪوٽ غلام محمد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026
مسمات راحيله زال وسيم ڌيءَ محمد خان ذات لغاري رهندڙ ڳوٺ هري رام تعلقو شجاع آباد ضلعو ميرپورخاص ..پلينٽف..بخلاف.. وسيم ولد رجب ذات لغاري رهندڙ پي او جوهي ضلعودادو ..ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 16-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/فيملي جج اينڊ جي اير II ڪوٽ غلام محمد

عام اطلاع
جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي قيصرخان ولد عبدالستار درخواست ڏني آهي ته سنڌس خود جي کاتي زمين زرعي بلاڪ نمبر / سروي نمبر 1.2/28/4/3.19/18 29/2 ڪل ايراضي 00-24 ايڪڙ ديهه مخدوم پور تعلقو شهيد فاضل راهو ۾ کاتي تي آهي جنهن جو رڪارڊ 27-12-2007 تي محترم بينظير ڀٽو جي شهادت جي واقعي ۾ مذڪوره ديهه جو رڪارڊ پڻ سڙي ويو آهي جيڪو ٻيهر بحال ڪري ڏنو وڃي اهي سلسلي ۾ جناب سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو سنڌ حيدرآباد جن جي نوٽيفڪيشن نمبر 08/Misc/2008/Rev-1 2014/12 تاريخ 2014-01-21 موجب حڪم ڪرڻ فرمايو آهي ته ٺوس ثبوتن جي بنياد تي ٻيهر رڪارڊ جي تصديق ڪئي وڃي حڪم موجب سرزمين تي جلسه عام ڪرڻ ڪانپوءِ متيان وارث/ حقدار/ ڪاتيدار ظاهر ٿيا آهن هن اشتهار ذريعي سڀني دلچسپي رکندڙن کي آگاهه ٿو ڪجي ته ڪنهن کي ڪو به اعتراض هجي ته ستن ڏينهن اندر جناب اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جن جي آفيس ۾ پيش ڪن ٻي صورت ۾ جاڳايل ڪاتيدارن جي نالي کاتو بحال ڪيو ويندو ۽ ڪنهن به قرجو ڪو به اعتراض ٻڌو نه ويندو
مختيارڪار روينيو تعلقو شهيد فاضل راهو ضلعو بدين

عام اطلاع
هر عام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون نالي شارق ممتاز هڪ عدد فليٽ نمبر C95 واقع صغير سينٽر بلاڪ 16 فيڊرل بي ايريا ڪراچي ايراضي 77 اسڪوائر يارڊ جو سودو تاريخ 30-08-2026 تي اُن جي حقيقي مالڪ نالي ممتاز احمد ولد نورمحمد سان ڪيو آهي ان بابت اگر ڪنهن به شخص / پارٽي / اداري کي مذڪوره فليٽ جي خريد فروخت تي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ستن ڏينهن اندر رابطو ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو
شارق ممتاز

بقايا 1 روزاني عبرت

سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ثمر حيدر جتوئي باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي 125 هين سالگرهه واري تقريب اسان کي نوان حوصلا ڏنا آهن. هن چيو ته ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي سنڌ ۾ قومي ۽ طبقاتي سياست ڪئي، اسين ان سياست کي اڳتي وٺي ويندا سين، هن چيو ته اسان سنڌ ۽ ان جا وسيلا بچائڻ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. هن چيو ته سنڌ وطن آهي ان جي حيثيت ماءُ واري آهي اسين ان جي حفاظت ڪنداسين. هن ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي نعري جيئي سنڌ جام محبت پيئي سنڌ تحريڪ جو اعلان ڪيو. سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي خطاب ڪندي چيو ته ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي هيٺئين طبقي جو اڳواڻ هو. اسان کي ڌرتي جي پٽ هجڻ تي فخر آهي، ڪيڏي نه وڏي ڳالهه آهي جو اُن دور جي سياسي اڳواڻن کيس باباءِ سنڌ جو لقب ڏنو هن چيو ته جاگيردارن جي سياست حاڪمن جي تابعدار سياست آهي، جنهن کي اسان نٿا مڃون هن چيو ته اسين جاگيردارن ۽ وڏيرن جي اقتداري سوشل ڪلب جو حصو ناهيون، اسان مظلومن ۽ پيڙهيل طبقي جي پاسي ٿي بيٺل آهيون. هن چيو ته ضياءالحق جي آمريت وارن ڏينهن جيان هن وقت سنڌ جي وجود کي سخت خطرو آهي. هن چيو ته اسين سنڌ جي سرزمين جي انچ انچ جي حفاظت ڪرڻ لاءِ جدوجهد جي ميدان تي بيٺل آهيون، سنڌ ورهائڻ نه ڏينداسين. هن سمورين ڌرين کي 11 آڪٽوبر تي حيدرآباد ۾ ٿيندڙ قومي ميڙ ۾ شرڪت جي دعوت ڏني. جي ڊي اي جي مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر صفدر عباسي چيو ته ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي هارين ۽ سنڌ ڌرتي لاءِ تاريخي جدوجهد ڪئي. هن چيو ته هن وقت سنڌ جي ورهاڱي جون ڳالهيون پيون هلن، اسين هر سياسي محاذ تي عملي طور ان سازش خلاف احتجاج ڪنداسين. هن چيو ته سنڌ جي وسيلن ۽ پاڻي جي هي تمام وڏي جدوجهد آهي، اسان کي هن جدوجهد کي ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي ماضي جي جدوجهد سان جوڙي اڳتي وڌڻو پوندو. سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سينئر نائب صدر روشن برڙو چيو ته ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي عظيم اڳواڻ هو اسان کي ان جي رستي تي هلڻ گهرجي، هن چيو ته سنڌ جڻ ڪالوني هجي، جتي طاقت جي زور تي سنڌ مخالف وفاق زوري فيصلا مڙهي رهيو آهي. اسان کي لڪير ڪڍي اڳيان وڌڻو پوندو. عوامي تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر راحيل پٿو هن چيو سنڌ جي ورهاڱي پٺيان اصل مقصد سنڌ جي وسيلن تي قبضو ڪرڻ آهي ۽ اسين سنڌ جي وسيلن تي قبضو ٿيڻ نه ڏينداسين. عوامي ورڪرز پارٽي (مارڪسسٽ) جي سيڪريٽري جنرل ڪامريڊ بخشل ٿلهو چيو ته هن وقت سنڌ جي وحدت تي وار ڪرڻ جي سازش رٿيل آهي. پاڻي تي ڌاڙو پيو لڳي، هن وقت قومي ۽ طبقاتي جبر بدترين شڪل اختيار ڪري چڪو آهي. هن چيو ته سنڌ پنهنجا محسن ناهي وساريندي، حيدر بخش جتوئي سنڌ کي سدائين ياد رهندو جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زنئور چيو ته حيدربخش جتوئي جي دور جيان هن وقت سنڌ شديد قومي طبقاتي جبر جو شڪار آهي، اسان کي هڪ دفعو ٻيهر قومي ۽ طبقاتي سوال کي کڻي جدوجهد ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته سنڌ جي ورهاڱي پٺيان اقتدار تي قابض اصل ڌريون بيٺل آهن، آئين سميت ڪنهن به شڪل ۾ سنڌ وطن تي وار ٿيو ته اسان ان کي قبول نه ڪنداسين. شهيد نظير عباسي جي وڌي ناماياري ليکڪا حميده گهانگهرو چيو ته ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ رهي ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جيئي سنڌ جو نعرو هنيو اسان ٺنڍڻ کان هاري ڪميٽيءَ جو جهنڊو کڻي فڪري طور اڳتي وڌيا آهيون. هن چيو ته سنڌ ۾ نفرت ڦهلائيندڙن جو تالو وٺڻ پسند نه ڪنديس، سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي. قومي عوامي تحريڪ جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري الطاف خاصخيلي چيو ته قدرتي وسيلن هوندي سنڌ غلام آهي. هن چيو ته حڪمرانن جي پاليسين ڪري ملڪ تباهي طرف وڃي رهيو آهي سنڌ کي بچائڻ لاءِ سڀ گڏ آهيون، سنڌ هڪ آهي سنڌ هڪ رهندي. پورهيت مزاحمت تحريڪ جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل ڪامريڊ نثار لغاريءَ چيو ته ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي قومي ۽ طبقاتي جدوجهد جي سڃاڻپ آهي. هن چيو ته اسان سنڌ جي ماڻهن ۾ ئي اها خاصيت آهي ته اسين سنڌ ۾ مختلف خيالن جا ماڻهو گڏجي سگهون ٿا. اديب ۽ ليکڪ انعام شيخ چيو ته ون يونٽ ٽٽو هو ته لاڙڪاڻي ۾ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جو استقبال ڏٺوسين اڳ اسان ڪڏهن اهڙو اجتماع نه ڏٺو هن طاقت ۽ اقتدار جي پاسي کي ڇڏي جيلن ۾ وڃڻ جي چونڊ ڪئي. حيدربخش جتوئي جي جيئي سنڌ واري نعري کانسواءِ سنڌ جي قومي ۽ طبقاتي جدوجهد اڌ پوري ٿي وڃي ٿي. ڪامريڊ سارنگ جام چيو ته ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي سنڌ ۾ قومي ۽ طبقاتي سياست منظر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو اسين ان جدوجهد جو تسلسل آهيون. اردو دانشور آفتاب خانزادو چيو ته طبقاتي جبر ڪري زمين کي زندگي ڏيندڙ هاري جو هٿ اڄ به خالي آهي ۽ هو ماني گهپي لاءِ پريشان آهن ڪانفرنس کي سنڌ صوفي فورم جي اڳواڻ بدر چنا، سنڌ ساگر پارٽي جي اڳواڻ عبدالمومن، سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي اڳواڻ احمد نواز انقلابي، محسن جويو جميلا صالح بلو جمعيت علماءِ اسلام جي اڳواڻ عابد لاکو وطن دوست مزدور فيڊريشن جي اڳواڻ گلشير ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

بقايا 2 روزاني عبرت

ڪيس ۾ جيل مان آزاد ٿي گهر واپس آيو هو جڏهن ته ان کان اڳ به هن مبينا طور هڪ ڀيرو خودڪشي جي ڪوشش ڪئي هئي. واقعي بعد ڳهرياتين ۾ ڏک ۽ ڪهرام ڇانئجي ويو. فوتي نوجوان هڪ پٽ جو پيءُ پڻ هو واقعي جا وڌيڪ سبب معلوم نه ٿي سگهيا آهن، جڏهن ته معاملي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 3 روزاني عبرت

پنهنجي مدد پاڻ تحت ڳولا شروع ڪري ڇڏي. واقعي کي تقريباً هڪ ڪلاڪ گذرڻ باوجود آخري اطلاع تائين ٽينگر جو ڪو ڏس پتو نه پئجي سگهيو هو. واقعي جي اطلاع ملندي ئي اسسٽنٽ ڪمشنر گولاڙچي عاطف شفيق وارثن سان رابطو ڪيو ۽ واقعي واري هنڌ ڏانهن روانو ٿي ويو. انتظاميه پاران ٽينگر جي ڳولا ۽ بچاءَ لاءِ ضروري قدم کڻڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. هوڏانهن آءِ او واءِ سفير امان الله ميمڻ پڻ گولاڙچي ۽ پرياسي ۾ بار بار پيش ايندڙ ٻڏڻ جي واقعن کي نظر ۾ رکندي اسسٽنٽ ڪمشنر گولاڙچي معرفت ڊپٽي ڪمشنر بدين کي گولاڙچي ۾ مستقل ريسڪيو سينٽر قائم ڪرڻ لاءِ لکت ۾ درخواست ڏني آهي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته گولاڙچي ۽ پرياسي ۾ واهن ۽ شاخن ۾ ٻڏڻ جا واقعا بار بار پيش اچن ٿا، پر هنگامي صورتحال دوران مقامي سطح تي تربيت يافته ٽوبن، ٻيڙي ۽ ريسڪيو عملي جي مستقل سهولت موجود نه هجڻ سبب متاثر خاندانن کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ به ساڳي ڳوٺي شاخ ۾ هڪ ٽينگر ٻڏي فوت ٿي ويو هو. جنهن جو لاش تقريباً 30 ڪلاڪن بعد هٿ آيو هو. موجوده واقعي کانپوءِ هڪ ڀيرو ٻيهر علائقي واسين ۾ سخت ڳڻتي پکڙجي وئي آهي. ڳوٺاڻن ۽ وارثن انتظاميه کان مطالبو ڪيو آهي ته ٽينگر جي ڳولا لاءِ تربيت يافته ٽوبا، ٻيڙي ۽ ريسڪيو ٽيم فوري طور واقعي واري هنڌ تي پهچائي وڃي ۽ سرچ آپريشن کي تيز ڪيو وڃي. علائقي واسين وڌيڪ مطالبو ڪيو ته مستقبل ۾ اهڙن افسوسناڪ واقعن دوران قيمتي وقت ضايع ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ گولاڙچي ۾ مستقل ريسڪيو سينٽر قائم ڪيو وڃي، جتي هر وقت تربيت يافته عملي، ٻيڙي ۽ ضروري ريسڪيو سامان موجود هجي. آخري اطلاع تائين جيتمال ولد ڦوٽو ڀيل جي ڳولا جو عمل جاري هو جڏهن ته سنڌس وارث سخت پريشاني ۽ بيچيني ۾ مبتلا هئا.

بقايا 4 روزاني عبرت

اطلاع مليو واقعي کانپوءِ علائقي ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي، مڙهه کي دولتپور ماڻيٽ ڪفائي ويا.

بقايا 5 روزاني عبرت

ضلعي اطلاعات آفيس بدين حڪومت سنڌ، ضلعي انتظاميه ۽ مختلف سرڪاري ادارن جي عوام دوست منصوبن، ترقياتي ڪمن، فلاحي پروگرامن، صحت، تعليم، زراعت، پوليس ماحوليات، ڊجيٽل گورننس ۽ ٻين عوامي ڀلائي وارن قدمن کي پرنٽ، اليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا ذريعي مؤثر نموني اجاگر ڪري رهي آهي برينفنگ دوران اهو پڻ ٻڌايو ويو ته ضلعي اطلاعات آفيس بدين سرڪاري ميڊيا ڪوريج ۾ انتهائي اهم ۽ فعال ڪردار ادا ڪري رهي آهي. آفيس ضلعي سطح تي ٿيندڙ اهم سرڪاري گڏجاڻين، تقريبن، عوامي ڀلائي جي مهمن، هنگامي صورتحال بابت آگاهي مهمن ۽ حڪومتي پاليسين کي بروقت ميڊيا تائين پهچائي عوام کي مستند ۽ صحيح معلومات فراهم ڪري ٿي. ان سان گڏوگڏ سوشل ميڊيا پليٽ فارمن تي ضلعي انتظاميه ۽ حڪومت سنڌ جي ڪارڪردگي کي نمايان ڪرڻ لاءِ جديد مواصلاتي ذريعن جو ڀرپور استعمال ڪيو پيو وڃي، جنهن سان عوام ۽ سرڪاري ادارن وچ ۾ رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويو آهي، بعد ۾ هن ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي ٻين برانچن جو پڻ تفصيلي دورو ڪيو ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي، اسسٽنٽ ڪمشنر بدين راجيش دلپت ۽ پي ايس علي نواز قائم خاني ساڻس گڏ هئا.

بقايا 6 روزاني عبرت

وڌي جسقم ضلعي نوشهروفيروز جي صدر امتياز آزاد ڪوسو پنهنجي ساٿين سرائي اصغر ڪورائي، مٺل مگسي، محسن اعوان ۽ عمران مگسي سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته رضا محمد عرف اڃي مستوئي کي ڪجهه ڏينهن اڳ فائرنگ ڪري قتل ڪيو ويو پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته هن وقت تائين مقتول جي وارثن کي انصاف نه ملي سگهيو آهي هنن چيو ته رضا محمد جي قتل سبب سنڌس خاندان سخت ڏک ۽ اذيت واري صورتحال مان گذري رهيو آهي جڏهن ته سنڌس معصوم ٻار پنهنجي پيءُ کان محروم ٿي ويا آهن امتياز آزاد ڪوسو وزير داخلا سنڌ، آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي شهيد بينظير آباد، ايس ايس پي نوشهروفيروز، ڊي ايس پي مورو ۽ ايس ايچ او ٿوٽا جتوئي کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي قانون جي گرفت ۾ آڻي سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ته ته ٻي صورت ۾ سموري سنڌ ۾ احتجاج ڪيا ويندا.

بقايا 7 روزاني عبرت

سنڌس جو گهر خالي پيو آهي،اسان شريف ماڻهون آهيون اسان جو اعظم سان واسطو نه ناهي ن اڳ ۾ واسطو هيو پوليس چائي اعظم جائي اسان کي هرويرو پوليس تنگ پئي ڪري. هنن وڌيڪ چيو ت اعظم وٽو جي آڙ ۾ خانواهڻ هالاڻي ۽ ڪوٽڙي محمد ڪبير جي پوليس ڪيترائي دفعا ڳوٺ ۾ ريڊ ب ڪري چڪي آهي، پوليس پردي جو تقدس پائمال ڪندي بنا اجازت جي گهرن ۾ گهڙي پوي ٿي ، پوليس اسان شريف ماڻهن جي عزت مجروع ڪري ٿي ڇڏي، هنن چيو ت اعظم وٽو جائي پوليس چائي پوليس هن کي وڃي گرفتار ڪري اسان کي تنگ ن ڪري، محمد امين چيو ت مان ڪير ڪيائي گذر سفر ڪندو آهيان. خانواهڻ پوليس مخالفن جي چوڻ تي منهنجي مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪري وردي جو ناجائز فائدو ورتو آهي، هنن ڊي آءِ جي نوابشاهه ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز کي اپيل ڪئي ت امين وٽو مٿان داخل ڪوڙو ڪيس ختم ڪري اسان کي هميشه جي لاءِ

بقايا 8 روزاني عبرت

ڊي ايچ ڪيو اسپتال ڪوٽڙيءَ منتقل ڪري ڇڏيو جتان هڪ زخمي عاشق چانڊيو کي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب ڪيس سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ڌرين ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال آهي.

بقايا 9 روزاني عبرت

ننگرپارڪر (ن ع) ننگرپارڪر جي ڳوٺ ڳوندي ڇچر پاڙي جي ڳوٺاڻن شاگردن سميت گذريل ٽن سالن کان سنڌن ڳوٺ جو پرائمري اسڪول بند هجڻ خلاف پريس ڪلب ننگرپارڪر آڏو احتجاج ڪرڻ بعد ننگرپارڪر مٺي مين روڊ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو ڳوٺاڻن محمد حسن، واليڏنو محمد اسحاق، جمال الدين، مختيار اعجاز احمد ڇچر ۽ ٻين ڳوٺاڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي ڳوٺ جو پرائمري اسڪول گذريل ٽن سالن کان بند پيل آهي هنن چيو ته اسان جو اسڪول 1970 کان هلندڙ هو هن وقت به اسڪول ۾ 80 کان وڌيڪ ٻار داخل آهن. گذريل ٽن سالن کان اسان جي اسڪول کي ڊي ايڪٽو ڊيڪلير ڪري بند ڪري ڇڏيو ويو آهي، ڳوٺاڻن چيو ته اسان ڪراچي تائين پاڙا پري وزير تعليم سردار شاه سان ملي کيس بند اسڪول بابت ٻڌايو هو آسرو ڏنو پر اجان تائين اسڪول کلي ناهي سگهيو ڳوٺاڻن چيو ته اسان جي ٻارن جو مستقبل تباهه ٿي رهيو آهي پر تعليم کاتي ضلعي ٿرپارڪر جا آفيسر ٽوڙي چونڊيل نمائندا خاموش آهن اسان ٽن سالن کان احتجاج ڪري رهيا آهيون اڄ به اسان پنهنجا معصوم ٻچا وٺي هزارين روپيا ڀاڙا ڀري ننگرپارڪر پهتا آهيون پر ڪير به دانهن ٻڌڻ وارو ڪونهي. ڳوٺاڻن شاگرد سميت اپ ڊاريندڙ نعرا هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو روڊ بلاڪ ٿيڻ سبب ننگرپارڪر کان مٺي ٽريفڪ معطل ٿي وئي. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ارم ڪريم تاريجو ۽ ايس ايچ او سبحان ميمڻ ڌرڻي واري هنڌ پهچي ڳوٺاڻن سان ڳالهيون ڪيون. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ڳوٺاڻن کي يقين ڏياريو ته ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر ۽ تعليم کاتي جي اعليٰ آفيسرن سان ڳالهائي جلد اسڪول کولرائي ويندي، جنهن بعد ڳوٺاڻن ڌرڻو ختم ڪري ڇڏيو.

بقايا 10 روزاني عبرت

ڪافي وقت کان بيمار هو ۽ سنڌس دماغي توازن به درست نه هو پوليس وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا 11 روزاني عبرت

چوري ٿيل 2 موٽرسائيڪلون ۽ وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪئي وئي آهي. پوليس موجب ڊي ايس پي ڪنب، ايس ايچ او ٿاڻي بي سيڪشن، ڪنب، سوراهه، شهيد مرتضيٰ ميراڻي، سيناري ۽ شاهه لطيف پوليس مختلف ڪارروايون ڪندي اديب منگي، صادق جاموٽ امجد لنڊ، اسد ڏهر مهتاب، سجل، حنيف هيسباڻي، غلام حيدر شيخ، آفتاب جسڪاڻي، حيدر رضا ۽ سلامت شيخ کي گرفتار ڪيو.پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدارن جي قبضي مان 12 هزار 500 گرام ڀنگ، 600 گرام چرس، شراب جون 12 بوتلون ۽ نشي آور سوپاريون هٿ ڪيون ويون. جڏهن ته چوري ٿيل 2 موٽرسائيڪلون پڻ هٿ ڪري اصل مالڪن حوالي ڪيون ويون.گرفتار جوابدارن خلاف مختلف ٿاڻن تي منشيات ۽ گٽڪا ايڪٽ سميت لاڳاپيل قلمن تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن.ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي ڪارروائين ۾ حصو وٺندڙ پوليس پارٽين کي شاباش ڏيندي سنڌن ڪارڪردگي کي ساراهيو آهي.3

بقايا 12 روزاني عبرت

منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. بجلي بند هجڻ ڪري سارين جي فصل سان لاڳاپيل ڪارخانا پڻ بند پئجي ويا آهن، جنهن سبب مزدور طبقو روزگار کان محروم ٿي سخت پريشاني ۾ مبتلا آهي. شهر ۾ پاڻي جي کوٽ به شدت اختيار ڪري وئي آهي، جڏهن ته مسجدن ۾ پاڻي نه هجڻ سبب عبادتگارن کي به ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. مقامي رهواسين واپڊا جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته جلد از جلد چوري ٿيل سامان جي متبادل فراهم ڪري بجلي بحال ڪئي وڃي ذريعن موجب واپڊا اختيارين جو چوڻ آهي ته گهربل سامان جي کوٽ سبب جاتي جي بجلي جي بحالي ۾ وڌيڪ ٽي کان چار ڏينهن لڳي سگهن ٿا، جنهن ڪري علائقي واسين ۾ ڳڻتي جي لهر پکڙيل آهي.

بقايا 13 روزاني عبرت

ٺيائي مسمات اميران زال محمد اڪبر کي درگاهه پٽ شاهه جي مسافرخاني جي احاطي مان نامعلوم مرد ۽ عورت ورغلائي اغوا ڪري ويا آهن هنن ٻڌايو ته واقعي وقت اميران جي ماءُ زينب چانڊيو مائي وٺڻ لاءِ ٻاهر وئي هئي سنڌس غيرموجودگي دوران نامعلوم ماڻهو ڌيءُ اميران کي پاڻ سان وٺي فرار ٿي ويا. جڏهن ته ڪافي وقت گذري چڪو آهي پر هن وقت تائين سنڌن ڌيءُ مسمات اميران جو ڪو به ڏس پتو نه پئجي سگهيو آهي. متاثر زال مڙس اهو پڻ الزام لڳايو ته هنن پٽ شاهه پوليس سان به رابطو ڪيو پر پوليس ڳولا ۾ مدد ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي جڏهن ته درگاهه جي سي سي ٽي وي ڪيمرائن ۾ واضح طور اغوا ڪار مرد عورت جا فوٽيج موجود آهن جيڪي پوليس ظاهر ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ۔ هنن آءِ جي سنڌ ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي مٽياري کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي گم ٿيل سنڌن ڌيءُ اميران جي ڳولا لاءِ فوري قدم کنيا وڃن.

بقايا 14 روزاني عبرت

ڪئي. اڳواڻن چيو ته سنڌ حڪومت پاران زرعي توسيع کاتي حيدرآباد جي ڊائريڪٽر جنرل واري عهدي تي ريسرچ ڊپارٽمينٽ جي مظهرالدين ڪيريو کي اضافي چارج ڏئي مقرر ڪيو ويو آهي، جنهن تي کاتي جي آفيسرن ۽ ملازمن ۾ سخت ڳڻتي پکڙيل آهي هنن چيو ته کاتي جي سينيئر آفيسرن کي نظرانداز ڪري هڪ شعبي مان ٻي جي مقرر ڪرڻ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي فيصلي جي ڀڃڪڙي ۽ سينيئر آفيسرن جي حق تلفي آهي. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن ڊي جي جي مقرري منسوخ نه ڪئي وئي ته کاتي جا آفيسر ۽ ملازم ڪٽڪ سبسڊي سميت انتظامي معاملن جو بائيڪاٽ ڪري آفيسن کي تالا هڻڻ تي مجبور ٿيندا. مظاهرين سنڌ جي وڏي وزير ۽ صوبائي وزير زراعت کان مطالبو ڪيو ته موجوده ڊي جي جي مقرري فوري طور تي منسوخ ڪري کاتي جي ڪنهن سينيئر آفيسر کي ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪيو وڃي.

بقايا 15 روزاني عبرت

ورتو آهي پوليس موجب جوابدار نشي جي عادت سبب گدو حيدرآباد ۾ داخل هو جيڪو ڪجهه ڏينهن اڳ اتان آيو آهي پوليس وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي. خبر فائل ٿيڻ تائين واقعي جو ڪيس داخل ناهي ٿيو

بقايا 16 روزاني عبرت

ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ هو موقعي تي ئي فوت ٿي ويو.حادثي کانپوءِ ڪوچ جو ڊرائيور گاڏي سميت فرار ٿي ويو. فوت ٿيل شوڪت آرائين بابت ٻڌايو پيو وڃي ته هو چودري اشرف آرائين جو سوٽ هو.اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي جو لاش اسپتال منتقل ڪيو. جڏهن ته فرار ٿيل ڪوچ ڊرائيور جي ڳولا شروع ڪري واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 17 روزاني عبرت

محمد اويس ڦلپوٽو مقتول جي تڏي تي پهچي وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ مرحوم لاءِ مغفرت جي دعا گهري. ان موقعي تي مولانا محمد اويس ڦلپوٽو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته واقعي ۾ ملوث مک جوابدارن کي بنا دير گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ مقتول جي وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.ان دوران صحافين پاران داخل ٿيل ايف آءِ آر جي نوعيت بابت پڻ سوال ڪيو ويو، جنهن تي مولانا محمد اويس ڦلپوٽو پنهنجو موقف پيش ڪيو.واقعي، ايف آءِ آر ۽ جوابدارن جي گرفتاري بابت مولانا محمد اويس ڦلپوٽو جي تفصيلي ڳالهه ٻولهه وڊيو ۾ ٻڌي سگهجي ٿي. قاتلن کي جلد گرفتار ڪري شفاف جاچ ڪئي وڃي ۽ مقتول جي وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 18 روزاني عبرت

۽ اسرائيل خلاف زوردار نعريبازي ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي جماعت اسلامي سنڌ جي نائب امير پروفيسر سهيل احمد شارق چيو ته فلسطيني عوام اسرائيل جي غرور ۽ گهمنڊ کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيو آهي ۽ مزاحمت ۽ جدوجهد جي جذبي کي ٻيهر زنده ڪيو آهي. فلسطيني قوم جي ثابت قدمي اڄ پوري دنيا لاءِ مثال بڻيل آهي مظاهري ۾ ضلعي امير آصف ياسين، امير شهر راڻو جاويد علي، ضلعي جنرل سيڪريٽري عاشق حسين خانزاده، امير تعلقو ديدار حسين بهراڻي، نائب امير شهر عبدالوحيد ۽ صدر جي آءِ يوٿ ضلعو ٽنڊوالهيار صابر مغل سميت ذميوارن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته آخر ۾ مظاهرين فلسطيني عوام سان والهاڻه يڪجهتي جو اظهار ڪندي اسرائيل خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ فلسطينين جي آزادي تائين جدوجهد جاري رکڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو

بقايا 19 روزاني عبرت

شهرين پاران دڪان حاصل ڪرڻ لاءِ بوليون لڳايون ويون نيلامي دوران سڀ کان وڌيڪ بولي نظام شيخ پنهور پاران لڳائي وئي، جنهن 18 هزار 700 رپيا في اسڪوائر فوٽ جي بولي ڏئي سڀ کان اڳتي رهيو نيلامي واري عمل دوران دڪانن جي حاصل ڪرڻ لاءِ شرڪت ڪندڙن وچ ۾ مقابلو ڏسڻ ۾ آيو جڏهن ته انتظاميا پاران مقرر ڪيل طريقيڪار تحت بوليون ورتيون ويون نيلامي ۾ بلاول آرڪيڊ جي مجموعي طور 8 دڪانن کي نيلامي لاءِ پيش ڪيو ويو سرڪاري بولي7 هزار روپيا مقرر ڪئي وئي هئي ذريعن موجب نيلامي دوران نظام شيخ پنهور پاران في اسڪوائر فوٽ 18 هزار 700 رپين جي سڀ کان وڏي بولي لڳائڻ بعد سنڌس بولي نمايان رهي نيلامي جي عمل بابت ضلعي ڪائونسل انتظاميا پاران وڌيڪ تفصيل ۽ دڪانن جي حتمي الاٽمينٽ بابت ڪارروائي مڪمل ڪرڻ جا قدم کنيا پيا وڃن نيلامي دوران موجود واپارين ۽ شهرين جو چوڻ هو ته سرڪاري ملڪيتن جي نيلامي شفاف طريقي سان ڪرائي وڃي ۽ حاصل ٿيندڙ آمدني شهر جي بنيادي سهولتن ۽ ترقياتي ڪمن تي خرچ ڪئي وڃي.

بقايا 20 روزاني عبرت

جو تالو نه آهي پر پاڪستان ڇئني صوبن جي علامت هڪ وفاق آهي جنهن کي هلائڻ لاءِ سياسي بردباري ۽ مثبت سوچ ضروري آهي. نيشنل پريس ڪلب ٺٽو ۾ سينيئر صحافي رمضان ميمڻ سان سنڌس پيٽوي جي وفات تي عذر خواهي ڪرڻ کان پوءِ صحافين سان ڳالهائيندي اڳوڻي سينيٽر سسئي پليجو چيو ته وفاق ۾ سنڌ جي ڪابه نمائيندگي نه آهي وفاقي حڪومت صرف پنجاب جي نمائيندگي ڪرڻ تائين محدود بڻيل آهي جيڪا صورتحال ٻين صوبن لاءِ احساس محرومي جو سبب بڻجي رهي آهي وفاقي ڪابينا ۾ ويٺل اڪثريت صرف هڪ صوبي جي آهي تنهنڪري انهن جي سوچ به سنڌ مخالف آهي. هن چيو ته مريم نواز ملڪ جي ٽن صوبن بابت جيڪا ٻولي ڳالهائي آهي اُن جي سختيءَ سان مذمت ڪيان ٿي ٽنئي صوبا ڪيئن اسلام آباد تي چڙهايون ڪندا، نواز ليگ جي پاليسي واضح نه آهي سسئي پليجو چيو ته پنجاب کانسواءِ باقي ٽيئي ٽنئي صوبا ڪمائي ملڪ هلائيندڙ آهن 90 سيڪڙو کان به وڌيڪ معدنيات تيل ڪوئلو گئس سميت ٻيا وسيلا هنن صوبن مان نڪرندڙ آهن مريم نواز ۽ پنجاب کي ته سنڌ سميت ٽنهي صوبن جو شڪرگذار ٿيڻ گهرجي جو 70 فيصد ملڪ جي معدنيات سنڌ پوري ڪري ٿي پنجاب ملڪ کي ڏئو جا آهي پنجاب ۾ ڪي وڏيون يا عظيم جدوجهدون نه رهيون آهن هن چيو ته حڪمران طبقو هميشه ملڪ تي مسلط رهيو آهي پاڪستان صرف جي ٽي روڊ اسلام آباد ۽ لاهور نه آهي پر پاڪستان مڪلي به آهي صوابي به آهي پشاور به آهي مٺي به آهي ماتلي به آهي بلوچستان به آهي، تنهنڪري ٽنئي صوبن کي جيستائين سنڌن حق ڏيئي خوش نه رکيو ويندو تيستائين اها احساس محرومي واري صورتحال وڌندي رهندي، اسان سنڌ جا ماڻهو امن پسند آهيون نٿا چاهيون ته ملڪ ۾ افراتفري واري صورتحال هجي اڳڪري هاڻي وقت اچي ويو آهي ته فيصلا سازي واري ماحول ۾ سوچ کان ڪم وٺجي ۽ درست فيصلا ڪيا وڃن

بقايا 21 روزاني عبرت

ڪاليجيز نديم الرحمان ميمڻ ٽنڊوالهيار پهتو سيڪريٽري ڪاليجيز ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفيٰ لغاري سان گڏ گرلز ڊگري ڪاليج جو دورو ڪري تفصيل معلوم ڪيا جڏهن ته ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفيٰ لغاري سيڪريٽري کي ڊگري ڪاليج جو دورو ڪرائي سهولتن جي کوٽ استاد ۽ پٽيوالا نه هجڻ سميت سمورن مسئلن تي آگاهي ڏني ان موقعي تي سيڪريٽري ڪاليجيز نديم الرحمان ميمڻ گرلز ڊگري ڪاليج جو دورو ڪرڻ بعد ڪاليج جي انتظاميه کي جلد سهولتون مهيا ڪرڻ جي خاطري ڪرائيندي چيو ته ڊگري ڪاليج جي انتظاميه سان ملاقات ڪري درپيش مسئلن بابت آگاهي ورتي آهي جلد ڪاليج ۾ پاڻي سميت سمورين سهولتن ڏنيون وينديون ڪاليج جي بلڊنگ جو ڪم به اڌ ۾ رهيل آهي جنهن کي پڻ جلد مڪمل ڪيو ويندو

بقايا 22 روزاني عبرت

بيهاري ڌرڻو هڻي ويهي رهيا جنهن ڪري روڊ جي ٻنهي پاسن تي گاڏين جون وڏيون قطارون لڳي ويون ۽ روڊ بلاڪ ٿي ويو جنهن بعد سائيٽ پوليس جي وڏي اٿالي ايس ايچ او طارق چنا جي اڳواڻي ۾ پهچي روڊ کولرائڻ جي ڪوشش ڪئي ته پوليس ۽ ڊرائيورن ۾ ڏند چڪ ۽ ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي جنهن دوران ايس ايچ او طارق چنا موبي رڪارڊ ڪندڙ ڊرائيورن کان موبائل ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي هنن مچرجي سخت نعريبازي ڪئي بعد ۾ ٻن ڪلاڪن کان پوءِ ڳالهيون ڪري جوابدارن خلاف ڪارروائي جو يقين ڏيارڻ تي احتجاج ختم ڪيو ويو آهي

بقايا 23 روزاني عبرت

ڪرايل شڪايت تي رجسٽرڊ آرٽسٽڪ ڪاپي رائيٽ جي مبينا خلاف ورزي خلاف ڪارروائي ڪندي ٻن دڪاندارن کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو ايف آءِ اي ترجمان موجب ڪارروائي دوران ٽيم مبينا ڪاپي رائيٽ خلاف ورزي سان لاڳاپيل شيون قبضي ۾ وٺي ڇڏيون، جڏهن ته ڪارروائي ۾ ملوث دڪانن جي مالڪن محمد طيب ولد عثمان خان ۽ علي ولد ايوب عمر کي وڌيڪ قانوني جاچ ۽ تحقيقات لاءِ ايف آءِ اي ڪارپوريٽ ڪرائيم سرڪل ڪراچي منتقل ڪيو ويو. ترجمان موجب برآمد ڪيل شين کي قانوني طريقيڪار تحت تحويل ۾ ورتو ويو آهي، جڏهن ته ڪيس سان لاڳاپيل وڌيڪ ثبوتن جو جائزو ورتو پيو وڃي

بقايا 24 روزاني عبرت

تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن جي اڳواڻي امجد مري، عنايت مري ۽ مالڪ بخش مري ڪئي. احتجاج ڪندڙن هٿن ۾ پليڪارڊ کڻي شهزاد مري جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ نعريبازي ڪئي. ريلي ڪپرو واهه کان ٿيندي ميرپور خاص روڊ کان ٿيندي شهيد چوڪ ڪپرو پهتي، جتي مظاهرين پاران احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته شهزاد مري جي قتل ڪيس ۾ نامزد ٻن جوابدارن علي حسن مري ۽ يوسف مري جون ضمانتون رد ٿيڻ باوجود پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام آهي، جنهن سبب جوابدار آزاد گهمي رهيا آهن. هنن مطالبو ڪيو ته قتل ڪيس ۾ نامزد سمورن جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري شهزاد مري جي وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي. احتجاج ڪندڙن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. قتل ٿيل شهزاد واقعي جي جاچ بابت ڪاهي پوليس موجب باقاعده جي آئي ٽي ٽيم جوڙيل آهي جنهن جي ايس پي ڪپرو سانگهڙ سي آئي اي انچارج سانگهڙ ۽ ٻيا جاچ آفيسر مقرر آهن

بقايا 25 روزاني عبرت

گڏري. جنهن ۾ ڪاليج جي پرنسپال نثار راڄپر، اٿدس ميڊيڪل ۽ ماڊرن يونيورسٽي جي چانسلر ڊاڪٽر اقبال ميمڻ سابق پرنسپال عبدالرشيد سومري اسڪول جي سينئر ڪلرڪ عبدالرزاق سومري پروفيسرن استادن، شاگردن ۽ شاگردياڻين سميت معزز مهمانن شرڪت ڪئي.تقريب دوران شاگردن ۽ شاگردياڻين وچ ۾ تقريرن، نعتن ۽ نعتِ رسول مقبول ﷺ جا مقابلا ڪرايا ويا، جن ۾ شاگردن وڏي جوش ۽ جذبي سان حصو ورتو. شاگردن پاران خوبصورت نعتون ۽ تقريرون پيش ڪري محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.تقريب ۾ بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي انعام، شيلڊون ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. ان موقعي تي اٿرس ميڊيڪل يونيورسٽي ٽنڊو محمد خان جي چانسلر ڊاڪٽر محمد اقبال ميمڻ، گورنمينٽ ڪيمپس هاءِ اسڪول عبدالرحيم ڪاٽيار جي اڳوڻي هيڊ ماسٽر عبدالرشيد سومرو ۽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج جي پرنسپال نثار راڄپر شاگردن ۾ انعام ورهايا.ان موقعي تي ڊاڪٽر محمد اقبال ميمڻ پاران ذهين شاگردن لاءِ اٿرس ميڊيڪل ڪاليج طرفان ڏهه پرسنٽ اسڪالرشپ ڏيڻ جو پڻ اعلان ڪيو ويو.تقريب کي ڪامياب بڻائڻ ۾ ڪاليج جي نوجوان ۽ محنتي ڪلرڪ رزاق سومري جو مک ڪردار رهيو

بقايا 26 روزاني عبرت

محمد نواز شر جي رهواسي پورهيت علي نواز شر جي گهرواري ياسمينا شر ويم جي عمل دوران فوت ٿي وئي. فوتي عورت جي وارثن الزام لڳايو آهي ته اسپتال جي ليڊي هيلٿ ورڪر جي لاپرواهي ۽ بروقت طبي امداد نه ملڻ سبب سنڌن قيمتي جان ضايع ٿي. وارثن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن بروقت مريضا کي تعلقه اسپتال يا خيرپور ريفر ڪيو وڃي ها ته شايد جان بچي پوي ها. واقعي کان پوءِ وارثن ۽ علائقي واسين BHU اسپتال اندر سخت احتجاج ڪيو ۽ PPHI انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي. وارثن سنڌ جي وزير صحت، ڊپٽي ڪمشنر خيرپور ۽ PPHI جي ڊسٽرڪٽ مئنيجر کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جي شفاف انڪوائري ڪرائي، ذميوار عملي خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 27 روزاني عبرت

حقيقتون جاچ مڪمل ٿيڻ بعد سامهون اينديون.

بقايا 28 روزاني عبرت

بدين.جوابدارن خلاف مقتول جي ڀاءُ علي محمد 2001 ۾ ڪڍڻ ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ ڪانڊيرو ملاح ۾ نوجوان رمضان ملاح کي قتل ڪرڻ جي الزام هيٺ ڪيس داخل ڪيو هو.بدين ڪيس موجب جوابدار عيسا ملاح مقتول کي ڪارو ڪرڻ جي الزام ۾ فائرنگ ڪري قتل ڪرڻ بعد قتل ڪيو

بقايا 29 روزاني عبرت

نذير ولد هزارخان ڪوسو ۽ 24 ورهين جي مسمات نغمه ڌيءُ عنايت الله ڪوسو کي نامعلوم هٿيارٿند مبينا طور گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو ذريعن موجب مقتول جوڙو چار مهينا اڳ عدالت ۾ پسند جي شادي ڪرڻ بعد پير گلاب شاه واري علائقي ۾ رهائش پذير هو مقتول نذير ڪوسو جي پيءُ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان ڇوڪري جي پيءُ عنايت الله وٽ ڪيترائي ڀيرا ميڙ منٿ ڪري وياسين پر هن ڪوڙ مڃيو ۽ آخري ڪار عنايت الله ڪوسو ، هدايت الله ڪوسو ، افضل سميت ٽي نامعلوم ماڻهن حملو ڪري منهنجي پٽ ۽ سنڌس زال کي قتل ڪري فرار ٿي ويا. واقعي بابت پوليس کي اطلاع ڏيندڙ موجب هٿيارٿند فائرنگ ڪري ٻنهي کي قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا. واقعي جو اطلاع ملڻ تي ڪبو سعيد خان پوليس ٻنهي مقتولن جا لاش رورل هيلٿ سينٽر ڪبوسعيدخان کڻائي آيو جڏهن ته مقتولا جي پوسٽ مارٽم ٿي وئي پران جوڪري وارث نه پهچي جڏهن ته مقتول جي لاش جو پوسٽ مارٽم نٿي سگهي جڏهن ته پوليس طرفان واقعي جي جاچ ۽ جوابدارن جي سڃاڻپ لاءِ ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا 30 روزاني عبرت

پهتي جنهن کانپوءِ ٽنڊوالهيار ضلعي ۾ سنڌن خاندان جي 11 ڄڻن خلاف اغوا جو ڪيس داخل ڪرايو ويو جڏهن ته سنڌن پيءُ تي دٻاءُ وجهي سوشل ميڊيا تي ڪوڙا بيان ڏياريا پيا وڃن. عورتن موجب ڪيس بعد پوليس سنڌن پيڻويءَ جهانگير خاصخيلي کي گرفتار ڪيو آهي، جڏهن ته نامزد ماڻهو پورهيت آهن ۽ گرفتاري جي خوف کان ڳوٺ ڇڏڻ تي مجبور آهن. هنن ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ۽ ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سليم شاه کان شفاف جاچ ڪرائڻ ۽ مبينا بي بنياد ڪيس ختم ڪري انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو.

بقايا 31 روزاني عبرت

جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ۽ آبادگار اڳواڻ عبدالله چانڊيو محمد عمر شاهاڻي غلام محي الدين سومرو ۽ ٻين چيو آهي ته چانورن جي هاڻوڪي اگهن کي نظر ۾ رکندي سارين جو اگهه گهٽ ۾ گهٽ 3 هزار کان 3200 رپيا في مڻ مقرر ٿيڻ گهرجي پر ضلعي انتظاميا ۽ سارين جي ڪارخانن جي مالڪن جي ملي ڀڳت سبب آبادگارن کان سارين جي قيمت 2500 رپيا في مڻ ورتي پئي وڃي جيڪا آبادگارن سان وڏي ناانصافي آهي هنن چيو ته سارين ۾ آلاڻ جي شرح پڻ 22 سيڪڙو بدران 18 سيڪڙو مقرر ڪئي وئي آهي جنهن سبب آبادگارن کي وڌيڪ نقصان برداشت ڪرڻو پوي ٿو هنن وڌيڪ چيو ته سارين جي ڪارخانن جا مالڪ آبادگارن کان مزدورن جي ٿالهي تي 25 رپيا في مڻ الڳ وٺي رهيا آهن جيڪا مزدوري ڪارخاني مالڪ پاڻ ڏيندو آبادگار اڳواڻن موجب ڪارخانن جا مالڪ اهو موقف اختيار ڪن ٿا ته مزدورن جي اجرت ۽ ايف بي آر سان لاڳاپيل رقم هو پاڻ ادا ڪن ٿا جنهن لاءِ ايف بي آر اختيارين کي سخت نوٽيس وٺڻ گهرجي پر آبادگار اڳواڻن ان دعويٰ کي رد ڪندي چيو ته اهڙي رقم آبادگارن کان ئي ورتي پئي وڃي هنن چيو ته 8 آڪٽوبر تي يعني اڄ سارين جي اگهن بابت گڏجاڻي رکيل هئي پر آبادگارن کي ان بابت ڪا به ڄاڻ يا سڏ نه ڏنو ويو جنهن تي آبادگارن ۾ سخت ڳڻتي پکڙيل آهي عبدالله چانڊيو ۽ ٻين ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته اڳوڻي ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪارخانيدارن جي گڏجاڻي دوران جوڙيل ڪميٽي جي فيصلن تي فوري عمل ڪرائي سارين جو مناسب اگهه مقرر ڪيو وڃي. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن آبادگارن جا مطالبا نه مڃيا ويا ته ڊي سي آفيس بدين اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 32 روزاني عبرت

شروع ڪري ڏني پوليس اهلڪارن جي جوابي فائرنگ دوران هڪ جوابدار منصب علي ولد نصير احمد چانڊيو جيڪو پيرو مل جو رهواسي آهي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سنڌس قبضي مان هڪ پسٽل، ميگزين، هڪ استعمال ٿيل گولي هٿ ڪري زخمي جوابدار کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم مان طبي امداد ڏيڻ بعد سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو. پوليس موجب سنڌس 2 ساٿي عرفان جوڻيجو ۽ رياست مڱنهار اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا پوليس واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

بقايا 33 روزاني عبرت

مرضي سان ٿي هئي، پر شادي جي ڪجهه ٽائيم کان پوءِ مڙس ۽ ساهرن مٿس تشدد جو سلسلو شروع ڪري ڏنو ۽ مبينا طور کيس مختلف وقتن تي تشدد جو نشانو بڻائيندا رهيا مڙس ۽ سنڌن خاندان جي ظلمن کان تنگ اچي پنهنجي پاڻرن وٽ وڃي پناه ورتي پاڻرن وٽ رهڻ باوجود سنڌس مڙس موٽڪي ۽ پاڻرن کي موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي، جنهن ڪري کيس ۽ سنڌس خاندان کي جاني نقصان جو خدشو آهي هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان اپيل ڪئي ته سنڌس مڙس ۽ ٻين مبينا جوابدارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي، کيس ۽ سنڌس پاڻرن کي جاني ۽ مالي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ کيس انصاف ڏيارڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن

بقايا 34 روزاني عبرت

وٺي. ريلي جي اڳواڻي جماعت اسلامي ضلعي ناظمه خواتين حميده امداد، شهر جي ناظمه صفيا شمس الدين، امير جماعت اسلامي شهر شڪارپور مولانا صدرالدين مهر ايڊووڪيٽ علي اصغر ڦوڙ صلاح الدين مهر ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي. ريلي ۾ جماعت اسلامي حلقه خواتين جي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ عورتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن فلسطين ۽ غزه جي عوام جي حق ۾ نعرا هنيا ۽ غزه ۾ جاري انساني بحران تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته فلسطيني عوام سان يڪجهتي لاءِ عالمي برادري کي انساني بنيادن تي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ۽ غزه جي متاثر ماڻهن تائين امداد جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي.

بقايا 35 روزاني عبرت

بعد ۾ پريس ڪلب کي تالو هڻي گهر روانا ٿيا، جنهن کانپوءِ نامعلوم چورن دروازو ٽوڙي اندر داخل ٿي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا. واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس جا وڏو منشي الاهي بخش زرداري ۽ ننڍو منشي شفيق احمد تاريجو واقعي واري هنڌ پهچي معائنو ڪيو صحافين ايس ايڇ او بي سيڪشن ميهڙ ڊي ايس پي ميهڙ ۽ ايس ايس پي دادو صدام حسين خاصخيلي کان مطالبو ڪيو ته سنڌ پريس ڪلب مان چوري ٿيل سامان جلد کان جلد واپس ڪرائي، ملوث چورن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. صحافين وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن چوري ٿيل سامان رڪور نه ڪيو ويو ۽ جوابدارن خلاف ڪارروائي نه ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. هوڏانهن آزاد پريس ڪلب ميهڙ ۽ مهراڻ پريس ڪلب ميهڙ جون ٽيمون پڻ سنڌ پريس ڪلب پهتيون ۽ واقعي جي مذمت ڪندي صحافين سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو.

بقايا 36 روزاني عبرت

مرڪزي اڳواڻ زرقا هاليپوٽو پرهه هاليپوٽو عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ مهراڻ درس، سليمان هاليپوٽو مختياري بڪاري، جيوڻ ڪمار سٽو ڪولهي، مهندار ميگهواڙ فاضل هاليپوٽو سجل هاليپوٽو محبت هاليپوٽو ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته حڪيم هاليپوٽو عوامي تحريڪ ۽ فڪر رسول بخش پليجي جي پورهيت انقلابي نظريي ۽ پارٽي جو سچو وفادار ۽ جاکوڙي ڪردار هو هن ڪالاباغ ڊيم ۽ سنڌ دشمن منصوبن خلاف ٿيندڙ جدوجهدن، پيادل لانگ مارچن، ريلين ،جلسن جلوسن ۾ سرگرمي سان حصو ورتو ساهه جي آخري پساهه تائين جدوجهد جي ميدان ۾ رهيو اڳواڻن چيو ته سنڌ خلاف گهڻ طرفي منصوبا بندي ڪئي وئي آهي، سنڌ دشمن سرمائيدار ۽ اسٽيبلشمينٽ جي پاليل ايم ڪيو ايم جي دهشتگرد ٽولي ۾ وري هوا ڀري هٿيار کڻڻ ۽ سنڌ ۾ نسلي فساد ڪرائڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي. سنڌ جو ڪروڙين عوام فيصلو ڏئي ڇڏيو آهي ته سنڌ سنڌين جو تاريخي وطن ۽ ناقابل ورهاست آهي. سنڌ جي ورهاڱي تي بحث به برداشت نه ڪبو اڳواڻن چيو ته پاڪستان جي خالق قوم ۽ صوبي جي عوام کي ديوار سان لڳايو پيو وڃي، جيڪو ملڪي سالميت لاءِ خطرناڪ آهي. ملڪ ۾ نام نهاد جمهوريت جي ٿالهي ۾ بدترين آمريت مڙهيل آهي. سنڌ ۾ بدامني، لاقانونيت جو راڄ آهي، سنڌ ۾ پاڻي جو سخت بحران پيدا ڪري آبادگارن جا فصل تباهه ڪيا ويا آهن، اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته ٽنڊو باگو مان ريلي ڪڍي حڪيم هاليپوٽو جي آخري آرام گاهه تي جهنڊو چاڙهڻ کان پوءِ جلسو ڪيو ويندو

بقايا 37 روزاني عبرت

کي حراسان ڪري رهي آهي ٻارڙن اسڪول وڃڻ ڇڏي ڏنو آهي هن چيو ته پوليس اسان کي چئي رهي آهي ته اصغر ڏاهري توهان جو ٻرادر آهي جيڪو ڪيسن ۾ گهربل آهي هن چيو ته اصغر ڏاهري گذريل هڪ سال کان فيملي سميت لاپتا ٿي ويو آهي جنهن جي آڙ ۾ پوليس اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ۽ سردار خان محمد ڏاهري کان انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي انصاف نه ملڻ جي صورت ۾ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي

بقايا 38 روزاني عبرت

لغاري ۾ اڳوڻي ايم پي اي مرحوم بشير احمد سريوال جي فاتحه خواني بعد ميڊيا آڏو ڳالهائيندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته سڀ کان بهتر اها ڳالهه آهي ته ٻنهي ڌرين کي ويهي ڳالهين ڪري مسئلي کي حل ڪيو وڃي ڇو ته هي مسئلو ڏينهن ۾ حل ڪو نه ٿيندو ۽ هن ۾ ٽائيم لڳندو ۽ گڏجي آهسته آهسته حل ڪيو وڃي جڏهن ته ملڪ ڏيوالي ٿيڻ تي هو ان کي اسان حڪومت سان گڏجي بهتري طرف آندو آهي جنهن ڪري ڪنهن به ڌر کي ملڪ ۾ انتشار ۽ ڏڪير پکيڙڻ نه ڏنو ويندو هن چيو ته ڪڻڪ جي بحران کي حل ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت پاران ٻاهران ڪڻڪ گهرائڻ سان گڏ ننڍن آبادگارن ۽ هارين کي پڻ سهولتون فراهم ڪري پئي جڏهن ته پاڻي جي کوٽ ۽ مين روڊن جي مرمت جي مسئلن کي پڻ جلد کان جلد ڪوشش ڪري حل ڪرايو ويندو

بقايا 39 روزاني عبرت

زرعي توسيع کاتي حيدرآباد جي ڊائريڪٽر جنرل واري عهدي تي ريسرچ ڊپارٽمينٽ جي مظهرالدين ڪيريو کي اضافي چارج ڏئي مقرر ڪيو ويو آهي، جنهن تي کاتي جي آفيسرن ۽ ملازمن ۾ سخت ڳڻتي پکڙيل آهي هنن چيو ته کاتي جي سينيئر آفيسرن کي نظرانداز ڪري هڪ شعبي مان ٻي جي مقرر ڪرڻ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي فيصلي جي ڀڃڪڙي ۽ سينيئر آفيسرن جي حق تلفي آهي. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن ڊي جي جي مقرري منسوخ نه ڪئي وئي ته کاتي جا آفيسر ۽ ملازم ڪٽڪ سبسڊي سميت انتظامي معاملن جو بائيڪاٽ ڪري آفيسن کي تالا هڻڻ تي مجبور ٿيندا. مظاهرين سنڌ جي وڏي وزير ۽ صوبائي وزير زراعت کان مطالبو ڪيو ته موجوده ڊي جي جي مقرري فوري طور تي منسوخ ڪري کاتي جي ڪنهن سينيئر آفيسر کي ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪيو وڃي. ڪئي. اڳواڻن چيو ته سنڌ حڪومت پاران زرعي توسيع کاتي حيدرآباد جي ڊائريڪٽر جنرل واري عهدي تي ريسرچ ڊپارٽمينٽ جي مظهرالدين ڪيريو کي اضافي چارج ڏئي مقرر ڪيو ويو آهي،

حيدرآباد ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي سالگرهه تي سنڌ ڪانفرنس، وسيلن ۽ وحدت جي تحفظ جو عزم

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي هيڻن طبقي جو اڳواڻ هو، ڪيڏي نه وڏي ڳالهه آهي جو ان دور جي اڳواڻن کيس باباءِ سنڌ جو لقب ڏنو: قادر مگسي

اسان کي سنڌ ورهاڱي خلاف جدوجهد کي ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي ماضي جي جدوجهد سان جوڙي اڳتي وڌڻ پوندو: صفدر عباسي

اسان سنڌ ۽ ان جا وسيلا بچائڻ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون، سنڌ وطن آهي ان جي حيثيت ماءُ واري آهي: نمر حيدر جتوئي

سنڌ جي ورهاڱي پٺيان اصل مقصد سنڌ جي وسيلن تي قبضو ڪرڻ آهي (راحيل پٺو) سنڌ هن وقت شديد قومي طبقاتي جبر جو شڪار آهي: نواز خان زئنور

حيدرآباد (رپورٽ اعجاز لغاري) سنڌ هاري ڪاميٽي پاران باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي 125 هين سالگرهه جي حوالي سان ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ سنڌ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، ان موقعي تي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هاري ڪميٽي جي اجلاس کي ايس ٽي پي سربراهه قادر مگسي خطاب ڪري رهيو آهي

مورو ۾ جسقم پاران رضا محمد مستوئي جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج

ڪارڪنن امتياز آزاد ڪوسو، اصغر ڪورائي، مٺل مگسي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

رضا محمد جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي قانون جي گرفت ۾ آڻي سخت سزا ڏني وڃي

مورو (ن ع) نوان جتوئي ۾ ٽن معصوم ٻارڙن جي پيءُ جي قتل جو انصاف نه ٿيڻ خلاف جسقم جي پريس ڪانفرنس مورو پريسان نوان جتوئي ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ گولين جو نشانو بڻائي بيدردي سان قتل ڪيل ٽن معصوم ٻارڙن جي پيءُ رضا محمد عرف اڇي مستوئي جي قتل ڪيس ۾ انصاف نه ٿيڻ خلاف جسقم ضلعي نوشهروفيروز پاران پريس ڪانفرنس ڪئي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ڪبير ۾ ڳوٺاڻن جو پوليس کان تحفظ لاءِ احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ غفور وٽ واسين طفيل، ابراهيم وڏو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڳوٺ واسي عالم ڏوهاري نمبر جو ماڻهو هئڻ اسان لاڏائي ڇڏيو آهي ۽ پوليس تنگ ڪري رهي آهي

ڪوٽڙي محمد ڪبير (ن ع) ڳوٺ غفور وڏو حد ٿاڻو خانواهڻ واسين پوليس کان تحفظ لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهري جي اڳواڻي محمد طفيل وڏو، محمد ابراهيم وڏو، محمد عالم وڏو ۽ محمد امين وڏو ڪئي. ان دوران اڳواڻن ميڊيا آڏو ڏانهيو ته اسان جي ڳوٺ جو رهواسي اعظم وڏو ڏوهاري آهي جيڪو پوليس کي گهربل آهي، اسان اعظم وڏو کي ڳوٺ مان لڏائي ڇڏيو آهي. بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

راڌڻ لڳ 32 ورهين جي نوجوان ڦاهو کائي آپگهات ڪري ڇڏيو

راڌڻ (ن ع) راڌڻ جي چيد مشين پاڙي ۾ 32 ورهين جي نوجوان حسين بخش جانوري ولد ڪريم بخش جانوري مبينا طور ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي ذريعن موجب فوتي نوجوان مبينا طور آئس نشي جو عادي هو نوجوان جي والد ڪريم بخش جانوري ٻڌايو ته حسين بخش ڪجهه ڏينهن اڳ منشيات وڪرو ڪرڻ جي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

راڌڻ: فوتي نوجوان جو لاش سنڌس گهر ۾ پيل آهي

ڪوٽڙيءَ لڳ ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 4 ڄڻا زخمي، هڪ ڄڻو ڳنڀير زخمي حالت ۾ حيدرآباد منتقل

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جي بروهي چونڪ واري علائقي ۾ پٽا ۽ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٻارڻ جي معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو جهيڙي ۾ ڏنڊا ۽ سرويا لڳڻ سبب چانڊيا برادري جا 4 ڄڻا عاشق چانڊيو غلام حسين سجاد ۽ ارشاد چانڊيو زخمي ٿي پيا زخمين کي پوليس ليٽر ڏئي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر ۾ ٽن سالن کان بند پرائمري اسڪول خلاف احتجاج، ڌرڻو، روڊ بلاڪ

مظاهرين ننگرپارڪر مٺي مين روڊ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو، اينڊڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل

اسڪول ۾ 80 کان وڌيڪ ٻار داخل آهن، ٽن سالن کان اسڪول بند هجڻ ٻارن جي تعليم متاثر پئي ٿي: مظاهرين

اسڪول کولرائڻ لاءِ ڪراچي وڃي وزير تعليم سان ملاقات ڪئي، يقين ڏيارڻ باوجود مسئلو حل نه ٿيو

ننگرپارڪر (ن ع) ننگرپارڪر جي ڳوٺ گونڌي چيچر پاڙي جي ڳوٺاڻن شاگردن سميت گڏجي ٽن سالن کان سنڌن ڳوٺ جو پرائمري اسڪول بند هجڻ خلاف پريس ڪلب ننگرپارڪر آڏو احتجاج ڪرڻ بعد ننگرپارڪر مٺي مين روڊ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو ڳوٺاڻن محمد بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر: ٽن سالن کان بند پيل پرائمري اسڪول خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوآدم ويجهو نوجوان بيماري کان تنگ ٿي آپگهات ڪري ڇڏيو

ڳوٺ لانڊي واسي 30 ورهين جي شاهد علي پٽ موسيٰ ٿهيم پاڻ کي ڦاهو ڏنو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم تعلقه ٿاڻي جي حد ڳوٺ لانڊي ۾ 30 سالن جي شاهد علي پٽ محمد موسي ٿهيم مبينه طور گهر اندر ڦاهو کائي آپگهات ڪري ڇڏيو اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال پهچايو جتي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو پوليس موجب وارثن جو چوڻ آهي ته فوتي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: ڳوٺ لانڊي ۾ مبينه ڦاهو کائي آپگهات ڪندڙ نوجوان شاهد علي ٿهيم جو مڙهه پيل آهي

خيرپور پوليس پاران 11 جوابدارن کي گرفتار ڪري موٽرسائيڪلون ۽ منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ذ ر) خيرپور پوليس جو منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري، وڌيڪ 11 جوابدار گرفتار ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي جي هدايتن تي خيرپور پوليس پاران منشيات فروشن ۽ ڏوهارين خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڪارروايون دوران وڌيڪ 11 جوابدارن کي گرفتار ڪري، بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: جهيڙي دوران ڏنڊو لڳڻ سبب فوت ٿيل الهوڙايو سومرو جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

ٽنڊوآدم ۾ آئيس جي موالين ۾ مبينه جهيڙو، ڏنڊو لڳڻ سبب هڪ ڄڻو فوت

جيمر خان لڳ جهيڙي دوران 35 ورهين جو الهوڙايو سومرو ڏنڊي تي دم ڏنو

اطلاع تي پوليس پهچي جوابدار کي گرفتار ڪري لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي جيمر خان لڳ مبينه طور آئيس جي موالين جو پاڻ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران ڏنڊو لڳڻ ڪري 35 سالن جو الهوڙايو سومرو ڏنڊي تي فوت ٿي ويو ۽ جوابدار فرار ٿي ويو اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڪٺائي تعلقه اسپتال آندو جتان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي ڪيو پوليس جوابدار علي جان سمون کي گرفتار ڪري بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي: تيز رفتار اي سي ڪوچ جي ٽڪر ۾ واڪ ڪندڙ شخص فوت

گولاڙچي-ڪراچي مين روڊ تي تيز رفتار ڪوچ شوڪت آرائين کي ٽڪر هنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪوچ ڊرائيور موقعي تان فرار

گولاڙچي (ت ر) گولاڙچي—ڪراچي مين روڊ تي تيز رفتار اي سي ڪوچ واڪ ڪندڙ شخص شوڪت آرائين کي ٽڪر هڻي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: پير ودائي اڏي تي ڏهاڙي مزدور روزگار جي انتظار ۾ ويٺل آهن

پيروسڻ ۾ نوجوان جي قتل ۽ ٻن ڄڻن جي زخمي واقعي جي جوابدارن ٻنا دير گرفتار ڪيو وڃي: مولانا ادريس ڦلپوٽو

گمبٽ (ت ر) پيروسڻ ٿاڻي جي حد حبيب جي وانڊ پريسان ڳوٺ حاجي محمد سليمان انڙ ۾ نوجوان جي قتل ۽ ٻن ڄڻن جي زخمي ٿيڻ واري افسوسناڪ واقعي تي جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ) ضلعي خيرپور ميرس جي اڳواڻ ۽ امير مولانا بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

وفاقي حڪومت صرف پنجاب جي نمائندگي ڪرڻ تائين محدود بڻيل آهي: سسئي پليجو

وفاقي ڪابينا ۾ ويٺل اڪثريت صرف هڪ صوبي جي آهي تنهنڪري انهن جي سوچ به سنڌ مخالف آهي

مريم نواز ملڪ جي ٽن صوبن بابت جيڪا ٻولي ڳالهائي آهي ان جي سختيءَ سان مذمت ڪيان ٿي

مريم نواز ۽ پنجاب کي ته سنڌ سميت ٽنهي ننڍن صوبن جو شڪرگذار ٿيڻ گهرجي جو 70 فيصد ملڪ جي معدنيات سنڌ پوري ڪري ٿي

ٺٽو (ذ ر) پيپلزپارٽي جي اڳواڻ اڳوڻي سينيٽر سسئي پليجو چيو آهي ته سنڌ بابت تعصبي رويو رکندڙ ڌرين سميت پنجاب کي به هاڻي سوچڻ پوندو ته پاڪستان صرف اسلام آباد جي ڊي چوڪ بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار گرلز ڊگري ڪاليج ۾ سهولتن جي کوٽ، سيڪريٽري ڪاليجز جو دورو

ميڊيا رپورٽن بعد سيڪريٽري ڪاليجز نديم الرحمان ميمڻ ٽنڊوالهيار پهتو، ڪاليج جو معائنو

استادن ۽ شاگردياڻين جي کوٽ سميت پاڻي ۽ ٻين بنيادي سهولتن بابت سيڪريٽري کي انتظاميه پاران آگاهي

نديم الرحمان ميمڻ پاران جلد پاڻي ۽ سمورين سهولتن فراهم ڪرڻ جي خاطري

ٽنڊوالهيار (ذ ر) تعليم کاتي جو سيڪريٽري ڪاليجز نديم الرحمان ميمڻ ٽنڊوالهيار پهتو. سيڪريٽري ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفي لغاري سان گڏ گرلز ڊگري ڪاليج جو دورو ڪيو. جلد سهولتون مهيا ڪرڻ جي خاطري. خبر موجب ٽنڊوالهيار شهر ۾ گرلز ڊگري ڪاليج ۾ سهولتن جي کوٽ وارين خبرون ميڊيا تي هلڻ بعد تعليم کاتي جو سيڪريٽري بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: قاسم چوڪ روڊ تي ترسرين ۾ مختلف پکين جا مجسما رکيل آهن

ڪوٽڙي لڳ ٽرڪ ڊرائيورن کان ڦرلٽ، گاڏيون بيهاري ڌرڻو، مين روڊ بلاڪ، پوليس سان ڇڪرون

چانول گودام پريسان هٿياربندن ٽرڪ ڊرائيورن کان هزارين روپيا روڪ ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا

واقعي خلاف ڊرائيورن نيشنل هاءِ وي تي ٽرڪون بيهاري روڊ بلاڪ ڪري ڌرڻو هنيو، آمدرفت معطل

پوليس پاران احتجاج ختم ڪرائڻ جي ڪوشش دوران ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي، ڳالهين بعد روڊ کوليو ويو

ڪوٽڙي (رپورٽ حسين شورو) ڪوٽڙي سائيٽ ويجهو نيشنل هاءِ وي تي چانول گودام پريسان نامعلوم هٿياربندن پاران ٽرڪ ڊرائيورن کان هٿيارن جي زور تي هزارين روپيا روڪ ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا جنهن بعد ٽرڪ ڊرائيورن ٽرڪون روڊ تي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هڪ ٽينگر فٽ پاٿ تي ڪبوترن کي داڻو ڏئي رهيو آهي

حيدرآباد: شهيد هوش محمد شيدي جي مجسمي تي امن جا پکي ڪبوتر اڏامي رهيا آهن

گولاڙچي پريسان گوني شاخ ۾ لاباري لاءِ آيل ٽينگر ٻڏي فوت

ڊيپلي کان لاباري لاءِ آيل ڀيل برادري جو ٽينگر جيتمال ولد ڦوٽو ڀيل شاخ ۾ ٻڏي ويو

ڳوٺاڻن پاران پنهنجي مدد پاڻ تحت سرچ آپريشن، اي سي گولاڙچي واقعي واري هنڌ پهتو

گولاڙچي(ت ر) ڊيپلي کان لاباري لاءِ آيل ڀيل برادري جو ٽينگر گوني شاخ ۾ ٻڏي ويو انتظاميه حرڪت ۾ اچي وئي گولاڙچي پريسان هيڊ گراهڙي وٽ گوني شاخ ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي جتي ڊيپلي کان لاباري لاءِ آيل ڀيل برادري جو ٽينگر جيتمال ولد ڦوٽو ڀيل شاخ ۾ ٻڏي ويو اطلاع موجب ٽينگر گوني شاخ ۾ ٻڏي وڃڻ ڪانپوءِ علائقي جي ڳوٺاڻن فوري طور بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي پريسان اوطاق تي مهمان ٿي آيل دولتپور واسي اوچتو فوت

ڳوٺ غلام نبي جتوئي ۾ علي حسن ڏاهري ٻن ڏينهن کان مائٽن وٽ مهمان هو

رات ماني کائڻ بعد سمهي پيو، صبح جو اوطاق تي فوت ٿيل حالت ۾ مليو

گولاڙچي(ت ر) گولاڙچي پريسان ڳوٺ غلام نبي جتوئي ۾ مهمان ٿي آيل دولتپور واسي علي حسن ڏاهري اوچتو فوت ٿي ويو اوطاق جي مالڪ موجب علي حسن ڏاهري سان سنڌن ڊگهي عرصي کان مائٽاڻا واسطا هئا ۽ هو گذريل ٻن ڏينهن کان اوطاق تي ترسيل هو گذريل رات ماني کائڻ کانپوءِ علي حسن ڏاهري اوطاق ۾ سمهي پيو جڏهن ته صبح جو سنڌس فوت ٿيل جو بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڊپٽي ڪمشنر بدين جو ضلعي اطلاعات آفيس جو دورو

اطلاعات آفيسر سرفراز سمون پاران سرڪاري سرگرمين بابت ڊي سي کي بريفنگ

ڊپٽي ڪمشنر ذارا زاهد پاران آفيس جي مختلف شعبن جو پڻ دورو ڪري جائزو ورتو

بدين (ذ ر) ڊپٽي ڪمشنر بدين ذارا زاهد ضلعي اطلاعات آفيس بدين جو تفصيلي دورو ڪري آفيس جي انتظامي معاملن مجموعي ڪارڪردگي ميڊيا مينيجمينٽ سرڪاري سرگرمين جي تشهير بابت تفصيلي جائزو ورتو ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون ڊپٽي ڪمشنر بدين کي اطلاعات کاتي بابت تفصيلي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

بدين: ڊپٽي ڪمشنر ذارا زاهد اطلاعات آفيس جو دورو ڪري رهي آهي

جاتي فيڊر جون بجلي جون تارون چوري، سوين ڳوٺن ۾ بجلي بند

نامعلوم چور چار بجلي جا ٿنڀا ڪيرائي لڳ ڀڳ ڏهن ٿنڀن جون تارون چوري ڪري فرار

بجلي بند هجڻ سبب سارين جا ڪارخانا بند، مزدور بيروزگار، پاڻي کوٽ شدت اختيار ڪري وئي

جاتي (ن ع) جاتي سجاول روڊ تي ٻه ڏينهن اڳ جاتي فيڊر جي مين لائن جا چار بجلي ٿنڀا نامعلوم چورن ڪيرائي لڳ ڀڳ ڏهن ٿنڀن جون تارون چوري ڪري فرار ٿي ويا هئا، جنهن بابت نامعلوم جوابدارن خلاف سجاول ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي ٻئي طرف جاتي شهر سميت سوين ڳوٺن ۾ بجلي جي فراهمي معطل هجڻ سبب عوام کي سخت مشڪلاتن کي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ زال ۽ مڙس جو شادي شده ڌيءَ جي مبينا اغوا خلاف احتجاج

مسافر خاني مان نامعلوم مرد ۽ عورت ڌيءَ اميران کي ورغلائي کڻي ويا: والدين

درگاهه جي سي سي ٽي وي ڪيمرائن ۾ مبينا اغواڪارن جا فوٽيج موجود آهن مدد ڪئي وڃي

هالا (ت ر) هالا ۾ نوشهرو فيروز جي رهواسي زال مڙس پاران شادي شده ڌيءَ جي مبينا اغوا خلاف مدد جي اپيل ڪئي وئي آهي - نوشهروفيروز جي رهواسي غلام رسول چانڊيو ۽ سنڌس گهرواري زينب چانڊيو هالا پريس ڪلب ۾ سنڌن شادي شده ڌيءَ مسمات اميران جي گمشدگيءَ بابت صحافين آڏو ڏانهيندي چيو آهي ته پٽ شاهه ميلي کان پنج ڏينهن اڳ سنڌن بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ زرعي توسيع کاتي ڊيپوٽيشن تي ٻئي کاتي جي آفيسر جي مقرري خلاف مظاهرو

آفيسرن ۽ ملازمن پاران ڊائريڪٽر جنرل جي عهدي تي ڊيپوٽيشن تي مقرري خلاف احتجاج ڪيو ويو

کاتي جي سينيئر آفيسرن کي نظرانداز ڪرڻ سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي ڀڃڪڙي آهي: اڳواڻ

ڪوٽڙي (ن ع) زرعي توسيع کاتي جامشورو جي آفيسرن ۽ ملازمن پاران ڊائريڪٽر جنرل جي عهدي تي ڊيپوٽيشن تي ٻئي کاتي جي آفيسر جي مقرري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين جي اڳواڻي ايڊيشنل ڊائريڪٽر زراعت جامشورو ڊپٽي ڊائريڪٽر منظور بڙو، عامر اقبال، امتياز ٿيبو ۽ حاڪم سيال ڪري رهيا هئا. مظاهرين احتجاج ڪندي سخت نعريبازي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: هڪ ڪاريگر ٽانگي جي فريم کي رنگ ڪري رهيو آهي

ٽنڊوالهيار ۾ به فلسطيني عوام سان يڪجهتي لاءِ انساني هٿن جي زنجير ٺاهي مظاهرو

جماعت اسلامي جي سڏ تي ڪارڪنن ۽ شهرين جي وڏي شرڪت، فلسطين جي حمايت نعريبازي

فلسطيني قوم جي ثابت قدمي اڄ پوري دنيا لاءِ مثال بڻيل آهي: سهيل احمد شارق

ٽنڊوالهيار (ذ ر) امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعيم الرحمان جي سڏ تي 7 آڪٽوبر عالمي يوم مزاحمت جي موقعي تي سڄي ملڪ وانگر ٽنڊوالهيار ۾ به فلسطيني عوام سان يڪجهتي لاءِ انساني هٿن جي زنجير ٺاهي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين فلسطين جي حمايت ۾ بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ بلاول آرڪيڊ جي 8 دڪانن جي نيلامي ڪئي وئي

نظام شيخ پنهور پاران 18 هزار 700 رپيا في اسڪوائر فوٽ جي سڀ کان وڏي بولي لڳائي

حاصل ٿيندڙ آمدني شهر جي بنيادي سهولتن ۽ ترقياتي ڪمن تي خرچ ڪرڻ جو مطالبو

دادو(ذ ر) دادو ۾ بلاول آرڪيڊ جي 8 دڪانن جي نيلامي، نظام شيخ جي سڀ کان وڏي بولي، ضلعي ڪائونسل هال دادو ۾ بلاول آرڪيڊ جي 8 دڪانن جي نيلامي ٿي گذري، جنهن دوران مختلف واپارين ۽ بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ مبينا ڪاپي رائيٽ جي ڀڃڪڙي خلاف ڪارروائي، ٻه دڪاندارن گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي ڪراچي زون جي ڊائريڪٽر جي هدايتن تي ايف آءِ اي ڪارپوريٽ ڪرائيم سرڪل ڪراچي، M/s Treet Hygiene Razor پاران داخل بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڪيرو ويجهو قتل شهزاد مري جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن پاران احتجاجي ريلي

مظاهرين ڪيرو واهه کان امجد مري، عنايت مري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو

ٽي هفتا گذرڻ باوجود پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام آهي، انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

ڪيرو (ن ع) ڪيرو ويجهو ڪاهي ٿاڻي جي حد ۾ هميٽ فقير سوڙ وٽ ڪي هفتا اڳ بيدردي سان قتل ٿيل نوجوان شهزاد مري جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن ۽ برادري جي ماڻهن پاران ڪيرو واهه کان شهيد چوڪ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

بلڙي شاهه ڪريم ڊگري ڪاليج ۾ جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جي پروقار تقريب

ڊاڪٽر اقبال ميمڻ، عبدالرشيد سومرو، عبدالرزاق سومرو سميت استادن، شاگردن جي شرڪت

شاگردن ۽ شاگردياڻين رچ ۾ تقريرن ۽ نعتن جا مقابلا، بهترين ڪارڪردگي تي انعام، شيلڊون ڏنيون ويون

بلڙي شاهه ڪريم (ت ر) گورنمينٽ ڊگري ڪاليج بلڙي شاهه ڪريم ۾ جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جي پروقار تقريب ٿي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

اڪري چوڌگي صحت مرڪز ۾ ويم لاءِ آيل عورت فوت، وارثن پاران غفلت جو الزام، احتجاج

ڳوٺ محمد نواز شر جي رهواسي پورهيت علي نواز شر جي گهرواري ياسينا کي ويم لاءِ صحت مرڪز آندو

عورت دوران فوت ٿي وئي، وارثن پاران هيلٿ ورڪر جي لاپرواهي ۽ بروقت طبي امداد نه ملڻ جا الزام

وزير صحت، ڊپٽي ڪمشنر ۽ پي پي ايڇ آءِ انتظاميا نوٽيس وٺي شفاف انڪوائري ڪرائي انصاف ڪري: مظاهرين

گمبٽ (رپورٽ: مريد حسين ڪانوري) اڪري چوڌگي ۾ پي پي ايڇ آءِ جي انتظام هيٺ هلندڙ بنيادي صحت مرڪز بي ايڇ يو اسپتال اڪري ۾ مبينا غفلت سبب هڪ افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي ڳوٺ بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: فوت ٿيل عورت جو لاش سنڌس گهر ۾ پيل آهي

ڪيرو ۾ نوجوان پاڻ کي ڦاهو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو

اشرف ڪالوني واسي پکن ولد سرتو ڀيل انتهائي قدم کنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

ڪيرو (ن ع): ڪيرو جي اشرف ڪالوني ۾ نوجوان جو انب جي وڻ ۾ ڦاهو لڳل لاش هٿ آيو پوليس موجب نوجوان جي سڃاڻپ پکن ولد سرتو ڀيل طور ٿي آهي اطلاع ملڻ تي ڪيرو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي ۽ فوتي جو مڙهه ضروري ڪارروائي لاءِ تعلقي اسپتال ڪيرو منتقل ڪيو ويو پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي بابت جاچ ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته وڌيڪ بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: فلسطينين جي حق ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

بدين عدالت قتل ڪيس ۾ هڪ جوابدار کي موت ۽ ٻن کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي

بدين (ذ ر) بدين فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج بدين راڻو نديم جي عدالت قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدارعيسا ملاح کي موت جي سزاسميت ٻي سال قيد ڏهه لک روپيه ڏنڊ جي سزا جو حڪم بدين عدالت سگهوڙي ڪيس ۾نامزد وڌيڪ ٻن جوابدارن محمد بخش ۽عبدالڪريم کي عمرقيد 5-5لک روپيه ڏنڊ جي سزا جو حڪم ڏنو بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڦبو سعيد خان لڳ چار مهينا اڳ پسند جو پرڻو ڪندڙ شڪارپور واسي جوڙو بيدردي سان قتل

پير گلاب شاهه واري علائقي ۾ هٿياربندن نوجوان نذير ڪوسو ۽ ناري نغمه ڪوسو کي گوليون هڻي قتل ڪيو

فائرنگ ڪانپوءِ جوابدار فرار، اطلاع تي پوليس پهچي ٻنهي جا لاش ڪٺائي رورل هيلٿ سينٽر منتقل ڪيا

ڇوڪري جي پيءُ عنايت الله ڪوسو ۽ ٻين منهنجي پٽ ۽ سنڌس زال کي قتل ڪيو آهي: نوجوان جو والد

ڦبو سعيد خان (رپورٽ: فراز نظير ڪوسو) ڦبو سعيد خان ٿاڻي جي حد پير گلاب شاهه ۾ چار مهينا اڳ گهران نڪري لاڙڪاڻي جي عدالت ۾ پسند جي شادي ڪندڙ نوجوان شڪارپور واسي 28 ورهين جو بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوجام ۾ اغوا ڪيس خلاف عورتن جو احتجاج

ٽنڊوالهيار ۾ خاندان جي 11 ڄڻن خلاف اغوا ڪيس داخل ٿيڻ خلاف مظاهرو ڪيو

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ۽ ايس ايس پي ٽنڊوالهيار جاچ ڪري ڪيس ختم ڪرائي

ٽنڊوجام (ت ر) ڳوٺ ڪريمداد جي رهواسڻ فاطمه خاصخيلي ۽ ثمينه خاصخيلي اغوا جي مبينا ڪوڙي ڪيس خلاف ٽنڊوجام پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي ڏانهيو ته ٽي مهينا اڳ سنڌن ڀيڻ فضيلا خاصخيلي ۽ پاڻيجو عاطف خاصخيلي کي رسول بخش خاصخيلي ۽ امداد خاصخيلي مبينا طور اغوا ڪري ويا هئا، هنن چيو ته هڪ هفتو اڳ عاطف مبينا طور ڀڄي اچي وٽن بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم پوليس پاران مقابلي ۾ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم سٽي ٿاڻي جي لنجواڻي موڙ وٽ گشت دوران سٽي پوليس ۽ هٿياربندن وچ ۾ مبينه فائرنگ جي ڏي وٺ جي نتيجي ۾ پوليس هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته سنڌس 2 ساٿي اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿي ويا پوليس موجب ٽن هٿياربندن پوليس موبائيل کي ڏسندي ئي فائرنگ بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

سارين جو مناسب اگهه مقرر نه ٿيڻ خلاف آبادگار سراپا احتجاج

آبادگارن پاران سارين جو اگهه 3 هزار کان 3200 رپيا في مڻ مقرر ڪرڻ جو مطالبو

ڪارخانن جا مالڪ آبادگارن کان مزدورن جي نالي تي 25 رپيا في مڻ الڳ وٺي رهيا آهن: آبادگار

بدين (ذ ر) بدين جي اڳوڻي ڊپٽي ڪمشنر ۽ سارين جي ڪارخانن جي مالڪن ۽ آبادگارن وچ ۾ ٿيل گڏجاڻي دوران سارين جا اگهه مقرر ڪرڻ لاءِ جوڙيل ڪميٽي باوجود ضلعي انتظاميا طرفان فيصلي تي عمل نه ڪرڻ خلاف قومي عوامي تحريڪ سنڌي هاري تحريڪ ۽ آبادگار اڳواڻن سخت احتجاج ڪندي عملدرآمد جو مطالبو ڪيو آهي انڊس ۾ سنڌي هاري تحريڪ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ عورت جو مڙس ۽ سائورن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

خيرپور(ذ ر)خيرپورشاهه حسين ٿاڻي جي حد ڳوٺ آئيري جي رهواسڻ مسمات ثناء محمد ڦليوٽو پنهنجي مڙس ۽ سنڌس خاندان جي زيادتين خلاف پريس ڪلب خيرپور اڳيان احتجاج ڪندي چيو آهي ته ڪجهه سال اڳ سنڌس شادي گهروارن جي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: جرمني جي قونصل جنرل پاڪستان آءِ بينڪ سوسائٽي اسپتال ۾ ليزر مشين جو افتتاح ڪري رهيا آهن

لڪي غلام شاهه ۾ فلسطين سان يڪجهتي لاءِ جماعت اسلامي خواتين پاران ريلي ڪڍي وئي

لڪي غلام شاهه (ن ع) لڪي غلام شاهه ۾ جماعت اسلامي حلقه خواتين پاران غزه جي مظلوم عوام سان يڪجهتي ۽ حمايت جي اظهار لاءِ "طوفان اقصيٰ" ريلي ڪڍي وئي جيڪا شڪارپور پريس ڪلب آڏو پهچي احتجاجي مظاهري ۾ تبديل ٿي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: هڪ پيرسن ٽوال وڪرو ڪري رهيو آهي

پريس ڪلب ميهڙ مان نامعلوم چور دروازو ٽوڙي بيٽري، چارجر ۽ ٻيو ڪٽي فرار

پوليس پهچي واقعي واري هنڌ جو معائنو ڪيو، صحافين پاران سامان واپس ڪرائڻ جو مطالبو

سامان واپس نه ٿيڻ ۽ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ جي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌائڻ جو اعلان

ميهڙ (ن ع) سنڌ پريس ڪلب ميهڙ جي چيئرمين آمير ڊي منير لاشاري، جنرل سيڪريٽري نصرالله سولنگي، علي حسن چانڊيو ابراهيم چانڊيو واجد مهيسر سيد سرور شاهه صاحب خان هالي محرم ببن ظهور بروهي ۽ ٻين صحافين ٻڌايو ته هو روزاني بنياد تي رات جو تقريبن 11 وڳي تائين پريس ڪلب ۾ ويهندا آهن گذريل رات به صحافي پريس ڪلب ۾ موجود هئا، بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ شاهپور جهانيان واسي واپاري جو پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

مورو (ن ع) شاهپور جهانيان شهر جي ڪاروباري شخصيت وزير ڏاهري پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته دولتپور پوليس بناجواز اسان جي گهرن مٿان چڙهائي ڪري چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪري ڦرلٽ ڪري موٽر سائيڪل ۽ ٻيو سامان کڻي وئي آهي موٽمار ڏمڪيون ڏنيون پيون وڃن ڪوڙا ڪيس داخل ڪري اولاد بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

سنڌ کي ٽڪرا ڪرڻ، زمينن ۽ وسيلن تي قبضن خلاف هاري ڪانفرنس جون تياريون مڪمل

بدين ۾ حڪيم هاليپوٽو جي ورسي جلسي ۾ آبادگار، هاري ۽ سول سوسائٽي نمائندا شرڪت ڪندا

پاڻي جي بحران، 28هين ترميم ۽ سنڌ دشمن منصوبن خلاف جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان

بدين (ذ ر) عوامي تحريڪ سنڌياڻي تحريڪ ۽ سنڌي هاري تحريڪ ضلعي بدين جو گڏيل اجلاس جلسي جي تيارين جو جائزو ورتو ويو اجلاس کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر لال جروار سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر انور رند، سنڌي گرلس اسٽوڊنٽ تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ڪائنات هاليپوٽو سنڌياڻي تحريڪ جي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ملڪ ۾ انتشار ۽ وگوڙ سان نقصان ٿيندو، مسئلن جو حل ڳالهين ذريعي ڪڍيو وڃي: مير غلام علي ٽالپر

ٻنهي ڌرين کي ويهي ڳالهين ذريعي مسئلو حل ڪرڻ گهرجي، معاملا هٺ ڏيکارڻ ۾ حل نه ٿيندا

ملڪ کي ڊيوالپڻي کان بچائي بهتري طرف آندو ويو آهي، ڪنهن به ڌر کي انتشار پکيڙڻ نه ڏنو وڃي

ڪٽڪ جي بحران، پاڻي جي کوٽ ۽ مين روڊن جي مرمت جا مسئلا جلد حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن

گلاب لغاري (ن ع) ملڪ ۾ هلندڙ تحريڪ انتشار ۽ وگوڙ پيدا پئي ڪري جڏهن ته انتشار ۽ وگوڙ سان ملڪ جو نقصان ٿيندو اهڙو اظهار پ پ ايم اين اي مير غلام علي ٽالپر گلاب لغاري پريسان ڳوٺ ساٽڪ بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

پشاور: مقامي مارڪيٽ ۾ دڪاندار غليلون وڪرو ڪري رهيا آهن جن جو اڄ ڪلهه وڪرو وڌي ويو آهي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز سان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.